سال (18) خميس 13 نومبر 2025ع 21 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (53)

ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

68 Years 1958 - 2025

Regd: No-2430-B

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) خميس 13 نومبر 2025ع 21 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (90)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi — Thursday 13th November 2025

سال (18) خميس 13 نومبر 2025ع 21 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (53)

Daily Ibrat Hyderabad — Thursday 13th November 2025

ميثاقِ جمهوريت جي اڏاوڻ واعدن کي پورو ڪيو پيو وڃي، ڪنهن جو پيءُ به 18هين ترميم کي ختم نٿو ڪري سگهي: بلاول ڀٽو

18هين آئيني ترميم، سان پاڪستان ۾ عليحدگي پسندي جي سياست جي خاتمي ڪيو پيو، دهشتگردن خلاف گڏيل مقابلو ڪرڻ لاءِ آئيني عملداري جو قبول، اسان جي تاريخي ڪاميابي آهي: بلاول

پاڪستان جي فوج، سياستدان، سول سوسائٽي ۽ عوام ڀارتي جنگ ۽ دهشتگردن کي شڪست ڏني ۽ مستقبل ۾ به شڪست ڏينداسين، پاڪ فوج ۽ عوام اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي

فيلڊ مارشل جي پاڪ فوج کي دنيا ۾ سراهيو پيو وڃي، اسان مودي سرڪار کي عبرتناڪ شڪست ڏني، ڀارت کي اهڙي شڪست دنيا ۾ پاڪستان جي نئين سڃاڻپ بڻجي وئي آهي

آئيني بينچ جي ترميم ۾ پي ٽي آءِ جا خدشا به شامل، مولانا فضل الرحمان ووٽ ڏئي رهيو هو ته هن پي ٽي آءِ کان اجازت گهري هئي، پي ٽي آءِ اسان آڏو مولانا کي ووٽ ڏيڻ جي اجازت ڏني هئي

ڪنهن به ترميم جي قانونسازي جي طاقت، ته هونئي آهي ته هو ڪابينه، وفاقي ايگزيڪيوٽ سان منظور ٿئي ٿي، قانون سازيءَ جي طاقت اتفاق راءِ سان هوندي آهي، دهشتگردن کي شڪست ڏينداسين

سنڌ جو جيڪو مڪاني نظام، موجود آهي ان ۾ مقامي حڪومت کي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اختيار ڏنل رهيا آهن، ڏکڻ پنجاب تي اتفاق راءِ موجود آهي ان تي اڳتي وڌي سگهجي ٿو ته اسان کي خوشي ٿيندي

اسلام آباد (م د) آئيني ترميم ... ريو هو جڏهن مولانا فضل الرحمان ووٽ ڏئي رهيو هو ته هن پي ٽي آءِ کان اجازت گهري هئي، پي ٽي آءِ اسان آڏو مولانا کي ووٽ ڏيڻ جي اجازت ڏني هئي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڇڪرڻي ستاويهين آئيني ترميم واري بل جي ڪاپي ڦاڙي اڇلائي

ترميمن جو حصو نه بڻجنداسين، واڪ آئوٽ ۽ احتجاج به ڪنداسين: پي ٽي آءِ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي ... بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي مان به 27هين آئيني ترميم جي منظوري، مخالف ڌر جو احتجاج، ڪاپيون ڦاڙي ڇڏيون

قومي اسيمبلي ۾ 27هين آئيني ترميم جي شق وار منظوري جو عمل مڪمل ٿي ويو، اپوزيشن قومي اسيمبلي اجلاس جي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو

اجلاس دوران قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ 27هين آئيني ترميم جي منظوري لاءِ رٽ پيش ڪئي، چيف جسٽس جي عهدي تي ڪجهه شڪ شبها هئا: وزير قانون

اهو لکيل هو ته جيڪو موسٽ سينيئر هوندو اهو ڪميشن جي چيئر ڪندو، واضح ٿي ويو ته جسٽس يحيٰ آفريدي ئي چيف جسٽس رهندا

سموريون 59 شقون منظور ڪيون ويون. ترميم جي حمايت ۾ 233 ميمبرن ووٽ ڏنو، مخالفت ۾ 4 ووٽ آيا، جمعيت علماءِ اسلام ...

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي اسيمبلي ۾ 27هين آئيني ترميم جي شق وار منظوري جو عمل مڪمل ٿي ويو اپوزيشن قومي اسيمبلي اجلاس جي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو قومي اسيمبلي ۾ 27هين آئيني ترميم جي شق وار منظوري جو عمل مڪمل ٿي ويو ته اپوزيشن ...

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ اڳوڻو وزيراعظم ميان محمد نواز شريف قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ شريڪ آهن

اڄ بينظير ڀٽو جي روح کي سڪون مليو هوندو، مشاورت بنا 18هين ترميم ۾ ڪا تبديلي نه ٿيندي: وزيراعظم

آئيني عدالت جي قيام سان بينظير ڀٽو جي روح کي سڪون مليو هوندو اڄا اسان کي گهڻا معاملا طئي ڪرڻا آهن

اختلاف اپوزيشن جو حق آهي ۽ اسان ان جو احترام ڪريون ٿا، اسان کي گارگند ۽ ڏيڏيڙ جي سياست ختم ڪرڻي پوندي

معرڪہ حق ڪاڻپور جڏهن اسان آرمي چيف کي فيلڊ مارشل جو اعزاز ڏنو ته قوم ان کي سارلهيو، قومون هيروز کي اڪين ئي عزت ڏينديون آهن

مان هر ان شئي جي خلاف آهيان جيڪا وفاق کي ڪمزور ڪري، ڪالا باغ ڊيم ملڪ جي مفاد ۾ آهي پر ان سان وفاق ڪمزور ٿيڻ جو خطرو آهي

اسان جي ۽ بلاول ڀٽو جي سوچ ۾ ڪو فرق ناهي، اسان ڪجهه معاملن تي ويهي ڳالهائينداسين: وزيراعظم شهباز شريف جو اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي چيو آهي ته اڄ هن ايوان قومي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي وزيراعظم راجا پرويز اشرف سان ملي رهيو آهي

اسان ڳالهين کان انڪار ناهي ڪيو: بئريسٽر گوهر

وزيراعظم جي هدايت تي ڏاهپ ڪميٽي جي ڏن اجلاس کان اپوزيشن بائيڪاٽ ڪيو هو

اسلام آباد اپگهاتي ڌماڪو افسوسناڪ آهي، اسان هميشه ڳالهين جي ڳالهه ڪئي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

27هين آئيني ترميم عدليه کي ختم ڪرڻ جي سازش آهي: جماعت اسلامي

ڪراچي/حيدرآباد (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته 27 هين آئيني ترميم بادشاهت بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

وانا ڪيڊٽ ڪاليج تي حملي ۾ ملوث اپگهاتي بمبار سميت سمورا 5 دهشتگرد ماريا ويا

دهشتگرد ڌماڪيدار مواد سان ڀريل گاڏي ڪاليج جي مُک دروازي سان ٽڪرائي تعليمي ادارا ۾ داخل ٿي ويا هئا

ڪاليج جي عمارت ۾ تلاشي جو عمل اڃان تائين جاري آهي، ڇو ته اتي بارودي سرنگن جا خطرا موجود آهن: آءِ ايس پي آر

اهو واقعو پشاور جي آرمي پبلڪ اسڪول تي 2014 جي حملي کان به وڏو سانحو بڻجي سگهيو ٿي پر دهشتگردن کي ناڪام بڻايو

راولپنڊي (م د) خيبرپختونخواهه جي ضلعي ڏکڻ وزيرستان جي تعلقي وانا ۾ ڪيڊٽ ڪاليج تي حملو ڪندڙ اپگهاتي بمبار سميت سمورا 5 خوارج سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران مارجي ويا. آءِ ايس پي آر بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان فلپين جي اڳوڻي صدر گلوريا ميڪاپاگل ملاقات ڪري رهي آهي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان بيلاروس جي اڳوڻي پرڏيهي وزير سرگئي ايلينڪ جي ملاقات، ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف ۽ وزيراعظم شهباز شريف جو شاندار استقبال

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ستاويهين آئيني ترميم جو مقصد گورننس ۽ انصاف جي فراهمي آهي: عطاءُ الله تارڙ

مُخالف ڌر پنهنجي يادداشت وڃائي چڪي آهي، انهن جون سموريون حالتون ۽ واقعا 2022ع کان پڻتي نه ٿا وڃن

وانا ۾ 500 کان وڌيڪ ڪيڊٽس کي حفاظت سان بازياب ڪرايو آهي، اسان جي مُخالف ڌر رڳو ٽڪ ٽاڪ، يوٽيوب ۽ فيس بڪ جي سياست ڪري رهي آهي

ڪاش اسان کي سياسي مُخالف ڌر ملي ها، انهن جي سوچ 2020ع کان اڳتي نه ٿي وڃي، اسان سمجهائينداهئاسين ته سياسي مخالفت کي دشمني ۾ نه بدلايو

پي ٽي آءِ جي اندر ڪيترائي ڌڙا آهن پنهنجي دور ۾ اهي اقتدار جي ايوانن ۾ ويٺل نظر ايندا هئا ۽ حڪمرانن جا قصيدا پڙهندا هئا

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته 27هين آئيني ترميم جو مقصد گورننس ۽ انصاف جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ آهي اهو ڪيترن ئي ڏهاڪن جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪيڊٽ ڪاليج وانا ۾ آپريشن تي هر لمحي نظر رکي

قوم جا معمار اسان جو سرمايو آهن، سندن تحفظ يقيني بڻايو: فيلڊ مارشل جي هدايت

سيڪيورٽي فورسز وقت سر ڪارروائي ڪري خوارجين جي ان حملي ۽ ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو

هڪ اپگهاتي حملي آور ڌماڪو ڪيو جڏهن ته ٻين خوارجين گيٽ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي: آپريشن ڪمانڊر

رات 10 کان ساڍي 10 وڳي ويجهو خوارجين خلاف ڀرپور آپريشن کان پوءِ سمورن خوارجين کي ماريو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪيڊٽ ڪاليج وانا ۾ آپريشن تي هر بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق تاجڪستان جي پارلياماني وفد سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

اسحاق ڊار سان گڏيل عرب امارات جي فيڊرل نيشنل ڪائونسل جي ميمبر احمد مير هاشم ڪوري جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ اسلام آباد ڌماڪي ۾ شهيد ٿي ويلن لاءِ فاتحہ خواني

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير سان سريلنڪا جي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات

سريلنڪا ۽ پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيمن جي مئنيجرن پڻ ملاقاتون ڪيون

سريلنڪن هاءِ ڪمشنر هڪ ڀيرو ٻيهر ٽيم جي سيڪيورٽيءَ تي اطمينان جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو وفاقي وزير ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقوي سان سريلنڪا جي هاءِ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

چين جي پاڪستان ۾ دهشتگرد حملي جي مذمت

چين هر قسم جي دهشتگردي جي سخت مخالفت ڪري ٿو: چيني پرڏيهي وزارت

حملي ۾ ڪنهن به چيني شهري کي ڪنهن قسم جو نقصان نه پهتو آهي

بيجنگ (اي پي پي) چين اسلام آباد ۾ عدالت ٻاهران ٿيل اپگهاتي ڌماڪي جي شديد مذمت ڪئي آهي چين جي پرڏيهي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ سول ملٽري لاڳاپا بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي: فاروق ستار

سول ۽ ملٽري قيادت سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو ڪيس وڙهندي نظر ايندي آهي

28هين ترميم جو حڪومتي اعلان سٺو سنئون آهي، دفاعي معاهدي سان فائدو ٿيندو

اسلام آباد (اي پي پي) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار چيو ته ملڪ ۾ سول ملٽري لاڳاپا بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

27هين آئيني ترميم وقت جي ضرورت هئي: رضا حيات هراج

هي ايوان مقدس آهي ۽ ان کي آئين جو ڍانچو تبديل ڪرڻ جو اختيار آهي

آئين هڪ مقدس دستاويز آهي، ان جي ڍانچي ۾ تبديلي ايوان جو اختيار آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزير رضا حيات هراج چيو آهي ته 27هين آئيني ترميم وقت جي ضرورت هئي اها پهرين بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نيشنل لاينگ ڊيليگيشن فار منارٽي رائيٽس سي پي ايل بابت ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد ۽ صوبائي صلاحڪارن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ۽ راجوير سنگهه سوڍا سان گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

اسلام آباد ڪرڪيٽ ...

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي عدم مداخلت ۽ قومن وچ ۾ دوستاڻي لاڳاپن تي ٻڌل آهي: اسحاق ڊار

علائقائي رابطن، واپاري سهولت ۽ سيڙپڪاري جي حصيداري جي ذريعي معيشتون گڏيل خوشحالي حاصل ڪري سگهن ٿيون

سڄي دنيا مان آيل پارلياميانٽ ميمبرن جي موجودگي عڪاسي ڪري ٿي ته قومن وچ ۾ تعاون امن ۽ ترقي جو سڀ کان يقيني رستو آهي

دهشتگردي کي رد ڪيو آهي، اهي بزدلاڻيون ڪارروايون ان لعنت کي ختم ڪرڻ جي اسان جي قومي عزم کي ڪڏهن به ڪمزور نه ڪنديون: نائب وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار امن استحڪام ۽ ترقي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي لاءِ پاڪستان جي اٽل عزم جو ورجاءُ ڪندي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه جي قومي اسيمبلي ۾ آمد، اسپيڪر اياز صادق پاران آجيان، ميمبرن ڊيسڪون وڄائي استقبال ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه قومي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ڪنهن به قسم جي دهشتگردي کي برداشت نه ڪندو: دانيال چوڌري

دهشتگردن جي ڪاروائين جو ڀرپور ۽ موثر جواب ڏنو ويندو انهن کي شڪست ملندي

دشمن پاڪستان کي عدم استحڪام جو شڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان ڪنهن به قسم جي دهشتگردي کي برداشت نه ڪندو ۽ دهشتگرد ڪاروائين جو ڀرپور ۽ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جا سمورا ادارا مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪري رهيا آهن: شرجيل ميمڻ

ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبا شهري سهولت ۽ مستقبل جي پائيدار ترقي لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندا

ڪي فور منصوبو شهرين سان ڪيل هڪ واعدو آهي جنهن تحت صاف ۽ وافر پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي

وڏي وزير جي هدايت تي سمورن منصوبن جي رفتار تيز ڪئي وئي آهي، عوام حڪومت سان تعاون ڪري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبا شهري سهولت ۽ مستقبل جي پائيدار ترقي لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندا. ڪي-4 منصوبو ڪراچي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نوشهروفيروز لڳ هٿياربندن جو پوليس چوڪي تي حملو، فائرنگ ۾ ٻه اهلڪار شهيد

پڊيا پرسان ٿيل شاخ لڳ پوليس چوڪي تي ڌوهارين حملو ڪري اڻڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني

نتيجي ۾ جمعدار غلام حسين راڄپر ۽ سپاهي سعيد سولنگي مقابلو ڪندي گولين لڳڻ سبب موقعي تي ئي شهيد ٿي ويا

اطلاع تي ايس ايس پي نوشهروفيروز روحل کوسو پهچي شهيد اهلڪارن جا مڙهه کڻائي اسپتال منتقل ڪيا

پڊياسٽي/نوشهرو فيروز (نمائندن وٽان) گذريل رات نوشهرو فيروز ضلعي جي پڊيا شهر پرسان ٿيل شاخ لڳ قائم پوليس چوڪي تي ڌوهارين پوليس مٿان خوفناڪ حملو ڪري پوليس چوڪي تي اڻڌاڌنڌ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پڊياسٽي: پڊيا روڊ پوليس چوڪي تي حملي ۾ شهيد ٿيل اهلڪارن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي، ٻئي طرف حياتي جون تصويرون

خاندان کي سوا ٽي ٽي ڪروڙ رپيا مالي امداد طور ڏنا ويندا: آءِ جي سنڌ

شهيدن جو رت رائيگان نه ويندو، جوانن پنهنجو رت ڏئي فرض نڀايو آهي

اهلڪارن جي وارثن کي هڪ هڪ نوڪري ۽ رٽائرمينٽ تائين پگهارون ۽ مراعاتون ڏنيون وينديون

نوشهروفيروز: آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ پوليس جي بهادر جوانن پنهنجو رت ڏئي عوام جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

جنازي نماز ۾ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ڊي آءِ جي ۽ ٻين عملدارن جي شرڪت

نوشهرو فيروز: جنازي نماز ۾ آءِ جي سنڌ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنگين غداري ڪيس: 27 هين آئيني ترميم ذريعي آرٽيڪل 6 ۾ تبديلي جو فيصلو

حڪومتي اتحاد 27هين ترميم وسيلي آرٽيڪل 6 جي ڪلاز 2 ۾ تبديلي ڪرڻ تي متفق ٿي ويو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت 27هين آئيني ترميم ذريعي آرٽيڪل 6 جي ڪلاز 2 ۾ تبديلي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، حڪومتي اتحاد 27هين ترميم وسيلي آرٽيڪل 6 جي ڪلاز 2 ۾ تبديلي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: هڪ ناري اسڪوٽي تي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهي آهي

ڪراچي بار پاران اسلام آباد ڌماڪي خلاف هڙتال، ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

وڪيلن جي هڙتال سبب سٽي ڪورٽ ۾ عدالتي ڪارروايون مڪمل معطل ڪيون ويون

وڪلا ڪنوينشن ۾ 27 هين ترميم عدليا کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش قرار، تحريڪ هلائڻ جو جائزو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار پاران اسلام آباد ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي ٻاهران بم ڌماڪي جي مذمت ڪندي بم ڌماڪي ۾ شهيدن ٿي ويلن جي ياد ۾ ڪراچي بار پاران مڪمل هڙتال ڪري ڪارو ڏينهن ملهايو ويو هڙتال سبب سٽي ڪورٽ ۾ عدالتي ڪاروايون مڪمل معطل ڪيون بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عالمي ڪتابي ميلي جون تياريون شروع، پنج لک کان وڌيڪ ماڻهو شريڪ ٿيندا

ايڪسپو سينٽر ۾ 20 هون عالمي ڪتابي ميلو 18 کان 22 ڊسمبر تائين منعقد ٿيندو: ڪامران نوراني

هي ميلو پڙهندڙن ليکڪن ۽ ادارن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪندو: ڪنوينر وقار متين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 20 هون عالمي ڪتاب ميلو ڪراچي ۾ ٿيڻ لاءِ تيار آهي، جيڪو 18 ڊسمبر تي شروع ٿيندو ۽ پنج ڏينهن تائين جاري رهندو. ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڪراچي عالمي ڪتاب ميلي جي حوالي سان هڪ پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي پاڪستان بڪ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي سمنڊ ۾ وهنجندي پنج شاگرد ٻڏي ويا، ٽي ڄڻا فوت، ٻه نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل

ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي جا شاگرد شريف، اشهد عباس ۽ احمد ٻڏي فوت ٿي ويا، مجيد ۽ رضوان کي بچايو ويو

بچي ويل ٻنهي شاگردن کي طبي امدا بعد نازڪ حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

نوجوانن جو 150 ڄڻن جو گروپ پنهنجي آخري سال جي جشن ملهائڻ لاءِ سمنڊ ڪناري آيل هو: انتظاميا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي منهوڙي ۾ سمنڊ ۾ وهنجڻ دوران پنج ماڻهو ٻڏي ويا واقعي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو اهلڪارن انهن جي ڳولا شروع ڪئي جن مان ٽن ماڻهن جا لاش بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني حڪومت ۽ فرانس جي سفارتخاني جو "پاڪستان منرلز اڪانومي" جي عنوان سان ويبينار

گرين انرجي ٽامي، ليٿيم جهڙين معدنيات کي مستقبل جي ٽيڪنالاجي لاءِ اهم بڻائي ڇڏيو آهي: علي پرويز ملڪ

پاڪستان جون مائننگ ۽ سيڙپڪاري جي ماحول کي مضبوط ڪرڻ جون ڪوششون قابل تعريف آهن: نڪولس گيلي

فرينچ ڪمپنين لاءِ پاڪستان جي مائننگ جي شعبي ۾ موقعن کي اجاگر ڪرڻ ۾ فورم تمام مددگار آهي: بينجمن گيلارڊ

پاڪستان ۽ فرانسيسي اسٽيڪ هولڊرز سروي، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ پائيدار مائننگ جي طريقن ۾ تعاون ڪرڻ تي متفق آهن

اسلام آباد (اپ ر) پاڪستان جي حڪومت ۽ فرانس جي سفارتخاني گڏيل طور تي "پاڪستان منرلز اڪانومي: گيٽ وي ٽو گروٿ" جي عنوان سان هڪ اعليٰ سطحي ويبينار منعقد ڪيو پيٽروليم جي وفاقي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ۽ فرانسيسي سفير نڪولس گيلي پاڪستان ۽ فرانس جي وچ ۾ معدنيات جي شعبي ۾ سهڪار بابت ويبنار ۾ شريڪ آهن

سنڌ جي انساني حقن واري کاتي پاران ڏانو ڏانڊل ۾ ٽن نوجوانن جي المناڪ موت جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي انساني حقن بابت خاص مددگار راجوير بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار پاران اسلام آباد عدالت ۽ وانا ڪيڊٽ ڪاليج تي دهشتگردن جي حملي جي مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار پاران اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ عدالت ۽ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ميزان بئنڪ پاران "ميرا گهر ميرا آشيانا" هائوسنگ اسڪيم منصوبي جو آغاز

گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ گهر جي مالڪي کي ممڪن بڻائڻ اسان جو عزم آهي: سي اي او

هي اسڪيم معيشت، روزگار ۽ تعميراتي شعبي ۾ نوان موقعا پيدا ڪندي: يوسف حسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جامع ۽ گهٽ قيمت واري هائوسنگ کي فروغ ڏيڻ لاءِ اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان (ايس بي پي) جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪار جي ٽڪر ۾ روڊ تي ڪرندڙ فوڊ ڊليوري رائيڊر کي ٽرڪ چيڀاٽي ڇڏيو

نارٿ ناظم آباد ۾ ڪار جو ٽڪر لڳڻ سبب موٽر سائيڪل سوار 20 سالن جو رائيڊر بابر روڊ تي ڪري پيو

پويان ايندڙ ٽرڪ نوجوان مٿان چڙهي وئي، جنهن سبب هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ناظم آباد لنڊي ڪوتل ويجهو ڪار جي ٽڪر ۾ روڊ تي ڪرندڙ آن لائن فوڊ ڊليوري رائيڊر کي ٽرڪ ڪچلي ڇڏيو تفصيل موجب ڪراچي ۾ نارٿ ناظم آباد لنڊي ڪوتل چورنگي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ موبائل شاپ تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان واپاري قتل

عزيز آباد ۾ موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 30 سالن جو حسن علي قتل ٿي ويو

مقتول روزانو هڪ ڪلاڪ پنهنجي پاءِ جي دڪان تي ايندو هو واقعو ٽارگيٽ ڪلنگ لڳي ٿو: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي عزيز آباد ۾ بلاڪ 3 ۾ صديق آباد جي ويجهو موبائل شاپ تي فائرنگ جي نتيجي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ سان عالمي بئنڪ جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پوليس خلاف ڪدڙن فقيرن جو احتجاج، گهر تي چڙهائي ۽ تشدد جا الزام

ڪورنگي ٿاڻي جي پوليس ٽيجي چيڪل جي عورت صحافي سان گڏجي اسان جي گهر تي چڙهائي ڪئي

گهر مان نقد رقم ۽ قيمتي سامان چوري ڪيو ويو تشدد ۾ عورت صحافي به شامل آهي: ڪدڙا فقير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب جي اڳيان ڪدڙن فقيرن جو احتجاج پوليس خلاف نعره بازي ڪراچي ۾ ڪدڙن فقيرن بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فتنہ الخوارج سان لاڳاپيل انتهائي گهربل دهشتگرد گرفتار، هٿيار ۽ بارود هٿ

رينجرز ۽ سي ٽي ڊي پوليس ڳجهي اطلاع تي شير شاهه جي علائقي ۾ گڏيل ڪارروائي ڪئي

گرفتار دهشتگرد محمد نور عرف خر پاران بم ڌماڪن، ڀتا خوري ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) هيڊڪوارٽرز پاڪستان رينجرز (سنڌ) موجب، رينجرز ۽ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ چيف سيڪريٽري ايمرجنسي آپريشن سينٽر پهتو، ويڪسينيشن مهم بابت بريفنگ

صوبي ۾ ارڙيءَ، روبيلا ۽ پوليو جي قومي ويڪسينيشن مهم جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو

گادي واري شهر ۾ پوليو خلاف قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي: آصف حيدر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه اربع ڏينهن ايمرجنسي آپريشن سينٽر (اي او سي) جو بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اپوزيشن حڪومت سان ڳالهين لاءِ ميز تي اچي، مڪمل مدد ڪنداسين: اسپيڪر جي آڇ

وزيراعظم هن ايوان ۾ ويهي ڳالهين جي بار بار آڇ ڪئي آهي، وزير قانون ڳالهين ڏانهن اچڻ لاءِ چيو آهي

مون خلاف هن اليڪشن ۾ ڪا عذرداري نه آهي، اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪرڻ ڳالهين کان فرار ٿيڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق اپوزيشن کي آڇ ڪئي آهي ته اها حڪومت سان ڳالهين لاءِ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ شخص گرم ڪپڙا وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

هڪ شخص جي خوف ۾ حڪمران پنهنجي سياست پيا ختم ڪن: اختر مينگل

انهن رڳو هڪ ماڻهو جي سياست ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي سڄي سياست ۽ جدوجهد کي راڪ بڻائي ڇڏيو

هن ترڪيءَ کي فوري طور ختم ڪريو ته تاريخ ڪڏهن به معاف نه ڪندي ته اوهان ڇا ڪيو: بي اين پي سربراهه

خضدار (م د) بي اين پي مينگل جي سربراهه اختر مينگل ٽوئيٽ ڪيو آهي ته رڳو هڪ ماڻهو جي سياست ختم ڪرڻ لاءِ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سرچ آپريشن، غير قانوني طور رهندڙ 10 کان وڌيڪ افغاني گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سچل ٿاڻي جي حد ۾ ابوالحسن اصفهاني روڊ تي سرچ آپريشن ڪيو ۽ غير قانوني طور بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

اسان جي ترجيح اهي منصوبا آهن جيڪي سڌو سنئون ماڻهن کي فائدو ڏين: وڏو وزير

وفاقي، صوبائي ۽ غير ملڪي امداد سان هلندڙ وڏين شاهراهن جي منصوبن مقرر وقت اندر مڪمل ڪيو وڃي

ٻوڏ کانپوءِ ايشيائي ترقياتي بينڪ جي سهڪار سان روڊن کي وڌيڪ مضبوط ۽ جديد انداز ۾ تعمير ڪنداسين

سنڌ جي بنيادي ڍانچي کي جديد طرز تي استوار ڪرڻ، علائقائي رابطن کي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهيون: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي جي ترقياتي منصوبن جو جائزو وٺڻ لاءِ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته وفاقي، صوبائي ۽ غير ملڪي امداد سان هلندڙ وڏين شاهراهن جي منصوبن تي ڪم جي رفتار تيز ڪئي وڃي ته جيئن اهي مقرر بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گهرو کاتي سان منسوب سيڪيورٽي سان لاڳاپيل اعلان من گهڙت ۽ بي بنياد قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مختلف ميڊيا ادارن ۽ سوشل ميڊيا ادارن سوشل ميڊيا تي سنڌ جي گهرو کاتي سان منسوب سيڪيورٽي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گورنر پاران ڪيڊٽ ڪاليج وانا ۾ ڪامياب سيڪيورٽي آپريشن تي فورسز کي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ڪيڊٽ ڪاليج وانا ۾ ڪامياب سيڪيورٽي آپريشن تي فورسز بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سکر: مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل سلطان شاهه ۽ پٽ جا لاش رڙهي تي نيا پيا وڃن

بقايا 1 ڦاڙي چڙهيون

قانون واري وزيراعظم نذير تارڙ 27هين آئيني ترميم جي منظوري لاءِ رٽ پيش ڪئي هن چيو ته بار ڪائونسل ايسوسيئيشن جي مشاورت ڪانسواءِ چيف جسٽس جي عهدي تي ڪجهه شڪ شبها هئا، اهو لڪيل هو ته جيڪو موسٽ سينيئر هوندو اهو ڪميشن کي چيئر ڪندو ترميمن سان واضح ٿي ويو ته جسٽس يحيٰ آفريدي ئي چيف جسٽس هوندو ان ڪانسواءِ 27هين آئيني ترميم تي شق وار ووٽنگ ڪئي وئي ۽ سمورين 59 شقون منظور ڪيون ويون. ترميم جي حمايت ۾ 233 ميمبرن ووٽ ڏنو

بقايا 2 وزيراعظم

اتحاد کي هٽي ڏني. آئيني عدالت جي قيام سان بينظير ڀٽو جي روح کي سڪون مليو هوندو اڄا اسان کي گهڻا معاملا طئي ڪرڻا آهن ۾ مشاورت بنا 18هين ترميم ۾ ڪا تبديلي نه ٿيندي آئيني ترميم جي منظوري ڪانپوءِ تقرير ڪندي وزيراعظم چيو ته اختلاف اپوزيشن جو حق آهي ۽ اسان ان جو احترام ڪيون ٿا، اسان کي گارگند ۽ ڏٺيڙ جي سياست ختم ڪرڻي پوندي، هن وقت الله پاڪ پاڪستان کي جيڪا عسڪري ۽ سفارتي محاذ تي عزت ڏني آهي اها اڳ ۾ نه هئي هن چيو ته معرڪ حق ڪانپوءِ جڏهن اسان آرمي چيف کي فيلڊ مارشل جو اعزاز ڏنو ته قوم ان کي ساراهيو هاڻ جڏهن آئين ۾ ان کي شامل ڪيو پيو وڃي ته کهڙي بري ڳالهه آهي.

بقايا 3 بئريسٽر گوهر

مخالف ڌر اڳواڻ بئريسٽر گوهر خان چيو آهي ته اسان ڳالهين کان انڪار نه ڪيو آهي جڏهن ته اسپيڪر چيو ته وزيراعظم جي هدايت تي ڏاهيل ڪميٽي جي ٻن اجلاسن کان اپوزيشن بائيڪاٽ ڪيو هو اربع ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ بئريسٽر گوهر خان اعتراض واري نڪتي تي چيو ته اسلام آباد آپگهاتي ڌماڪو افسوسناڪ آهي اسان هميشه ڳالهين جي ڳالهه ڪئي آهي.

بقايا 4 اسحاق ڊار

چيو آهي ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي گڏيل قومن جي چارٽر جي اصولن يعني خودمختيار برابري، تڪرارن جي پرامن حل، عدم مداخلت ۽ قومن جي وچ ۾ دوستاڻي لاڳاپن تي ٻڌل آهي. علائقائي رابطن، واپاري سهولت ۽ سيڙپڪاري جي حصيداري جي ذريعي معيشتون گڏيل خوشحالي حاصل ڪري سگهن ٿيون اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه اربع ڏينهن بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو هن علائقائي تعاون، تڪرارن جي روڪٿام ۽ برابر ترقي جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل وڪالت جو ذڪر ڪندي چيو ته استحڪام ۽ ترقي جي لاءِ ڳالهه ٻولهه سدائين کان اسان جو ترجيحي ذريعو رهيو آهي هن سڄي دنيا مان آيل پارليامينٽ ميمبرن، نمائندن ۽ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو ته انهن جي موجودگي ان گڏيل يقين جي عڪاسي ڪري ٿي ته قومن جي وچ ۾ تعاون امن ۽ ترقي جو سڀ کان يقيني رستو آهي. هن چيو ته سينيٽ چيئرمين ۽ بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس جي باني چيئرمين سينيٽر سيد يوسف رضا گيلاني جي ويزن موجب سينيٽ آف پاڪستان تحت منعقد ٿيندڙ هن ڪانفرنس گهڻ رخي پائيداريت جي ذريعي امن سلامتي ۽ ترقي کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل ڪوشش ۾ هڪ بيو سنگ ميل آهي.

بقايا 5 دانيال چوڌري

موثر جواب ڏنو ويندو جيڪي عنصر باهرئين مدد يا پراڪسيز جي ذريعي پاڪستان کي عدم استحڪام جو شڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن انهن کي منهن توڙ جواب ڏنو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن گڏيل ڏينهن لياقت باغ اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ نئين سوئمنگ پول ۽ رانديگرن جي هاسٽل جي افتتاح جي موقعي تي ڪيو افتتاحي تقريب ۾ رانديگرن ۽ ثقافت واري صوبائي وزير ملڪ فيصل ايوب کوکر اسيمبلي ميمبرن ڊپٽي ڪمشنر رانديگرن سان واڳيل شخصيتن، رانديگرن ۽ رانديگرن واري کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته پنجاب حڪومت وزيراعليٰ مريم نواز جي هدايت تي نوجوانن جي لاءِ صحتمند سرگرمين جا موقعا وڌائي رهي آهي انهي سلسلي ۾ جديد سهولتن سان ليس سوئمنگ پول ۽ هاسٽل جو قيام راولپنڊي جي رانديگرن جي لاءِ قيمتي سرمايو ثابت ٿيندو منصوبي جي مجموعي لاڳت اٽڪل 60 ڪروڙ رپيا ٻڌائي وئي آهي هن چيو ته پهريون پيرو ان ڪمپليڪس ۾ رانديگرن جي رهائش جي لاءِ هاسٽل تعمير ڪيو ويو آهي جنهن سان قومي ۽ عالمي ٽيمن جي ميزباني ممڪن ٿيندي ۽ ايونٽس دوران خرچن ۾ گهٽتائي ايندي هن ٻڌايو ته پنجاب جي وزيراعليٰ جي خصوصي هدايت تي عورتن جي لاءِ جدا جم قائم ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح ماضي ۾ اسان جي حڪومت عورت هاڪيءَ جي فروغ جي لاءِ رومين هاڪيءَ گرائونڊ ۾ جديد آسٽروٽرف وڇايو ته جيئن عورتون آسانيءَ سان راندين ۾ حصو وٺي سگهن هن چيو ته مسلم ليگ (ن) سدائين راولپنڊي جي ترقي ۾ اڳ کان اڳڀري رهي آهي.

بقايا 6 شرجيل ميمڻ

جي ماڻهن سان ڪيل هڪ واعدو آهي جنهن تحت شهر کي صاف ۽ وافر پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جا سمورا ادارا وڏي وزير جي هدايتن موجب مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪري رهيا آهن عزيز ڀٽي پارڪ کان اردو يونيورسٽي تائين پاڻي جي پائيپ لائين وڇائڻ جو مقصد شهرين کي ڊگهي مدت جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي. عارضي ٽريفڪ جا مسئلا ضرور پيدا ٿي رهيا آهن پر اهي مسئلا مستقل حل ڏانهن پيش رفت آهن عوام کي اپيل آهي ته اهي تعاون ڪن.

بقايا 7 اهلڪار شهيد

فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ جمعدار غلام حسين راڄپر ۽ سپاهي سعيد سولنگي ڏوهارين سان مقابلو ڪندي گولين لڳڻ سبب موقعي تي ئي شهيد ٿي ويا حملو ڪندڙ سرڪاري هٿيار به پاڻ سان گڏ کڻي فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جنهن بعد سمورو علائقو خوف ۽ هراس ۾ وڪڙيل رهيو واقعي واري جاءِ تي فوري طور ايس ايس پي نوشهروفيروز روحل کوسو پهچي شهيد اهلڪارن جا مڙهه ڪٽائي ۽ سنڌن غسل ڏياري ڪفن پهرائي پوليس لائين نوشهرو فيروز ۾ آندا ويا جتي سنڌن جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي.

بقايا 8 آءِ جي سنڌ

حفاظت جو فرض نڀايو آهي شهيدن جو رت ڪڏهن به رائيگان نه ويندو پوليس تي حملو ڪندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ جلد کان جلد آندو ويندو آءِ جي سنڌ وڌيڪ اعلان ڪيو ته شهيد اهلڪارن جي وارثن کي هڪ هڪ نوڪري ڏني ويندي رٽائرمينٽ تائين پگهارون ۽ مرعاتون سنڌن پوئينرن کي فوري طور جاري ڪيون وينديون جڏهن ته هر شهيد جي خاندان کي سوا ٽي ٽي ڪروڙ رپيا مالي امداد طور پڻ ڏنا ويندا. جڏهن ته شهيدن جا لاش کنيا ويا ته پوليس لائين ۾ انتهائي ڏک ۽ غم وارو ماحول ڇانئجي ويو.

بقايا 9 شرڪت

غلام نبي ميمڻ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد فيصل بشير ميمڻ سيشن جج امير علي مهيسر ايس ايس پي نوشهرو فيروز روحل کوسو، ضلعي چيئرمين حاجي سهيل اختر عباسي، پوليس جا اعليٰ آفيسر سياسي سماجي اڳواڻ، وڪيل برادري ۽ صحافين سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز دوران سڄو ماحول سوڳوار بڻيل رهيو جڏهن ته پوليس طرفان شهيدن کي سلامي پڻ پيش ڪئي وئي ۽ جنازن کي قومي جهنڊي ۾ ويڙهي اباڻن ڳوٺن ڏانهن روانو ڪيو ويو جتي سنڌن تدفين پڻ پوليس جي اعزاز سان ڪئي وئي.

بقايا 10 تبديلي جو فيصلو

ڪرڻ تي متفق ٿي ويو آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته آرٽيڪل 6 جي ڪلاز 2 ۾ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ سان گڏ "آئيني عدالت" جا لفظ شامل ڪيا ويندا ان ڪانسواءِ ڪلاز 2 تحت سنگين غداري وارو عمل ڪنهن به عدالت طرفان جائز قرار نه ڏني سگهبو.

بقايا 11 ملهايو ويو

ويون. هڙتال سبب سٽي ڪورٽ جون سمورا مک دروازا بند ڪيا ويا، سائلين دروازن تان واپس ٿي ويا ٻئي پاسي ڪراچي بار پاران 27هين ترميم خلاف سٽي ڪورٽ ۾ وڪلا ڪنوينشن منعقد ڪيو جنهن ۾ ڪراچي بار، ملير بار سميت ملڪ جي بين بارز جي عهديدارن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي .وڪيلن جو چوڻ هو ته وهين 27 ترميم عدليا کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش آهي .هتي اسان کي ڪهڙي قيمت تي قبول نه آهي .هنن چيو ته آزاد عدليا جي لاءِ تحريڪ هلائي ويندي .وڪيلن جو ڪنوينشن ،احتجاج سميت ٻيا رستي اختيار ڪيا ويندا . ڪراچي بار جي نائب صدر ڪاظم مهيسر چيو ته 27ترميم ذريعي سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، سنڌ جي وسيلن جي لٽ ڦر ۽ قبضا ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي .غير قانوني ترميم واپس نه ورتي وئي ته سنڌ مان هڪ وڏي تحريڪ جي شروعات ٿي چڪي آهي

بقايا 12 شريڪ ٿيندا

سيلرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين ڪامران نوراني چيو ته ڪراچي عالمي ڪتاب ميلو 18 کان 22 ڊسمبر 2025 تائين ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ منعقد ٿيندو بين الاقوامي ڪتاب ميلي ۾ لڳ ڀڳ 300 اسٽال لڳايا ويندا پاڪستان پبلشرز اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن سنڌ ۾ پبلشرز ۽ ڪتاب سيلرز جي هڪ رجسٽرڊ نمائندي تنظيم آهي ڪراچي عالمي ڪتاب ميلو پاڪستان جي علمي ۽ ثقافتي منظرنامي ۾ هڪ اهم ۽ روايتي تقريب بڻجي چڪو آهي هي ڪتاب ميلو پڙهندڙن ليکڪن ۽ ادارن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪندو ته جيئن علم ۽ ڪتابن جي اهميت کي اجاگر ڪري سگهجي.

بقايا 13 اسپتال منتقل

ڪيا ويا پوليس چيو ته ٻڏي ويل ماڻهو ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي جا شاگرد آهن. شاگردن جو گروپ پڪنڪ لاءِ سمنڊ ۾ آيو هو پوليس چيو ته افسوسناڪ واقعي ۾ ٽي ماڻهو ٻڏي ويا، ٽنهي ماڻهن جا لاش ڪڍيا ويا، ٻن ماڻهن کي نازڪ حالت ۾ ڪڍيو ويو فوتين جي سڃاڻپ شريف، اشهد عباس ۽ احمد جي نالي سان ٿي پوليس موجب واقعي ۾ فوت ٿيندڙن جي عمر 25 کان 28 سالن جي وچ ۾ آهي فوري طور تي امدادي ڪارروائي دوران 2 ماڻهن کي زنده بچايو ويو جڏهن ته ٻنهي جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي، مجيد ۽ رضوان کي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ کان پوءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف منهوڙا هماليه ساحل تي ٻه نوجوان ٻڏي ويا.

بقايا 14 بريفنگ

تفصيلي دورو ڪيو جتي ڪيس صوبي ۾ قومي اڙڳيءَ ، روبيلا ۽ پوليو ويڪسينيشن مهم جي انتظامن ۽ تيارين بابت بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ڪمشنر ڪراچي، سيڪريٽري صحت، اي او سي ٽيم ۽ لاڳاپيل کاتن جا آفيسر ۽ ڊونر پارٽنرز جا نمائندا پڻ موجود هئا اجلاس دوران چيف سيڪريٽري سنڌ کي ٻڌايو ويو ته اڙڳيءَ ۽ روبيلا قومي مهم 17 نومبر کان 29 نومبر 2025 تائين سنڌ صوبي جي سمورن ضلعن ۾ شروع ڪئي ويندي مهم دوران 6 کان 59 مهينن جي عمر جي 8.2 ملين (82 لک) ٻارن کي اڙڳيءَ ۽ روبيلا جا ويڪسين مفت فراهم ڪيا ويندا. هن مهم لاءِ 1 هزار 190 يونين ڪائونسلن ۾ خاص ڪيمون ڏاهيون ويون آهن جيڪي گهرن اسڪولن ۽ صحت مرڪزن ۾ ويڪسينيشن جون سهولتون فراهم ڪنديون ساڳئي وقت، صوبي جي 23 پوليو جي خطري وارن ضلعن ۾ هڪ اضافي پوليو ويڪسينيشن مهم پڻ جاري رهندي، جنهن دوران 0 کان 59 مهينن جي عمر جي 8.4 ملين (84 لک) ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويندا. چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته اڙڳيءَ روبيلا ۽ پوليو جهڙين بيمارين جو خاتمو سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن مان هڪ آهي

بقايا 15 بارود هٿ

پوليس گڏجهي اطلاع تي گڏيل ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي شير شاهه مان فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ انتهائي گهربل دهشتگرد محمد نور عرف خر ولد ولي خان کي گرفتار ڪيو آهي. پوليس ۽ رينجرز ٽيم ڪيس وٽان هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو. جاچ دوران گرفتار دهشتگرد محمد نور اعتراف ڪيو ته هو پنهنجي ٻين ساٿين - عابد مچڙ عمر خطاب محسود، قيوم محسود، اعظم خان، خان زمان، زاويل محسود، سيد بادشاهه عرف ادرڪ، عبدالرحمان، عبدالحڪيم، صديق الله خزن گل ۽ عابد چوٽو سان گڏجي ٽارگيٽ ڪلنگ، ڀتي وصولي، بم ڌماڪن، اغوا براءِ تاوان ۽ ڪيترن ئي پوليس مقابلي ۾ شامل رهيو آهي. مزيد تفصيل موجب، گرفتار دهشتگرد 2010ع ۾ قيوم محسود جي دهشتگرد گروپ ۾ شامل ٿيو ۽ 2012ع ۾ عابد مچڙ جي ٽارگيٽ ڪلنگ ٽيم سان ڪم ڪندو رهيو.

بقايا 16 تشدد جا الزام

پريس ڪلب جي اڳيان مظاهرو ڪيو ۽ پوليس خلاف سخت نعري بازي پڻ ڪئي ڪڏڻ فقيرن جو الزام آهي ته گذريل رات ڪورنگي ٿاڻي جي پوليس نجي چينل جي خاتون صحافي سان گڏ سنڌن گهر تي ڇاپو هنيو ، جنهن دوران انهن تي تشدد ڪيو ويو ۽ گهر مان نقد رقم ۽ قيمتي سامان چوري ڪيو ويو. ڪڏڻ فقيرن جو چوڻ آهي ته پوليس جي سرپرستي هيٺ نجي چينل جي رپورٽر به سنڌن خلاف بدترين تشدد ۾ حصو ورتو ڪڏڻ فقيرن ايس ايس پي ڪورنگي کان مطالبو ڪيو آهي ته هن واقع جي مڪمل انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 17 قتل

۾ 30 سالن جو حسن علي قتل ٿي ويو. ايس ايس پي سينٽرل ذيشان صديقي چيو ته موٽرسائيڪل تي سوار ڪي جوابدار دڪان تي آيا ۽ فائرنگ ڪئي ۽ موقعي تان فرار ٿي ويا. شروعاتي جاچ موجب اهو ٽارگيٽ ڪلنگ لڳي ٿو پوليس ملزمن جي سڃاڻپ لاءِ واقعي واري هنڌ تان ثبوت ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪرڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڪيبا جي صدر رضوان عرفان واپاري حسن علي جي قتل جي سخت مذمت ڪئي ۽ چيو ته مقتول جي صدر ۾ موبائل شاپ هئي ۽ هو روزانو هڪ ڪلاڪ ويهڻ لاءِ پنهنجي ڀاءُ جي دڪان تي ايندو هو.

بقايا 18 منصوبي جو آغاز

قومي پروگرام جي حصي طور فيصل بينڪ لميٽيڊ (ايف بي ايل) "ميرا گهر ميرا آشيانا" شروع ڪيو آهي هي اسڪيم اسٽيٽ بينڪ جي سبسڊي واري سود تي ٻڌل گهٽ قيمت واري هائوسنگ فنانس پاليسي جي مطابق آهي هي شروعات فيصل بينڪ جي مضبوط عزم کي ظاهر ڪري ٿي ته جيئن غريب برادرين جي مدد ڪئي وڃي ۽ گهٽ آمدني وارن ماڻهن لاءِ مالي استحڪام کي فعال بڻايو وڃي جيڪي گهر جا مالڪ بڻجڻ جي خواهش رکن ٿا. فيصل بينڪ جي صدر ۽ سي اي او يوسف حسين چيو ته "اسان اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان ۽ پاڪستان حڪومت جا شڪرگذار آهيون ته انهن سڀني لاءِ جامع ۽ رسائي لائق هائوسنگ فنانس کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش لاءِ. فيصل بينڪ کي شريعت جي مطابق حل فراهم ڪندي هن اهم قومي منصوبي جي حمايت ڪرڻ تي فخر آهي.

بقايا 19 رضا حيات هراج

ڦيڻ گهرجي ها، هي ايوان مقدس آهي ۽ ان کي آئين جو ڍانچو تبديل ڪرڻ جو اختيار آهي 27هين ترميم ۾ آئين ۾ موجود ترميمن کي وڌيڪ واضح ڪيو ويو آهي، پارليامينٽ جي ترميمن کي ڪا به عدالت ختم نٿي ڪري سگهي ڪالهه قومي اسيمبليءَ ۾ 27هين ترميم تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي هن چيو ته هي ايوان مقتدر آهي آئين هن ايوان، رياست ۽ ملڪ لاءِ هڪ مقدس دستاويز آهي ان جي ڍانچي ۾ تبديلي ايوان جو اختيار آهي هن چيو ته 2002ع ۾ هڪ پارٽيءَ جي هڪ سيٽ هئي ان جي تقاضا هئي ته 100 ڏينهن وڃن نه ته اسان مخالف ڌر ۾ ويهندا سين سڄي دنيا ۾ اسپيڪر ۽ چيئرمين جي ڪرسي جو احترام هوندو آهي چاڪاڻ ته هي ڪسٽوڊين آف هائوس هوندا آهن. هتي هڪ هڪ سينئر ميمبر اسپيڪر طرفان ڳالهين جي آڇ تي چيو ته اهي جعلي نمائندا آهن هن چيو ته هن وقت اسان جنگ جي حالت ۾ آهيون اسلام آباد ڌماڪو وانا ڪيڊٽ ڪاليج ۾ سانحو اي پي ايس وانگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ان پليان ڪير آهي؟ هن چيو ته آئين ۾ ججن جي بدلين جي شق 200 موجود آهي جنهن موجب صدر مملڪت ججن جي هاءِ ڪورٽ جي سطح تي بدليون ڪري سگهي ٿو ان شق کي وڌيڪ واضح ۽ آسان ڪيو ويو قانون ڄاڻڻ وارا ان تي خاموش آهن هن چيو ته فيڊرل جوڊيشل ڪميشن کي بدلين جو اختيار ڏنو ويو آهي ان جي سفارش تي صدر عمل ڪندو 239 جوڊيشل ريويو جو اختيار آهي ان کي آئين جي دائري ۾ آندو آهي ته پارليامينٽ سپريم آهي ۽ اهائي آئين کي تبديل ڪري سگهي ٿي.

بقايا 20 فاروق ستار

بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي سمورن قومي معاملن تي هڪ پيج تي هجڻ سان سول ۽ ملٽري قيادت سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو ڪيس وڙهندي نظر ايندي آهي 27 هين ترميم ڪانپوءِ آبادي، تعليم ۽ بلدياتي ادارن جي حوالي سان 28 هين ترميم آڻڻ جو حڪومتي اعلان سلو سٽوڙ آهي گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ سينيٽ مان منظور هجڻ جي صورت ۾ غور هيٺ آڻڻ جي رٽ تي بحث ۾ حصو وٺندي هن چيو ته 10 مئي تي اسان پاڻ کان وڏي دشمن کي شڪست ڏني، عسڪريت جي هر شعبي ۾ پنهنجي دشمن کي مٽيءَ ڪارائي، پرڏيهي معاملن ۾ اڄ آمريڪا پاڪستان جا پرڏيهي لاڳاپا نئين بلندين کي ڇهي رهيا آهن ۽ سڄي دنيا ۾ موقعن جا دروازا کلي رهيا آهن. هن چيو ته هر ترميم جي پنهنجي وقت تي ضرورت هوندي آهي، ان تي تنقيد ڪندي وقت عوام جي ڀلائي ۽ ترقي کي نظر ۾ رکڻ گهرجي.

بقايا 21 مذمت

وزارت جي ترجمان گيوجياڪون اربع ڏينهن بريفنگ دوران چيو ته چين هر قسم جي دهشتگردي جي سخت مخالفت ڪري ٿو. هن چيو ته چين ان دهشتگرد حملي جي شديد مذمت ڪري ٿو ۽ فوتين جي وارثن سان تعزيت ۽ زخمين سان همدردي جو اظهار ڪري ٿو چيني ترجمان تصديق ڪئي ته شروعاتي اطلاعن مطابق حملي ۾ ڪنهن به چيني شهري کي ڪنهن قسم جو نقصان نه پهتو آهي. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته چين دهشتگردي خلاف پاڪستان جي ڪوششن سماجي استحڪام ۽ عوام جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۾ پاڪستان جي ڀرپور حمايت جاري رکندو.

بقايا 22 ملاقات

ڪمشنر ريٽائر ايڊمرل (ر) فريدسري ويراتني ملاقات ڪئي، جنهن ۾ سريلنڪا ۽ پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيمن جي مئنيجرن پي سي بي جي چيف آپريٽنگ آفيسر سمير احمد، چيف ڪمشنر اسلام آباد ۽ آءِ جي اسلام آباد پوليس پڻ شريڪ ٿيا پي سي بي موجب ملاقات دوران چيف ڪمشنر ۽ آءِ جي اسلام آباد پوليس سريلنڪن ٽيم کي فراهم ڪيل فول پروف سيڪيورٽي جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني. سريلنڪا جي هاءِ ڪمشنر سيڪيورٽي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته حڪومت مهمان ٽيم لاءِ بهترين ۽ اثرائتا قدم کنيا آهن

بقايا 23 بلاول ڀٽو

چيو آهي ته 27هين آئيني ترميم ذريعي ميثاق جمهوريت جي اڌورن وعدن کي پورو ڪيو پيو وڃي، آئيني عدالت جو قيام اسان جي تاريخي ڪاميابي آهي 18هين آئيني ترميم سان پاڪستان ۾ علحيدگي پسندي جي سياست جو خاتمو ڪيو ويو ڪالهه قومي اسيمبليءَ ۾ 27هين آئيني ترميم تي بحث ۾ حصو وٺندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملڪ جي مختلف حصن ۾ دهشتگرديءَ جي تازن واقعن جي اسان مذمت ڪريون ٿا ۽ ياد ڏيارڻ چاهيون ٿا ته سياسي، نظرياتي اختلاف ٿي سگهن ٿا پر ملڪ جي سلامتي جي تحفظ ۽ دهشتگردن خلاف قوم جي حيثيت سان گڏجي مقابلو ڪرڻو پوندو. پاڪستان جي فوج، سياستدان سول سوسائٽي ۽ عوام پهريان به دهشتگردن کي شڪست ڏني ۽ مستقبل ۾ پڻ شڪست ڏيندي. پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ عوام اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي جيڪو نيٽو فورسز ۽ پوري دنيا افغانستان ۾ نٿي ڪري سگهي، پاڪستان جي عوام قربانيون ۽ شهادتون ڏئي دهشتگردن کي شڪست ڏني ۽ اڄا به ڏيندي. هن چيو ته هڪ سال اڳ 26هين آئيني ترميم منظور ٿي ان ۾ اسان جي ڪوشش هئي ته 18هين ترميم وانگر اتفاق راءِ سان آئين سازي ٿئي، ان جي نتيجي ۾ آئيني بينچ بڻجي وئي، اسان مولانا فضل الرحمان سان رابطو ڪيو مولانا صاحب پي ٽي آءِ ۽ ٻين پارٽين سان گڏ اتفاق راءِ حاصل ڪيو آئيني بينچ جي ترميم ۾ پي ٽي آءِ جي خدشن کي به شامل ڪيو ويو هو جڏهن مولانا فضل الرحمان ووٽ ڏئي رهيو هو ته هن پي ٽي آءِ کان اجازت گهري هئي، پي ٽي آءِ اسان آڏو مولانا کي ووٽ ڏيڻ جي اجازت ڏني هئي هن چيو ته 27هين ترميم تحت ميثاق جمهوريت جا اڌورا وعدا پورا ڪري رهيا آهيون ڀارت کي شڪست ڏيڻ ڪانپوءِ وزيراعظم محمد شهباز شريف، آرمي چيف کي فيلڊ مارشل قرار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ان عهدي کي تحفظ ڏيڻ لاءِ آرٽيڪل 243 ۾ ترميم ڪئي پئي وڃي، اسان سمجهون ٿا ته ڪنهن به ترميم يا قانونسازيءَ جي طاقت اها نه هوندي آهي ته اها ڪيتري وڏي اڪثريت سان منظور ٿئي ٿي قانون سازيءَ جي طاقت اتفاق راءِ سان هوندي آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دؤر ۾ سمورين سياسي پارٽين گڏجي ملڪ کي آئين ڏنو جنهن کي ڪو آمر به ڪوڙي نه سگهيو هن چيو ته 2008ع ۾ حڪومت سنڀالڻ ڪانپوءِ 18هين ترميم ذريعي صوبائي خودمختياري کي يقيني بڻايو ويو 18هين ترميم اتفاق راءِ سان منظور ٿي هئي ۽ ڪنهن ۾ اها جرئت ناهي ته هو ان ترميم کي ختم ڪري، 18هين ترميم تي نه صرف پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) ۾ سمورين پارٽين جون صحيحون آهن. 27هين آئيني ترميم لاءِ اسان وٽ اڪثريت آهي ۾ افسوس جي ڳالهه آهي ته ان تي اتفاق ناهي حڪومت طرفان اسان کي جيڪو ترميم جو مسودو مليو اسان اهو پارٽيءَ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي اجلاس ڪٺي ڪياسين، اسان ٻن ڏينهن تائين جائزو ورتو ۽ فيصلو ڪيو ته اسان ان ترميم جو ساٿ ڏئي ميثاق جمهوريت جي اڌورن وعدن کي پورو ڪنداسين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان جي فيلڊ مارشل ۽ اسان جي هٿياربند فوج کي دنيا ۾ ساراهيو پيو وڃي، اسان جي هٿياربند فوج مودي سرڪار کي عبرتناڪ شڪست ڏني آهي ڀارت جا 6 جهاز ڪيرايا ويا ۽ ڀارت کي ان شڪست سان دنيا ۾ پاڪستان جي نئين سڃاڻپ بڻجي وئي آهي ۽ قوم کي طاقت ملي آهي پ پ فيصلو ڪيو ته ملڪ جنگ جي حالتن مان گذري رهيو آهي شڪست کان پوءِ ڀارت افغانستان جي پرڏيهي وزير جي ميزباني ڪئي ۽ ان ڪانپوءِ اسان جي سرحدن ۽ شهرن ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو پوري قوم آڏو آهي، انهن حالتن جي روشنيءَ ۾ پ پ فيصلو ڪيو ته هٿياربند فوج جي حوالي سان آرٽيڪل 243 ۾ جيڪي تبديليون ڪيون پيون وڃن پارٽي ان جو ساٿ ڏيندي ۽ فيلڊ مارشل جي عهدي کي آئيني تحفظ فراهم ڪيو ويندو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مخالف ڌر جو اهو ڪم ناهي ته هو هڪ ليڊر لاءِ روئڻ پٽڻ ڪري، مخالف ڌر جو ڪم اهو آهي ته اها حڪومت کي جوابده بڻائي ۽ ڪميٽين ۾ ويهي پنهنجون سفارشون ۽ تجويزون ڏئي آئين سازيءَ ۾ پ پ هميشه پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، آئيني عدالت جي قيام جي تجويز تسليم ڪرڻ تي اسان حڪومت جا ٿورائتا آهيون اها هڪ تاريخي ڪاميابي آهي. آئيني عدالت ۾ سمورن صوبن کي هڪجهڙي نمائندگي ملندي ۽ ان سان وفاق مضبوط ٿيندو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي جنهن عدالت موت جي سزا ڏني هئي ان ۾ برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي نه هئي، عدالت جي ان فيصلي سان پاڪستان جي وفاق جون بنيادون لڏي ويون هيون ان فيصلي جا اثر اسان اڄ تائين ڀوڳي رهيا آهيون ۽ اڄ اها هڪ غلطي کي درست ڪرڻ وڃي رهي آهي هن چيو ته پ پ، مسلم ليگ (ن) جي جمهوري حڪومتن افتخار چوڌري جي پاڻمرادو نوٽسز کي ڀوڳيو آهي. ڪڏهن ٽماٽا ۽ ڪڏهن کنڊ جي قيمتن تي پاڻمرادو نوٽيس ورتو ويندو هو ان ئي اختيار تحت چونڊيل وزيراعظم جي توهين ڪئي ويندي هئي چونڊيل نمائندن جي تذليل ڪئي ويندي هئي ان ئي اختيار کي استعمال ڪندي چيف جسٽس ڊيم بڻائڻ لاءِ نڪري پوندو هو ان آئيني ترميم کان پوءِ هي رستو بند ڪيو ويو آهي. هن چيو ته اسان جي ڊگهي جدوجهد ۾ اها هڪ وڏي ڪاميابي آهي مان پنهنجي اتحادين کي ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته اسان کي ميثاق جمهوريت جي باقي نڪتن تي پڻ عملدرآمد ڪرڻو پوندو اسان کي ٽروٿ اينڊ ريڪنسليشن ڪميشن طرف وڌڻو پوندو جيستائين سياستدان پنهنجي قسمت پنهنجي هٿن ۾ نٿا رکن ۽ هڪٻئي جو احترام نٿا ڪن ان وقت تائين هي هائوس ۽ ملڪ درست طور تي اڳتي نٿو وڌي سگهي. مخالف ڌر اختلاف ڪري ۽ احتجاج ڪري پر سياسي ميدان ۽ پارليامينٽ نه ڇڏي ڊيڊ لاڪ مان نڪرڻ لاءِ ڳالهين جا دروازا کولڻا پوندا، هن چيو ته صوبن جي خودمختياري خلاف شقن جي اسان حمايت نٿا ڪري سگهون. ملڪ جي معاشي ترقي چاهيون ٿا پر ان لاءِ صوبائي خودمختياري تي ڪو سمجهوتو نٿا ڪري سگهون.

بقايا 24 خارجي ويا

موجب سومر تي دهشتگرد ڌماڪيدار مواد سان ڀريل گاڏي ڪاليج جي مُک دروازي سان ٽڪرائي تعليمي ادارا ۾ داخل ٿي ويا هئا جنهن کان پوءِ انهن کي ڪاليج جي انتظامي بلاڪ ۾ گهيرو ڪيو آڳاري تي سيڪيورٽي فورسز عمارت جي اندر لڪل دهشتگردن جي خلاف ڪليئرنس آپريشن جاري رکيو اربع جي صبح سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته هڪ آپگهاتي بمبار سميت 5 خوارج مارجي ويا. ذريعن ٻڌايو ته ڪاليج جي عمارت ۾ تلاشي جو عمل اڃان تائين جاري آهي ڇو ته اتي بارودي سرنگن جا خطرا موجود آهن هن چيو ته آپريشن جي دوران ڪاليج جي ڪنهن به شاگرد يا استاد کي ڪنهن به قسم جو نقصان ناهي پهتو رات دير سان نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي وفاقي وزير اطلاعات عطاءُالله تارڙ انهي آپريشن کي پاڪ فوج جي وڏي ڪاميابي قرار ڏيندي چيو ته 550 شاگردن کي حفاظت سان ٻاهر ڪڍيو ويو

بقايا 25 عزم

بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس جي موقعي تي بيلاروس جي وفد جي سربراهه پارليامينٽ ميمبر ۽ بيلاروس جي اڳوڻي پرڏيهي وزير سرگئي ايلينڪ ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب نائب وزيراعظم ڪانفرنس ۾ سرگئي ايلينڪ جي شرڪت کي ساراهيندي پاڪستان ۽ بيلاروس جي وچ ۾ پراڻي دوستي ۽ تعاون تي ٻڌل لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو.

بقايا 26 استقبال

اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جو شاندار استقبال ڪيو ويو ڪالهه اربع ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ اچڻ تي ايوان ۾ نواز شريف جو شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ شير آيا شير آيا جا زوردار نعرا هنيا ويا. ان دوران قومي اسيمبلي ميمبر سنڌن سيٽن جي چوڌاري گڏ ٿي ويا، ملاقاتون ڪيون ۽ تصويرون ڪڍرايون مُخالف ڌر پاران به ان موقعي تي مسلسل نعريبازي ٿيندي رهي.

بقايا 27 عطاءُالله تارڙ

سوچ ۽ بحث جو نتيجو آهي پر افسوس پي ٽي آءِ جي لاءِ پاڪستان کان وڌيڪ انهن جو اڳواڻ معاهون آهي مُخالف ڌر پنهنجي يادداشت وڃائي چڪي آهي انهن جون سمورين حالتون ۽ واقعا 2022ع کان پلٽي نه ٿا وڃن هي حقيقتن کي پلٽي وڃهي رهيا آهن پي ٽي آءِ دور ۾ آئين سان مذاق ڪيو ويو جڏهن قاسم سوري آئين ٽوڙي رهيو هو ته اهي چو چپ هئا، پي ٽي آءِ 27هين ترميم جي لاءِ ڪا تجويز پيش نه ڪئي، وانا ۾ 500 کان وڌيڪ ڪيڊٽس کي حفاظت سان بازياب ڪرايو ويو آهي چا ڪنهن پي ٽي آءِ واري وانا ڪيڊٽ ڪاليج حملي تي مذمتي بيان ڏنو اسان جي مُخالف ڌر رڳو ٽڪ ٽاڪ، يوٽيوب ۽ فيس بڪ جي سياست ڪري رهي آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه اربع ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي ڪيو اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير چيو ته اپوزيشن جون سمورين تقريرون ٻڌيون اهو گمان ٿيو ته اها پنهنجي يادداشت وڃائي چڪي آهي. انهن جون سمورين حالتون ۽ واقعا 2022ع کان پلٽي نه ٿا وڃن اهي حقيقتن کي پلٽي وڃهي رهيا آهن. جڏهن هي پارليامينٽ مشاورت ۽ سياسي عمل تحت آئيني ترميم ڪرڻ وڃي رهي آهي ته اهو انهن کا برداشت نه ٿي رهيو آهي هن چيو ته پي ٽي آءِ جي حڪومت جي دور ۾ آئين سان مذاق ڪيو ويو قاسم خان سوري آئين کي پائمال ڪيس پارليامينٽ کي ٽوڙيو ان وقت انهن جو خاموش هئا چا ان وقت انهن اهو چيو ته "ايسي دستور ڪو صبح بي نور ڪو مين نهين مانتا مين نهين مانتا". ان وقت پوري پارٽي هڪ لفظ به نه ڪُڇيو اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير چيو ته اسان به شاگردي جي دور ۾ سياست جي شروعات ڪئي مُخالف ڌر ۾ اهڙا ماڻهو به ويٺل آهن جيڪي ڪڏهن اسان جي پارٽي سان واڳيل رهيا آهن پر نفرت پيدا ڪندڙ اهو شخص ڪير هو جنهن کي پنهنجي ذات قومي مفاد کان وڌيڪ عزيز هئي اهو ڪير شخص هو جنهن ملڪ جي اندر نفرت جو ٻج ڇٽيس چا اهو اڄ معافي گهرندو ته مينار پاڪستان جي هيٺ ويهي مشرف جي ريفرنڊم جي دوران پولنگ ايجنٽ بڻيس چا اهو هن ايوان ۾ ويهي آئين ٽوڙڻ تي معافي وٺندو عطاءُالله تارڙ چيو ته اهي سياسي ماڻهو نه آهن، چا انهن آئين تي شق وائيز ڪي تجويزون ڏنيون هن چيو ته ڪاش اسان کي سياسي مُخالف ڌر ملي ها، انهن جي سوچ 2020ع کان اڳتي نه ٿي وڃي، انهن جي حڪومت جي دور ۾ اسان انهن ٿي ٻڌنجن جي ويهي انهن کي سمجهائيندا هئاسين ته سياسي مخالفت کي دشمني ۾ نه بدلايو هن چيو ته اسان پيپلزپارٽي ۽ ٻين پارٽين سان ميثاق جمهوريت ڪيو جنهن جو مقصد افهام تفهيم سان جمهوري عمل کي مستحڪم ڪرڻ هو اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير چيو ته 2017ع ۾ اهي چور دروازي جي ذريعي اقتدار ۾ آيا، اڄ ان تي انهن کي هن ايوان ۾ معافي وٺڻ گهرجي عطاءُالله تارڙ چيو ته انهن کي فارم 47 جي ته ڳالهه نه ڪرڻ گهرجي ڇو ته هن ايوان ۾ اهڙا ماڻهو به ويٺل آهن جن کي رزلٽ ته پري جي ڳالهه پنهنجي گهر مان نڪرڻ نه ڏنو ويو هو ڪيترن ئي ماڻهن جا پيارا دنيا مان رخصت ٿيا پر انهن جا جنازا نه ڪڄڻ ڏنا ويا. اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ چيو ته پي ٽي آءِ جي اندر ڪيترائي ڌڙا آهن پنهنجي دور ۾ اهي اقتدار جي ايوانن ۾ ويٺل نظر ايندا هئا ۽ حڪمرانن جا قصيدا پڙهندا هئا پر مشڪل وقت ايندي ئي پهرين فلائيٽ ۾ ملڪ ڇڏي هليا ويا، اڄ به ٻاهرئين ملڪ ويهي ادارن جي توهين ڪري رهيا آهن هن چيو ته محمود خان اچڪزئي جي تقرير تي افسوس ٿيو هن 27هين ترميم تي ڳالهه ڪندي ڪابل جو ذڪر ڪيو اها نئين روايت آهي ته اهڙي ڳالهه ڪريو جيڪا افغانستان ۽ ڀارت ۾ هيڊ لائين بڻجي ان جي تقرير جو خلاصو ڪيو ته ان ۾ ڪابل ڪانسواءِ ڪجهه نه آهي سندس چوڻ هو ته مُخالف ڌر ۾ موجود ڪنهن شخص پارليامينٽري بالادستي يا آئيني نظام جو مطالعو ناهي ڪيو جيڪڏهن ڪيو هجي ها ته ٻڌائين ها ته مهذب ملڪن ۾ ايگزيڪيوٽو ۽ ليجسليٽر جو ڪهڙو ڪردار آهي هن چيو ته وڌيو ڏاهي صبح بي نور لکڻ آسان آهي پر آئيني دستاويز تي سنجيده ڳالهه ٻولهه ڪرڻ مشڪل آهي چا مُخالف ڌر پارلياماني پارٽي جي گڏيل ميٽنگ گهرائي ڪنهن هڪ شق تي مشاورت ڪئي، نه چو ته اهي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ڪانسواءِ ڪجهه نه ڪندا جنهن شيءِ تي وڌيڪ ويوز ايندا ۽ تماشو لڳندو اهي ايوان ۾ اها ڳالهه ڪندا. هن چيو ته 27هين ترميم تي ڳالهه ٻولهه اڄ کان شروع ناهي ٿي پر ميثاق جمهوريت جي وقت کان جاري آهي گذريل سالن کان آئيني عدالتن جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وانا جي اندر 5 سئو کان وڌيڪ شاگردن کي بازياب ڪرايو ويو پر مُخالف ڌر ان تي ڪا ڳالهه نه ڪئي انهن جي اڳواڻ جي ايڪس اڪائونٽ تي غيرملڪي شخصيتن جي لاءِ تعزيتي پيغام ته اچن ٿا پر ميجر عدنان جهڙن شهيدن تي ٻه لفظ نه ٿا چيا وڃن. غزه جي مظلومن تي خاموشي اختيار ڪن ٿا، مذهب جي ڳالهه ڪن ٿا پر پنهنجي ڪردار کا انڪار ڪن ٿا. هن چيو ته 9 مئي جي واقعن ۾ انهن جي ئي اڳواڻ ريڊ لائينز ڪراس ڪرڻ جو حڪم ڏنو شهيدن جون يادگارون مسمار ڪيون ويون دفاعي ادارن تي حملا ٿيا، ڪور ڪماندر هائوس، ريڊيو پاڪستان ۽ ٻين عمارتن تي حملا ڪيا ويا، ڪارڪنن کي اُتساهيو ويو پر بعد ۾ انهن جي ڪا خبر نه ورتي وئي، اهي سياسي ڪارڪنن کي استعمال ڪري پنهنجي مفادن جي لاءِ ڏوهن تي اُتساهين ٿا. وفاقي وزير چيو ته مُخالف ڌر بل ناهي پڙهيو ڪنهن شق تي تجويز نه ڏني ڪنهن ڪميٽي ۾ شرڪت نه ڪئي انهن جي سياست رڳو گوڙ ڪرڻ ۽ ويوز وڌائڻ تائين محدود آهي انهن جي سوريليٽي 2022ع ڪانپوءِ جي آهي شهريار آفريدي تمام سٺيون ڳالهيون ڪيون ۽ ملڪي سياست تي روشني وڌي، ڪيترو نه سٺو ٿئي ها ته جڏهن هن ملڪ ۾ عورتن کي جيلن ۾ وجهڻ جو سلسلو ان جي پارٽي شروع ڪيو هو ته ان تي به ٿوري ڳالهه ڪري وٺي ها، انهن جي ان فسطائيت رجيم کان اڳ ملڪ ۾ اهو رواج نه هو ته مائرن ڀينرن ڌيئرن کي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو وڃي، اسان جي معاشري ۾ ماءُ ڀينر ڌيءَ جو وڏو قدر آهي پر اهو ڪم انهن جي حڪومت شروع ڪيو اسان تڏهن به انهن کي سمجهائيندا هئاسين ته وقت هڪ جهڙو ناهي رهندو پر انهن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي. آهي اڄ به انهي روش تي قائم آهن اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير چيو ته مئي ۾ جنگ ڪانپوءِ پاڪستان کي سڄي دنيا ۾ عزت ۾ اضافو ٿيو اسان جتي وڃون ٿا ماڻهو پاڪستان کي قدر جي نگاهه سان ڏسن ٿا. هن چيو ته سعودي عرب سان اسٽريٽجڪ ميوچل ڊفينس معاهدو ٿيو اڪنامڪ فريم ورڪ لانچ ٿيو رياض شهر ۾ 25 ڪلوميٽر تائين پاڪستان جا جهنڊا لڳل ڏسڻ ۾ آيا ۽ پاڪستان جي سائي پاسپورٽ کي عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو پيو وڃي سندس چوڻ هو ته رڳو آڪٽوبر جي مهيني ۾ پاڪستان کي 3.4 ارب ڊالر جو مئاسٽا جو ناڻو آيو جيڪو گذريل سال جي مقابلي ۾ 11 سيڪڙو وڌيڪ آهي، پي ٽي آءِ ٻاهرئين ملڪ پاڪستانين کي بائيڪاٽ جو سڏ ڏنو هو ته پاڪستان ۾ مئاسٽا جو ناڻو نه موڪلين پر انهن جي ان سڏ جي باوجود مئاسٽا جي ناڻي ۾ اضافو ٿيو

بقايا 28 هدايت

لمحي نظر رکي، فيلڊ مارشل هدايت ڪئي ته قوم جا اهي معمار اسان جو سرمايو آهن کين ڪابه تڪليف نه اچڻ گهرجي. ذريعن موجب ڪيڊٽ ڪاليج وانا جي استادن ۽ ڪيڊٽس جا حوصلا بلند آهن ۽ هنن دهشتگرديءَ خلاف شيهي جي پٽ جيان عزم ظاهر ڪيو آهي. افغان خوارجين جو ڪيڊٽ ڪاليج وانا تي حملو ناڪام بڻائڻ واري آپريشن ڪمانڊر ڪرنل محمد طاهر چيو ته 10 نومبر تي 5 افغاني خوارجين ڪيڊٽ ڪاليج تي حملو ڪيس خوارجين وانا ڪيڊٽ ڪاليج جيڪو پاڪ فوج طرفان وزيرستان جي عوام لاءِ تحفو آهي، ان کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. آپريشن ڪمانڊر ڪرنل محمد طاهر چيو ته هڪ آپگهاتي حملي آور ڌماڪو ڪيو جڏهن ته ٻين خوارجين گيٽ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، خوارجين پهرين تعليم پرائيندڙ ٻارن کي يرغمال بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. سيڪيورٽي فورسز وقت سر ڪارروائي ڪري خوارجين جي ان حملي ۽ ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو اسان دهشتگردن کي خاص بلاڪ ۾ محدود ڪري شاگردن جي حفاظت کي يقيني بڻايو. هن چيو ته رات 10 کان ساڍي 10 وڳي ويجهو خوارجين خلاف ڀرپور آپريشن کان پوءِ سمورن خوارجين کي ماريو ويو ان موقعي تي وانا ڪاليج ۾ تعليم پرائيندڙ ڪيڊٽ چيو ته اسان ڪيبهريءَ وقت ڊرل ڪاميبيٽيشن جي تياري ڪري رهيا هئاسين ته آپگهاتي ڌماڪو ٿيو اسان کي خبر پئجي چڪي هئي ته حملو تعليم جي دشمن ڪيو آهي.

بقايا 29 ملاقات

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس 2025ع جي موقعي تي گڏيل عرب امارات جي فيڊرل نيشنل ڪائونسل جي ميمبر احمد مير هاشم ڪوري ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب نائب وزيراعظم بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس ۾ هاشم ڪوري جي شرڪت ۽ پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي پائيداري لاڳاپن ۾ مثبت رفتار کي ساراهيندي گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 30 ويبينار

وزير علي پرويز ملڪ ۽ فرانسيسي سفير نڪولس گيل ويبينار جي گڏيل صدارت ڪئي فرانسيسي صدر جي مائننگ ايڊوائيزر بينجمن گيلزو فرانسيسي وفد جي آن لائن اڳواڻي ڪئي، پاڪستاني مائننگ ۽ توانائي ڪمپنين جي اڳواڻي ڪندڙ ۽ فرانسيسي ڪاروباري نمائندن شرڪت ڪئي، ويبينار جو مقصد پاڪستان ۾ فرانسيسي ڪمپنين لاءِ مائننگ ۽ معدنيات جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي موقعن کي فروغ ڏيڻ هو علي پرويز ملڪ ڪاپي، سون ۽ ناياب زمين جي عنصرن ۾ پاڪستان جي وڏي صلاحيت کي اجاگر ڪيو علي پرويز ملڪ چيو ته گرين انرجي ڪامي ليٿيم جهڙين معدنيات کي مستقبل جي ٽيڪنالاجي لاءِ اهم بڻائي ڇڏيو آهي، حڪومت مائننگ جي شعبي ۾ ڪاروبار ڪرڻ جي آساني کي بهتر بڻائڻ لاءِ اقدامات متعارف ڪرايا آهن. نڪولس گيلي چيو ته پاڪستان جون مائننگ ۽ سيڙپڪاري جي ماحول کي مضبوط ڪرڻ جون ڪوششون قابل تعريف آهن بينجمن گيلزو چيو ته فرينچ ڪمپنين لاءِ پاڪستان جي مائننگ جي شعبي ۾ موقعن کي اجاگر ڪرڻ ۾ فورم تمام مددگار آهي، پاڪستان ۽ فرانسيسي اسٽيڪ هولڊرز سروي، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ پائيدار مائننگ جي طريقن ۾ تعاون ڪرڻ تي متفق آهن

بقايا 31 جاچ شروع

سنگهر سوڍو جي خاص هدايتن تي، سنڌ حڪومت جي انساني حقن جي ڊائريڪٽوريٽ، ٿرپارڪر جي ننگرپارڪر جي ڊانو ڊانڏل ۾ ٽن نوجوانن جي المناڪ موت جي حقيقت ڳولڻ لاءِ جاچ شروع ڪئي آهي ان سلسلي ۾، انساني حقن جي ڊائريڪٽوريٽ جي ڊائريڪٽر آغا فخر حسين جي صدارت ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ خودڪشي جي روڪٿام جي شروعات (ايس پي آءِ) جي فوڪل پرسن غلام عباس کوسو ۽ ٻين لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز شرڪت ڪئي اجلاس ۾ واقعي جو جائزو ورتو ويو ۽ فوري قدمن تي بحث ڪيو ويو متفقه طور تي فيصلو ڪيو ويو ته هڪ جاچ ٽيم علائقي جو دورو ڪندي، جنهن ۾ هڪ نفسيات دان هڪ سماجي ماهر ۽ مقامي انتظاميه ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا نمائندا شامل هوندا، جيڪي صورتحال جو تفصيلي جائزو وٺندا ۽ هڪ جامع رپورٽ مرتب ڪندا. ان کان علاوه، ڊائريڪٽوريٽ آگاهي، هم آهنگي ۽ وقت تي مدد جي نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ خودڪشي جي روڪٿام جي شروعات (ايس پي آءِ) جي تحت هڪ خاص ڪوآرڊينيشن ۽ رسپانس سينٽر قائم ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو آغا فخر حسين ان موقعي تي چيو ته انساني زندگي انتهائي قيمتي آهي ۽ سنڌ حڪومت ذهني دٻاءُ ۽ سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مربوط ۽ همدردانه قدم کڻڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 32 مذمت

وانا ڪيڊٽ ڪاليج تي دهشتگردن جي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. دهشتگردن جي حملي ۾ قيمتي جانن جي ضياع تي سندس خاندانن کا ڏک جو اظهار ڪيو. حڪومت دهشتگردي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ۽ قانون جي حڪمراني کي يقيني ڏاهڻ جو مطالبو ڪيو .سنڌهاءِ ڪورٽ بار جي صدر سرفراز ميتلو چيو ته دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي خلاف پوري قوم متحد آهي .هن چيو ته اسلام آباد ۽ وانا جي واقعن تي سوڳ ملهايو ويندو.

بقايا 33 اسپيڪر جي آڇ

ميز تي اچي انهن کي مڪمل مدد فراهم ڪنداسين، پي ٽي آءِ باني کي مان بيهر شڪست ڏني آهي هن وقت مون خلاف ڪا عذرداري ناهي گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ محمود خان اچڪزئي جي ريمارڪس تي اسپيڪر چيو ته وزيراعظم هن ايوان ۾ بيهي ڳالهين جي بار بار آڇ ڪئي آهي، قانون واري وزير ڳالهين ڏانهن اچڻ لاءِ چيو آهي مان اسپيڪر طور حڪومت ۽ اپوزيشن وچ ۾ ٽياڪڙي لاءِ تيار آهيان حڪومت ۽ اپوزيشن کي هڪ ميز تي آڻڻ منهنجي ذميواري آهي جڏهن محمود خان اچڪزئي چيو ته عوام جي ووٽن سان ناهيان چونڊيو ته ان تي اسپيڪر چيو ته مان توهان جي ليڊر کي ٻيهر شڪست ڏني آهي مون خلاف هن اليڪشن ۾ ڪا عذرداري نه آهي اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪرڻ ڳالهين کان فرار ٿيڻ آهي جيڪڏهن ڀارت سان ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون ته اسان پاڻ ۾ ڳالهيون چو نه ٿا ڪري سگهون.

بقايا 34 اختر مينگل

پنهنجي سڄي سياست ۽ جدوجهد کي راڪ ٻڌائي ڇڏيو هن چيو ته هن وقت عدليه ۽ آئين جو وجود هڪ مذاق کان وڌيڪ ڪجهه نه ٿو لڳي هن ڏوڪي کي فوري طور ختم ڪريو نه ته تاريخ ڪڏهن به معاف نه ڪندي ته نام نهاد "جمهورين" هڪ ماڻهو جي ڊپ ۾ ڇا ڪيو؟ هن چيو ته اچو ته سڀ مل ڪري پاڪستان جي آئين لاءِ سورةِ فاتحه پڙهون.

بقايا 35 قرار

سان لاڳاپيل اعلان جي سختي سان وضاحت ڪندي، ان کي جعلي، من گهڙت ۽ بي بنياد قرار ڏنو آهي هن اعلان ۾، سنڌ جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري مبينا طور تي مختلف سوشل ميڊيا پليٽ فارمن تي اهو ڏاڻر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته خطرن جي سطح 12 کان 30 نومبر تائين وڌي ويندي سنڌ حڪومت جي گهرو کاتي پنهنجي آفيس پاران جاري ڪيل وضاحتي بيان ۾ چيو آهي ته گهرو کاتو اهڙو ڪو به خط، الرٽ جاري ڪرڻ جي سختي سان وضاحت ڪري ٿو ۽ مٿي ڏنل خط ان جي عنوان هيٺ هن کاتي يا ان جي انتظامي ڪنٽرول هيٺ ڪم ڪندڙ ڪنهن به قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي ڪنهن به سرڪاري خط و ڪتابت سان لاڳاپيل ناهي تنهن ڪري انهن چينلن ذريعي گردش ڪندڙ ڪنهن به خط، دستاويز يا پيغام کي غير مستند ۽ گمراهه ڪندڙ سمجهيو وڃي سنڌ جي گهرو کاتي هڪ وضاحتي بيان ۾ چيو آهي ته عوام ۽ ميڊيا کي درخواست آهي ته اهي اهڙن گمراهه ڪندڙ ڏاهيل ۽ جعلي مواد تي ٻڌل خطن ۽ خبرن کي شيئر ڪرڻ کان پاسو ڪن ۽ قاعدن ۽ ضابطن جي تعميل کي قومي فرض سمجهن.

بقايا 36 پيش

کي مبارڪباد ڏني آهي هن آپگهاتي بمبار سميت ڇهن دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي بهادري، پيشورانا صلاحيت ۽ مسلسل چوڪس رهڻ جي تعريف ڪئي سنڌ جي گورنر چيو ته دهشتگردي خلاف فورسز جون ڪاميابيون پوري قوم جو فخر آهن ۽ امن امان جي قيام لاءِ انهن جون قربانيون ناقابل فراموش آهن هن وڌيڪ چيو ته دهشتگردي جو مڪمل خاتمو قومي ترجيح آهي

بقايا 37 ڦاڙي ڇڏي

اسيمبلي جي اجلاس دوران اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اچڪزئي 27هين آئيني ترميم جي بل جي ڪاپي ڦاڙي ڇڏي 27هين آئيني ترميم جي منظوري لاءِ قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ جڏهن محمود خان اچڪزئي خيالن جو اظهار لاءِ اٿي بيٺو ته هن 27هين ترميم جي بل جي ڪاپي ڦاڙي ڇڏي. محمود خان اچڪزئي چيو ته هي حڪومت فارم 47 تي قائم ڪئي وئي آهي. هاڻي اهو ٻڌايو ته اهڙي پارليامينٽ کي آئين ۾ ترميم جو اختيار ڏئي سگهجي ٿو؟ ٻئي پاسي ميڊيا سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ جي چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو ته اسان ترميمن جو حصو نه بڻجنداسين، واڪ آئوٽ ۽ احتجاج به ڪنداسين جڏهن ته تقريرون به ڪنداسين.

بقايا 38 جماعت اسلامي

۽ عدليه جي بنياد کي ختم ڪرڻ جي سازش آهي پارليامينٽ کي اڳ ئي بي روح بڻايو ويو آهي. وقت جا خليفا به عدالتن ۾ پيش ٿيا ۽ عام ماڻهن جي اعتراضن جو جواب ڏنو پوءِ اسان جي صدر ۽ آرمي چيف کي ڪيئن استثنيٰ ڏئي سگهجي ٿي؟ ملڪ جي مفتي اعظم به پنهنجي راءِ ڏني آهي ته ڪا به استثنيٰ غير اسلامي ۽ غير آئيني آهي خود غرض قيادت ملڪ جا 78 سال عوام جي ڀلائي جي بدران تباهي ۽ تعمير ۾ گذاريا آهن سون، تيل، گئس، ڪوئلي، زراعت ۽ سمنڊ سميت دنيا جي سڀني دولت جي باوجود، نااهل قيادت جي ڪري، مهانگائي وڌي رهي آهي ۽ ملڪ جي اڪثريت غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهي آهي. بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس ۽ سخت سيڪيورٽي جي باوجود، اسلامي ڪچهري ٻاهران خودڪش بم ڌماڪو ۽ قيمتي انساني جانين جو نقصان سيڪيورٽي ادارن لاءِ پريشاني جو لمحو آهي. جماعت اسلامي جو مينار پاڪستان تي ٽن ڏينهن جو اجتماع عام قومي سياست جي رخ کي تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو حافظ نعيم الرحمان قوم کي فرسوده نظام کي تبديل ڪرڻ ۽ اسلام جي منصفانه نظام جي طرف جدوجهد ڪرڻ جو ايجنڊا ڏيندو انهن خيالن جو اظهار هن عوامي اجتماع جي تيارين جي سلسلي ۾ حيدرآباد ضلعي جي عهديدارن جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو صوبائي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف، ضلعي امير حافظ طاهر مجيد ۽ جنرل سيڪريٽري حنيف شيخ پڻ خطاب ڪيو صوبائي امير وڌيڪ چيو ته تازي ترميم ذريعي ادارن ۾ ٽڪراءُ جو خدشو آهي پيارو ملڪ هن وقت جنهن نازڪ صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي ان ۾ ملڪ جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت ۽ اتحاد ۽ يڪجهتي جي اشد ضرورت آهي تنهن ڪري، محب وطن سياسي قيادت کي قومي مفاد ۾ سياست کي بند ڪند مان ڪڍڻ گهرجي ۽ ملڪ ۾ آئين جمهوريت ۽ قانون جي حڪمراني جي بالادستي کي يقيني بڻائڻ گهرجي.

بقايا 39 استقبال ڪيو

اسيمبلي جو دورو ڪيو ۽ ايوان جي ڪارروائي ڏٺي گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي جي اسپيڪر گيلري پهچڻ تي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق سندس آجيان ڪئي جڏهن ته ميمبرن به ڊيسڪون وڄائي سندس استقبال ڪيو.

بقايا 40 چيپاٽي چڙهيو

ويجهو هڪ افسوسناڪ حادثو پيش آيو جتي ڪار جي ٽڪر جي بعد فوڊ ڊليوري رائيڊر ٽرڪ جي هيٺان اچي فوت ٿي ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته 20 سالن جو رائيڊر بابر کي تيز رفتار ڪار سان ٽڪرائجي وئي جنهن سبب هو روڊ تي ڪري پيو ۽ ساڳئي وقت پويان ايندڙ ٽرڪ هيٺان اچي چيپاٽي چڙهي جنهن سبب هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو واقعي کان پوءِ ڪار ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو جڏهن ته پوليس سرين سان ڀريل ٽرڪ کي قبضي ۾ وٺي ڊرائيور کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو حادثي ۾ هڪ رڪشا کي به نقصان پهتو پوليس ۽ بچاءُ ٽيمون موقعي تي پهچي ويون ۽ لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته حادثي جي ذميوار ڪار ڊرائيور جي ڳولا جاري آهي ۽ واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 41 فاتح خواني

اسلام آباد عدالت ٻاهران ٿيل آپگهاتي ڌماڪي ۾ شهيد ٿي ويلن لاءِ فاتح خواني ڪرائي وئي گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق اسلام آباد عدالت ۽ وانا ۾ دهشتگرد حملن جي مذمت ڪندي چيو ته دهشتگردي جي مذمت ڪريون ٿا ۽ دهشتگردي خلاف رياستي ادارن جي عزم کي سلام پيش ڪريون ٿا. ان موقعي تي هن جي چوڻ تي مولانا عبدالغفور حيدري شهيدن لاءِ مغفرت جي دعا ڪرائي

بقايا 42 گرفتار

تي رهائش پذير 10 کان وڌيڪ افغاني شهري حراست ۾ ورتا. پوليس جي هڪ وڏي نفري آڳاري ۽ اربع جي وچ واري رات ابو الحسن اصفهاني روڊ تي واقع هڪ رهائشي عمارت جي فليٽ جي تلاشي ورتي آپريشن دوران ماڻهن جي سڃاڻپ جي تفصيل چيڪ ڪئي وئي، جنهن دوران ڪيترن ئي افغاني شهري کي حراست ۾ ورتو ويو پوليس چيو ته حراست ۾ ورتل ماڻهن جي سڃاڻپ جي تفصيل نامڪمل هئي ان کي انهن جي مجرمانه رڪارڊ جي جانچ لاءِ پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو ويو. پوليس چيو ته هي آپريشن غير قانوني طور تي رهائش پذير افغاني شهري ۽ ڏوهارين جي ڳولا ۾ ڪيو ويو آپريشن دوران داخلا ۽ نڪرڻ جا رستا سيل ڪيا ويا.

بقايا 43 وڏو وزير

وقت اندر مڪمل ٿي سگهن اجلاس ۾ صوبائي وزير جام خان شورو، حاجي علي حسن زرداري، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين رٿابندي ۽ ترقي نجم شاهه ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ وفاقي عوامي شعبي جي ترقياتي پروگرام (PSDP) مالي سال 2025-26، صوبائي ساليانو ترقياتي پروگرام (ADP) 2025-26 ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ جي مدد سان هلندڙ ٻوڏ ايمرجنسي بحالي پروگرام جو جائزو ورتو ويو. مراد علي شاهه چيو ته روڊن جو بنيادي ڍانچو سنڌ جي معاشي ترقي جي ڪرنگهي جي هڏي آهي ۽ انهن کي مقرر مدي اندر مڪمل ٿيڻ گهرجي. هن زور ڏنو ته سنڌ جي عوام کي ميدان ۾ واضح ترقي نظر اچڻ گهرجي. اسان جي ترجيح اهي منصوبا آهن جيڪي سڌو سنئون ماڻهن کي فائدو ڏين ۽ علائقائي رابطن کي مضبوط بڻائن سنڌ ڪوسٽل هاءِ وي (36 ڪلوميٽر): هي 3.7 ارب رپين جو منصوبو آهي جنهن ۾ وفاقي حڪومت جو حصو 2.6 ارب ۽ صوبائي حڪومت جو حصو 1 ارب رپيا آهي. وڏي وزير ان کي سامونڊي ترقي لاءِ اسٽريٽجڪ لائف لائين قرار ڏيندي جون 2027 تائين مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. روهڙي-گڊو بئراج روڊ (105 ڪلوميٽر): هي 17.79 ارب رپين جو منصوبو آهي جيڪو مٿي سنڌ کي ڏکڻ پنجاب سان ڳنڍي ٿو. وڏي وزير هدايت ڪئي ته ڪم جي رفتار وڌائي وڃي ۽ منصوبو جون 2027 تائين مڪمل ڪيو وڃي. ٽنڊو الهيار-ٽنڊو آدم ٻه طرفي روڊ (31.4 ڪلوميٽر): 9.28 ارب رپين جي اسڪيم ۾ وزيراعليٰ سنڌ حڪومت جي 2.59 ارب رپين جي حصي جي فوري ادائيگي جي هدايت ڪئي ته جيئن ڪم ۾ تيزي اچي. مهراڻ هاءِ وي (نوابشاهه-راني پور 135 ڪلوميٽر): هي 41.03 ارب رپين جو منصوبو آهي جيڪو صوبي جي اندر تجارتي رابطن لاءِ تمام اهم آهي. وڏي وزير ان کي جون 2027 تائين مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. سانگهڙ-روهڙي روڊ مڊ جمڙائو ۽ صالح پٽ ذريعي (221 ڪلوميٽر): هي 35.08 ارب رپين جو منصوبو آهي جنهن ۾ صوبائي حڪومت جو حصو 1.12 ارب رپيا آهي. وڏي وزير چيو ته هي روڊ ڊوراهين علائقن ۾ نوان معاشي رستا کوليندو ۽ زرعي واپار کي فروغ ڏيندو ايشيائي ترقياتي بينڪ جي مدد سان ايمرجنسي سيلاب بحالي پروگرام: وڏي وزير ايشيائي ترقياتي بينڪ جي مدد سان جاري سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريڪنسٽرڪشن پروجيڪٽ (EFARP) جو به جائزو ورتو جيڪو 48.4 ارب رپين جو منصوبو آهي. هي منصوبو 724 ڪلوميٽر ٻوڏ متاثر روڊن جي بحالي تي مشتمل آهي جيڪو ڊسمبر 2022 ۾ اقتصادي معاملن واري قومي ڪائونسل (ECNEC) منظور ڪيو ۽ جنوري 2024 ۾ شروع ڪيو ويو اڄ تائين 538 ڪلوميٽر روڊ مڪمل ٿي چڪا آهن جڏهن ته صوبائي حڪومت جي حصي وارا 4.25 ارب رپيا مان 96 سيڪڙو استعمال ٿي چڪا آهن نظرثاني ٿيل پي سي-ون مطابق منصوبي جو دائرو وڌائي 873 ڪلوميٽر ڪيو پيو وڃي جنهن جي نئين لاڳت 62.53 ارب رپيا هوندي. وڏي وزير چيو ته ايشيائي ترقياتي بينڪ جي سهڪار سان جاري بحالي سنڌ جي انهيءَ عزم جي عڪاسي ڪري ٿي ته اسان ٻوڏ کانپوءِ وڌيڪ مضبوط ۽ جديد انداز ۾ ٻيهر تعمير ڪنداسين. هن هدايت ڪئي ته اضافي فنڊز وقت سر جاري ڪيا وڃن ۽ منصوبو جون 2026 تائين مڪمل ڪيو وڃي. شفافيت، احتساب ۽ پائيدار ترقي جي عزم کي ورجائيندي وڏي وزير چيو ته اسان سنڌ جي بنيادي ڍانچي کي جديد طرز تي استوار ڪرڻ، علائقائي رابطن کي وڌائڻ ۽ اهڙا منصوبا مڪمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون جيڪي صوبي جي ڊگهي مدي واري ترقي ۽ لچڪ ۾ اضافو ڪن.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڊويزن ڪراچي

سامهون: مشرق سينٽر سر شاهه سليمان روڊ گلشن اقبال ڪراچي. فون نمبر: 021-99231945 اي ميل: xenrdd95@gmail.com

حوالو: هي آفيس NIT بيئرنگ نمبر، ايڪس اِي اين/آر ڊي ڊي/ڪي ايڇ آءِ/اين آءِ ٽي/اي ڊي پي_26_2025 تاريخ: 16 آڪٽوبر 2025 ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ وڊيو آئي ڊي نمبر T02223_25_0001 تي اپ لوڊ ٿيل تاريخ: 20,10,2025

اضافو

مٿي ڏنل اين آءِ ٽي نمبر جي تسلسل ۾، هيٺ ڏنل ڪم عوام جي بهترين مفاد ۾، ذڪر ڪيل پوئين ڪمن کان علاوه شامل ڪيا ويا آهن. سڀئي ٽينڊر، هيٺ ڏنل تاريخ، وقت ۽ جڳهه تي جاري ڪيا، جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا جيئن هيٺ ڏنل آهي.

سيريل نمبر	تفصيل	ڪُل لاڳت (ملين ۾)	واڪ سيڪيورٽي 5% (ملين ۾)	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
01	پي ايس-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-II، تعلقو مراد ميمڻ (ڪوٽيسوري ڪميونٽي سينٽر يوسي، غريب آباد) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	17.859	0.892	5000	18 مهينا
02	پي ايس-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-II، تعلقي مراد ميمڻ (دائود ڳوٺ، يوسي غازي دائود بروهي) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	11.667	0.583	5000	18 مهينا
03	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي مراد ميمڻ ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير (وغير ڪميونٽي سينٽر ڪوڪرا پار ملير يو سي، غريب آباد)	20.324	1.0162	5000	18 مهينا
04	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي مراد ميمڻ (آدم هنگورا ڳوٺ، يو سي غريب آباد) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	23.844	1.1922	5000	18 مهينا
05	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي مراد ميمڻ سنگهار جماعت خانه يوسي غريب آباد ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	32.436	1.621	5000	18 مهينا
06	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي مراد ميمڻ (حاجي پير محمد ڳوٺ يو سي، غريب آباد) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	29.123	1.456	5000	18 مهينا
07	پي ايس-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-II، تعلقي مراد ميمڻ (يونٽ-07 سمون ڳوٺ يو سي مراد ميمڻ) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	15.539	0.776	5000	18 مهينا
08	PS-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-2، تعلقي ابراهيم حيدري ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير (دائود چلي ڪميونٽي سينٽر يو سي دائود چورنگي).	22.510	1.125	5000	18 مهينا
09	پي ايس-89، ضلعي ملير ڪراچي فيز-II، تعلقو ابراهيم حيدري (سليمان خيل ظفر ٽائون يوسي، قائد آباد) ۾ ڪميونٽي سينٽر جي تعمير	16.986	0.849	5000	18 مهينا
10	ڪميونٽي سينٽر جي تعمير NA-230 ضلعي ملير (يو سي مسلم آباد)	25.00	1.250	5000	18 مهينا
11	ڪميونٽي سينٽر اين اي-230 ڊسٽرڪٽ ملير (يو سي ڪيٽل ڪالوني) جي تعمير	25.00	1.250	5000	18 مهينا
	پراونشل اي ڊي پي				
01	ڪميونٽي سينٽر ضلعي ملير (بچل ڳوٺ ملير) جي تعمير	25.00	1.25	5000	18 مهينا
02	ڪميونٽي سينٽر ڊسٽرڪٽ ملير (در محمد ڳوٺ ملير يو سي مراد ميمڻ) جي تعمير	25.00	1.25	5000	18 مهينا
03	ڪميونٽي سينٽر ضلعي ملير (آفريدي ڪالوني يو سي خلد آباد) جي تعمير	25.00	1.25	5000	18 مهينا
04	ضلعي ملير ڪراچي ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي انسٽاليشن	110.00	5.500	5000	18 مهينا
05	تعلقي گڏاپ ضلعي ملير ڪراچي ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽن جي انسٽاليشن	40.00	2.00	5000	18 مهينا

واڪ/ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ):

سيريل نمبر	تفصيل	پهريون پيرو	ٻيون پيرو (موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)
i.	ڪورا واڪ دستاويز جاري ڪرڻ لاءِ درخواست جي وصولي جي آخري تاريخ اين آءِ ٽي جي اشاعت کان شام 04:00 وڳي تائين ٽينڊر فيس جي ادائيگي تي (ناقابل واپسي).	04-12-2025	19-12-2025
ii.	ٽينڊر جي وصولي ۽ کولڻ جي تاريخ. (ٽينڊر جي وصولي منجهند 12:00 وڳي تائين ۽ کولڻ منجهند 1:00 وڳي تائين)	05-12-2025	20-12-2025
iii.	جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ، پڇا ڳاڇا ۽ افتتاح جو هنڌ: ايگزيڪيوٽو انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڊويزن ڪراچي جي آفيس ۾ هوندي. سر شاهه سليمان روڊ مشرق سينٽر ڊي سي ايسٽ ڪراچي جي سامهون.		

ٽينڊر جا شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا جيئن حوالو ڏنل اين آءِ ٽي ۾ بيان ڪيو ويو آهي

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ
ڊويزن ڪراچي.

INF-KRY.NO.3752/2025

i WORK FOR SINDH — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
27 هين آئيني ترميم ۽ اُن جا مستقبل تي اثر! صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
ڪرو مهرباني تم اهلِ زمين پر..! صفحو 4

آرٽيفيشل انٽيليجنس جو رت جو سفر!
غلام فاروق صفحو 4

غلام مصطفيٰ جمالي
اسلام آباد ۾ دهشتگرديءَ جو واقعو: سيڪيورٽي سخت ڪئي وڃي! صفحو 4

ڊينگي ڪنٽرول پروگرام جا ملازم 11 مهينن کان پگهارن کان محروم، حيدرآباد ۾ احتجاج

صحت کاتي پاران ڊسمبر 2024ع کان ڪانٽريڪٽ ۾ واڌاري جا ليٽر جاري نه ٿي سگهيا

ملازمن جي گهرن ۾ فاقاڪشي، 8 سال خدمتن باوجود روزگار غير يقيني صورتحال جو شڪار

11مهينا گذرڻ باوجود ڪانٽريڪٽ جو ليٽر جاري ناهي ٿيو ۽ نه ئي پگهارون جاري ڪيون ويون آهن: مظاهرين

11مهينن کان پگهارون نه ملڻ سبب سنڌن گهرن ۾ فاقاڪشي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. سنڌ جي مختلف اسڪيل وائيز ٽريزري ذريعي پگهارون ملنديون هيون ۽ هرسال قانون موجب پگهارن ۾ واڌ ڪئي ويندي هئي تن کيون ويون آهن. هنن چيو ته اسان ڊينگي ڪنٽرول پروگرام تحت باقائده نوڪري ڪريون پيا. جڏهن ته سرڪاري نوڪري لاءِ مقرر عمرون به اسان جون نڪري ويون آهن.هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري،سنڌ جي وڏي وزير،صحت کاتي واري صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري صحت کي اپيل ڪئي ته سنڌن جو نوڪري ۾ واڌ وارو ڪانٽريڪٽ ليٽر جلد جاري ڪري رهيل پگهارون ڏنيون وڃن ۽ نوڪرين تي پڪو ڪري پڪو ڪري انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد: ڊينگي ڪنٽرول پروگرام جا ملازم 11 مهينن کان پگهارن کان محروم، حيدرآباد ۾ احتجاج

خيرپور ۾ بيواهه عورت جو بااثر ڌرين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڏ ر) خيرپور ۾ بيوهه عورت جي گهر تي بااثر ڌرين جو مبينہ قبضي جي ڪوشش چوپائي مال جي لاٽڏي ڌاهي پٽ ڪري ڇڏي گهرجو نڪلو پيچي پاڻي بند ڪيو ويو بيوهه عورت ويهن ڏينهن کان پاڻيءَ کان محروم ايس ايڇ او ٽال مٽول ڪري رهيو آهي تفصيل موجب خيرپور جي مهيسر وڏا ٺاٺي جي حد جي ڳوٺ ڪلراڻي ناريجا ۾ بااثر ڌرين حليم الله ناريجو، جانب ناريجو ،درويش ناريجو ۽ غلام شبيرناريجو جو بيوهه ارباب خاتون زال مرحوم محمد عثمان ناريجو جي گهر تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ بيوهه عورت جي چوپائي مال جي لاٽڏي ڌاهي پٽ ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته بيوهه جي گهرجو نلڪو پيچي پاڻي بند ڪيو ويو آهي بيوهه عورت ويهن ڏينهن کان پاڻي کان محروم اهڙي عمل ڪربلا جي ياد تازي ڪري ڇڏي .بيوهه عورت سخت تڪليف جو شڪار آهي . بيوهه موجب اسان غريب ۽ مسڪين آهيو بااثرن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اسان وڏا مهيسر ٺاٺي تي بارہار وڃي چڪا آهيون پر ايس ايڇ او وڏا مهيسر ٽال مٽول ڪري رهيو آهي .بيوهه عورت اهڙي ڪردارن خلاف ڊي آئي جي سکر فيصل عبدالله چاچڙ ، ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي کان مطالبو ڪيو آهي ته مون بيوهه سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي .

سڪرنڊ ۾ بينظير ڊسٽرڪٽ اسڪول پاران تعليم جي اهميت تي جاڳرتا ريلي

پرنسپال ميڊم شفقت آرائين جي اڳواڻي ۾ اسڪول کان ڪورٽ چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" جا نعرا، والدين کي ٻارن جي اسڪول اچڻ لاءِ اپيل

سڪرنڊ (س ر) بينظير ڊسٽرڪٽ اسڪول سڪرنڊ پاران پرنسپال ميڊم شفقت آراءَ آرائين جي اڳواڻيءَ ۾ اسڪول کان ڪورٽ چوڪ تائين جاڳرتا ريلي ڪڍي جنهن ۾ سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي جڏهن ته تعليم کاتي جي رٽائر ضلعي آفيسر امير بخش پٽي ۽ مهراڻ هاءِ اسڪول نوابشاهه جي هيڊ مسٽريس ميڊم نسرين ناز پٽي ۽ سوڊل ڪوسو پڻ خصوصي شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊم شفقت آراءَ ڳالهائيندي چيو ته پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ واري سلوگن تحت ريلي جو اهتمام ڪيو آهي ان ڪري جاڳرتا ريليون ڪڍي عام ماڻهوءَ تائين اهو پيغام پهچائڻ ٿا چاهيون ته پنهنجي نسل کي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪن تعليم ئي سڀ ڪجهه آهي هن وڌيڪ چيو ته اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد به اسڪول اچڻ ۾ سستي ڪندا آهن انهن جي والدين کي پڻ اپيل ٿا ڪريون ته ٻارن کي اسڪول اچڻ جو پابند ڪن ريليءَ ۾ پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جا نعرا پڻ لڳايا ويا

سڪرنڊ: پرنسپال ميڊم شفقت آرائين جي اڳواڻي ۾ اسڪول کان ڪورٽ چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

صوبائي وزير صحت جي ڏاڏا غلام شاهه لغاري سان امڙ جي وفات تي تعزيت

موت اٽل آهي جنهن کي مڃڻ هڪ حقيقت آهي: ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو

... حقيقت آهي ۾ ماءُ جو وڇوڙو جيءُ جهوري ڇڏيندڙ آهي شال ڪنهن جي ماءُ ڪنهن کان جدا نه ٿئي هن اهو به چيو ته اسين ڏاڏا غلام شاهه لغاري سميت ڏکويل خاندان سان سنڌن ڏک ۾ برابر جا شريڪ ۾ اڳوڻي ضلعي جنرل سيڪريٽري ڏاڏا غلام شاهه لغاري ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گزار آهيون ميڊم عذرا فضل سميت سمورن دوستن جو جيڪي اسان جي ڏک ۾ شريڪ ٿيا آهن

سڪرنڊ: صوبائي وزير صحت جي ڏاڏا غلام شاهه لغاري سان امڙ جي وفات تي تعزيت

مٽياري ۾ وڪيلن جو 27 آئيني ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ٻاهران پيرل مجيداڻو ۽ ٻين وڪيلن نعريبازي ڪئي

27 ترميم ذريعي سمورا اختيار اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪيا پيا وڃن: مظاهرين

جيڪڏهن ترميم واپس نه ورتي وئي ته اسلام آباد ۾ ملڪ گير ڌرڻو ڏنو ويندو

مٽياري (ڏ ر) مٽياري ۾ وڪيلن پاران 27 ترميم خلاف ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عدالت ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي، ان جي اڳواڻي پيرل مجيداڻو ظهير سومرو ۽ ٻيا وڪيل ڪري رهيا هئا، جن جو چوڻ آهي ته 27 ترميم ذريعي تبديليون آنديون پيون وڃن جيڪي ڪنهن به صورت قبول ناهن اسان ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، فوري طور 27 منظوري کي واپس ورتو وڃي نه ته جلد پوري ملڪ جا وڪيل اسلام آباد ۾ ڌرڻو هڻندا. اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته 27 آئيني ترميم ۾ سمورا اختيار اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪيا ويا آهن هاڻي نه سياسي قيادت نه ئي جوڊيشري به اسٽيبلشمينٽ جي ڪنٽرول هيٺ اچي ويا آهن 27 آئيني ترميم سان صوبن جا اختيار ختم ڪري وفاق حوالي ڪيا پيا وڃن. صوبن تي صوبن جي حاڪميت ختم ڪري مڪمل طور وفاق جي تابع ڪيو پيو وڃي، سنڌ جي عوام ڪي 27 ترميم ڪنهن به صورت قبول ناهي جيستائين ترميم ختم نه ٿي ڪئي وڃي اسان جو احتجاج جاري رهندو

مٽياري : وڪيلن جو 27 آئيني ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو

فريدآباد ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان سوين عورتن جا نالا خارج، متاثر عورتن جو احتجاج

مٺين اڪيڊمي، سيڊپور، فريدآباد، موجهڙ ۽ ٻين ڳوٺن جي عورتن ٻارن سميت مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

بغير ويريفڪيشن جي نالا خارج ڪيا ويا آهن، ڪارڊ بند ٿيڻ سبب گهرن ۾ چلهه نه ٻرڻ: مظاهرين

بسپ ٽيمون ڳوٺن ۾ موڪلي نئين سري سان ويريفڪيشن ڪري قسطون بحال ڪيون وڃن

... ڪولرائڻ لاءِ آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ڪارڊ بند ٿيڻ ۽ قسط جاري نہ ٿيڻ خلاف معين اڪيڊمي سيڊپور فريدآباد موجهڙ ۽ ٻين ڳوٺن جي عورتن جو ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو. اسان غريب مسڪين آهيون بغير ويريفڪيشن جي اسان جي بينظير انڪم سپورٽ جي قسط مان

فريد آباد: فريدآباد تپيدار 1 علي عباس چانڊيو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان نالا خارج ڪرڻ خلاف مستحق عورتن جو احتجاج

خيرپور: پاپوليشن کاتي ۾ بااثر عملدار ڪليم الله مهيسر تي ڪرپشن جا الزام

خيرپور(ڏ ر) خيرپور ۾ پاپوليشن کاتي ۾ اهم عهدي تي فائز بااثر عملدار ڪليم □ مهيسر کاتي جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو 10 سالن کان ڪليم □ مهيسر اهم عهدي تي فائز رهي ڪرپشن جا جديد طريقا ايجاد ڪري ڇڏيا، ڪوڙا پروموشن ڪرائي انهن تي آفيسن جو ڪوڙيون سائينون ڪرائي لکين رپين جي ڪرپشن ڪئي آهي. سماجي ڌرين پاران نوٽيس جو مطالبو خبر موجب خيرپور جي سماجي اڳواڻن ايڊووڪيٽ قربان ناريجو علي ڏنو اسلم ميتلو رياض جکڙو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته خيرپور ضلعو سنڌ ۾ آبادي جي لحاظ کان پهرين نمبر تي آهي پر افسوس آهي جو پاپوليشن کاتو خيرپور ضلعي ۾ وڌندڙ آبادي ۾ ڪنٽرول ڪرڻ توڙي جاڳرتا مهم هلائڻ ۾ مڪمل ناڪام آهي جنهن جو خاص سبب پاپوليشن کاتي جو بااثر عملدار ڪليم □ مهيسر آهي هنن چيو ته ڪليم □ مهيسر اڪيلو گذريل 10 سالن کان پاپوليشن کاتي خيرپور ۾ اهم عهدي تي فائز آهي ڪليم □ مهيسر افيس جي عملي سان ملي ڀڳت ڪري پاپوليشن کاتي جي آفيسن توڙي ملازمن کي ويڙا تي ڇڏي، پگهارن ۽ رهڻو ٻلن جاڳرتا مهم کي ڪاغذي ڪاروائي ۾ ڊيڪاري، پيٽرول سميت مختلف هيڊز ۾ آيل بجيٽ کي چونو هڻي هرسال ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري رهيو آهي ڪليم □ مهيسر مبينہ ڪرپشن ڪري اربين روپين جون پراپرٽيون خريد ڪري ورتيون آهن پر افسوس آهي جو نيب، اينٽي ڪرپشن هن ڪرپٽ عملدار خلاف ڪاروائي ڪرڻ کان قاصر بڻيل آهي سماجي اڳواڻن صوبائي وزير پاپوليشن ويلفيئر ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ۽ سيڪريٽري پاپوليشن سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي پاپوليشن کاتي خيرپور مان ڪرپشن جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ ڪرپشن ۾ ملوث عملدار خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي-

حيدرآباد ڊويزن ۾ اڳ کان امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي : ڊي آئي جي حيدرآباد

منشيات فروشن توڙي ڏوهارين خلاف اثرائتيون ڪارروايون جاري آهن

9 ضلعن جي ٿاڻن جي پوليس عملدارن خلاف ڪارروائي پڻ ڪئي وئي آهي

نيوسعيدآباد (ٽ ر) ڊي آئي جي پوليس حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو چيو آهي ته منشيات فروشن توڙي ڏوهارين خلاف اثرائتيون ڪارروايون جاري آهن ان کان علاوه منشيات فروشن جي سرپرستي ڪرڻ جا ثبوت ملڻ تي حيدرآباد ڊويزن جي 9 ضلعن جي مختلف ٿاڻن جي پوليس عملدارن خلاف به ڪارروائي ڪئي وئي آهي. نيوسعيدآباد پرسان ڳوٺ منصوره ڊيپر ۾ ايس ايس پي مٽياري محمد عارف اسلم رائو ڊي ايس پي نيوسعيدآباد بلندو خان مگسي سان گڏ پوليس پوسٽ جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حيدرآباد ڊويزن ۾ اڳ کان امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي، پوليس وردي ۾ ڪارين رڍن سان گڏ منشيات فروشن انهن جي سهولتڪارن خلاف ڪارروايون ڪرڻ سبب ڏوهن ۽ منشيات جي وڪري تي سلو ڪنٽرول ٿيو آهي ڊي آئي جي پوليس حيدرآباد جو چوڻ هو ته آئيس چرس جهڙن خطرناڪ نشي وارين شين جي منشيات فروشن لاءِ به اسان پلان جوڙيو آهي انهن خلاف سخت آپريشن ڪري کين ڪيفر ڪردار تي پهچايو ويندو هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته حيدرآباد ڊويزن اندر مٽياري ضلعي ۾ پوليس منشيات فروشن سميت ڏوهارين خلاف آپريشن ڪري سوين منشيات فروشن ۽ ڏوهارين کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي جيڪو مٽياري پوليس جو بهترين ۽ ساراهه جوڳو قدم آهي ان کان اڳ افتتاحي تقريب ۾ ڊي آئي جي پوليس حيدرآباد کي پوليس طرفان گارڊ آف آنر ڏنو ويو.

نيو سعيد آباد: منشيات فروشن توڙي ڏوهارين خلاف اثرائتيون ڪارروايون جاري آهن

ٺرڙي محبت ۾ پورهيت تي مبينا چوري جو الزام ۾ تشدد، موٽرسائيڪل ۽ موبائل کسي ورتو

چيئرمين ٽائون ڪاميٽي جي نوڪر پاران امجد خاصخيلي کي رستي تان پڪڙي ڪنڌر ڏنو ويو

تشدد کان بيهوش پورهيت کي اوطاق ٻاهران ڦٽو ڪيو ويو، پوليس پڻ گرفتاري لاءِ پهتي، صحافي ڏسي واپس روانگي

وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي دادو جو نوٽيس، زخمي کي علاج لاءِ ليٽر نہ مليو

ٺرڙي محبت (ن ع) ٺرڙي محبت جي جوکيا محلا جي رهواسي پورهيت امجد پٽ پريل خاصخيلي جنهن کي ٽائون ڪاميٽي ٺرڙي محبت جي چيئرمين شاهد سهول جي نوڪر آصف سومرو مبينا چوري جي الزام هڻي رستي تان موٽرسائيڪل تي وٺي دوران پڪڙي وڏيري جي اوطاق تي پنهنجي عدالت لڳائي سخت تشدد ڪري زخمي ڪري وڌو تشدد دوران پورهيت اپ ڏاريندڙ ڌانهون ڪندو رهيو پر پوءِ به هن کي نه ڇڏيو ويو جڏهن نه تشدد دوران پورهيت بيهوش ٿي ويو جنهن کي بعد ۾ اوطاق ٻاهران ڦٽو ڪيو ويو جيڪو هوش ۾ اچي بعد پنهنجي گهر پهتو جتان پوليس هن جي پوڙهي پيءُ کي اڳ گرفتار ڪري ٿاڻي تي ڪٺي وئي هئي ۽ بعد ۾ ان بااثر پوٽار ۽ ان جي نوڪر جي چوڻ تي تشدد ٿيل پورهيت کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ پوليس کي موڪليو ويو پر ان دوران اتي صحافي به پهچي ويا جن جي مداخلت تي تشدد ٿيل نوجوان کي ڇڏي فرار ٿي ويا جڏهن ته زخمي ٿيل پورهيت ٿاڻي تي پهچي پاڻ تي ٿيل تشدد مطلق ٻڌايو ۽ چيو ته مون کي ليٽر ڏيو ته علاج لاءِ اسپتال وڃان پر پوليس هن کي ليٽر نہ ڏيو ۽ نتائيندي ٿاڻي ڇڏي پنهنجي بنگلي تي هليو ويو هوڏانهن نوجوان تي تشدد جي وڊيوز سوشل ميڊيا تي هلڻ ڪانپوءِ ذريعن موجب ايس ايس پي دادو سخت نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او ٺرڙي محبت کي پنهنجي آفيس طلب ڪري ورتو آهي جڏهن ته پوليس ۽ مقامي وڏيري جي ڳٺ جوڙ سبب هڪ موالي کي پڪڙي زوري از پورهيت تي چوري جو الزام لڳائڻ لاءِ زور وڌو پيو وڃي بئي پاسي تشدد جو نشانو بڻيل پورهيت امجد خاصخيلي جي موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون آصف سومرو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته پورهيت جي پيءُ پريل خاصخيلي ميڊيا واري کي ٻڌايو ته جيڪڏهن اسان ساڻ انصاف نہ ٿيو ته سخت کان سخت احتجاج ڪيو ويندو آخري اطلاع تائين ٺرڙي محبت پوليس زخمي ٿيل پورهيت کي ليٽر نہ ڏنو ۽ هو زخمي حالت ۾ پنهنجي گهر اندر دانهون ڪندو رهيو آهي

سجاول: پوليس ڪاروائي هڪ منشيات فروش زخمي حلت ۾ گرفتار

سجاول پوليس ڪارروائي، هڪ منشيات فروش زخمي حالت ۾ گرفتار

سجاول (ڏ ر) سجاول ضلع پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، هڪ منشيات فروش زخمي حالت ۾ گرفتار پوليس ترجمان موجب ايس ايڇ او لاڏيون غلام مصطفيٰ سولنگي پاران منشيات ۽ آئيس ڪرسٽل ڊيلر شمس جاڙيجو کي چرس ۽ آئيس سميت گرفتار ڪيو ويو گرفتار منشيات فروش شمس جاڙيجو جاچ دوران اعتراف ڪيو ته سندس ساٿي منشيات فروش گرڙ اسٽيشن جي پرسان جهاڙين ۾ لڪل آهن جنهن تي ايس ايڇ او لاڏيون پوليس پارٽي ۽ گرفتار جوابدار جي ساٿ سان اتي پهتي ته موجود منشيات فروشن پوليس تي فائرنگ شروع ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ گرفتار منشيات فروش شمس جاڙيجو زخمي ٿي پيو رات جي اونڌهه جو فائدو وٺي ٻيا منشيات فروش فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

ايڪشن الائنس جي چيئرمين جو ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو

آفتاب چانڊيو سينٽر جي مختلف شعبن بلڊ بينڪ ، ليبارٽري، فري فارما وارڊن جو جائزو ورتو

سينٽر بابت ساراهه ٻڌل هئي پر اڄ اکين سان ڏسي خوشي به ٿي رهي آهي:آفتاب چانڊيو

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ ايڪشن الائنس جي چيئرمين سماج سڌارڪ آفتاب احمد چانڊيو ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو جتي هن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ بلڊ بينڪ ، ليبارٽري ، فري فارما ، آئي سي يو ۽ ميل فيميل وارڊ شامل هئا جتي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنه کيس شعبن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سينٽر تي 27 سئو کان وڌيڪ ٿيليسيميا جا ٻار رجسٽرڊ آهن جيڪي سنڌ جي 12 ضلعن مان ايندا آهن جن کي رت ، دوائون ۽ لنچ مفت فراهم ڪيو ويندو آهي بريفنگ بعد آفتاب احمد چانڊيو الڳ الڳ وارڊن ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات ۽ سندن عيادت ڪئي جنهن بعد هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٿيليسيميا سينٽر بابت ساراهه ٻڌل هئي پر اڄ اکين سان ڏسي خوشي به ٿي رهي آهي ته حيراني به ٿي رهي آهي ته اسان وٽ نوابشاهه ۾ ههڙو ادارو موجود آهن هن وڌيڪ چيو ته دنيا جا ڪئي ملڪ گهميا ، ڏٺا ۽ پرکيا اٽلون پر حقيقيت هي ۽ آهي ته ٿيليسيميا سينٽر اچي اهو محسوس ٿي رهيو آهي ته ڪنهن سڌريل ملڪ جي اداري ۾ آهيون هتي جو انتظام ۽ صفائي سٿرائي پڻ ڪمال جي آهي آفتاب احمد چانڊيو اهو پڻ اعلان ڪيو ته 22 نومبر تي ڳوٺ قيصر خان چانڊيو ۾ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويندو ۽ يونين ڪائونسل پنهل خان چانڊيو ۾ ٿيليسيميا بابت اسڪريننگ ڪيمپ لاءِ پڻ مڪمل سهڪار ڪندو جنهن تي اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال سندس ان اعلان کي ساراهيندي چيو ته اسان کي آفتاب احمد چانڊيو جهڙن ڪردارن جي ضرورت آهي جيڪي هر حوالي سان ٿيليسيميا جي ٻارن جي درد کي سمجهي سگهن ان کان اڳ آفتاب احمد چانڊيو جي سينٽر پهچڻ تي ٿيليسيميا فائيٽر ايڊووڪيٽ دانش ٿنيو کيس گلدستو پيش ڪري سندس شاندار آجيان ڪئي ان موقعي تي بشير لاشاري ، غلام نبي ملاح ، آغا راشد ، حسنين سولنگي ، شاهد خان ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا .

سڪرنڊ: ايڪشن الائنس جي چيئرمين جو ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو

ٽنڊو محمد خان ۾ پورهيت غربت ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪريم آباد واسي 45 سالن جي لونگ ڪولهي ڦاهو کائي زندگي جو انت آندو

ٽنڊو محمد خان(ڏ ر) ٽنڊو محمد خان شهر جي ڪريم آباد ڪالوني جو رهواسي پورهيت 45 سالا لونگ ڪولهي ڪيترن ڏينهن کان مزدوري نه ملڻ جي ڪري نيٺ تنگ اچي پنهنجي زندگي جو ڏيئو گهر جي پرسان وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي مبينا طور آپگهات ڪري ڇڏيو، علائقي جي رهواسين لاش کي وڻ ۾ ٽنگيل ڏسي سندس گهر ڀاتين کي اطلاع ڪيو، جنهن ڪانپوءِ سندس مٽن مائٽن لاش کي وڻ کان هيٺ لاهي پوليس کي اطلاع ڪري لاش کي سرڪاري اسپتال پوسٽ مارٽم لاءِ پهچايو جتان ضروري ڪاروائي ڪانپوءِ لاش کي واپس سندس ڪريم آباد ڪالوني واري گهر ڪنائي ويا ، لاش گهر پهچڻ تي غربت ۽ بيروزگاري جاتائي پنهنجا بيان ڏئي ڇڏيا آهن، پوليس جو چوڻ آهي ته وارثن موجب آپگهات جو واقعو غربت بيروزگاري جي ڪري پيش آيو آهي ، آپگهات ڪندڙ لونگ ڪولهي پنهنجي پويان 4 پٽ ، 2 نياڻيون سميت 6 ٻار ۽ هڪ بيواهه سوگوار ڇڏي آهي جنهن ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته آپگهات ڪندڙ جي گهر ۾ اڪثر ڪري ڪاڌ خوراڪ لاءِ رڌ پچاءُ جو سامان نه هوندو هو ۽ هو پنهنجي زندگي مان تمام گهڻو پريشان رهندو هو ، ڪاڌ خوراڪ جو سامان نه ملڻ جي ڪري پنهنجي ٻارن ۽ زال سميت ڪنهن وقت بکيو رهي رات ڏينهن گهر ۾ سمهي پوندو هو ، علائقي جي ساڃاهه وندن جو

اي ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ٽنڊو کول بلاڪ ٽوپهتي آر او پلانٽ جو افتتاح

ٽنڊو کول ۾ سي او آمر اقبال ۽ فرحان انصاري سان ملاقات، ڳوٺاڻن جي مسئلن تي غور ويچار

ٽنڊو فائونڊيشن پاران آر او پلانٽ پروجيڪٽ جو افتتاح ڪيو، پاڻي جي سهولتن ۾ بهتري جو اعلان

ڳوٺ وارن سان ملاقاتون ڪيون، انهن جا مسئلا ٻڌي حل لاءِ سي او کي هدايتون جاري ڪيون

ملي (ڊ-ر) پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ٽنڊو کول بلاڪ ٽو پهچي سي او آمر اقبال ۽ فرحان انصاري ،سان ملاقات ڪئي کول ايريا ۾ ايندڙ ڳوٺن جي مختلف ماڻهن جي مسئلن تي ڳالهه ٻول ڪئي ڳوٺ پاٻوهر هاليپوٽا پهچي ٽنڊو فائونڊيشن پاران ڏنل آر او پلانٽ پروجيڪٽ جو افتتاح ڪيو ۽ ڳوٺ وارن سان ملاقات ڪري مختلف ڳالهيون ٻڌي انهن تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ سي او کي هدايت ڪئي هنن جا مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ڪئي ڳوٺ جيئندو درس پهچي ٽنڊو فائونڊيشن آر او پلانٽ پروجيڪٽ جو افتتاح ڪيو ۽ مرتي ادرس جي دعوت ۾ شرڪت ڪئي انهيءَ موقعي تي امام علي ڏيکو فياض شيخ الله وڏايو حاجاڻو حاميد ميهري ڊاڪٽر دليپ عرفان جوڻيجو اعجاز فقير منيش ڪمار رتناڻي، منيش ڪمار ٽناڻي ساٿس گڏ هئا

يوسي فقير نوح هوٿياڻي کي هر مهيني ملندڙ فنڊ ڪرپشن جي نظر ٿرڦياتي ڪم نہ ٿيا

سيڪريٽري ٺيڪيدار سان ملي ڀڳت ڪري ڪوڙيون بي سيون ناهي فنڊ هڙپ ڪرڻ لڳا

چيئرمين ۽ سيڪريٽري آفيس مان غيرحاضر عوام جا مسئلا حل نہ ٿيڻ سبب پريشان

ڪنڊوڙو (ن ع) يوسي فقير نوح هوٿياڻي اندر ڪافي وقت کان وڏي پئماني تي ڪرپشن جو سلسلو هلندڙ هر مهيني 10 لک روپيا ملندڙ بجيٽ مان به عوام کي ڪوبه رليف نه مليو جڏهن ته انهي فنڊن مان ملازمن جي پگهار ڪڍي باقي ست لک روپيا بچت مان به هن وقت تائين ٽڪي جو ڪم نه ڪرايو ويو انهي بچت واري رقم هڙپ ڪرڻ لاءِ هڪ فرضي ٺيڪيدار رضا علي ٿهيم سان ملي ڀڳت ڪري نلڪن توڙي سولر پليٽن ۽ صفائي جي سامان جون ڪوڙيون بي سيون ناهي فنڊ هڙپ ڪيا وڃن ٿا نه ٻئي پاسي صرف خانا پوري ڪرڻ لاءِ ڏهاڙي تي به پنگي رکي انهن کي ڳوٺن ۾ صفائي لاءِ موڪلي عوام کي بي وقوف ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته اهي پنگي وري ڳوٺاڻن کان صفائي جا پئسا وٺي بعد ۾ اتي صفائي ڪن ٿا اهڙي طرح اڪثر ڳوٺن اندر ڪچري جا ڍير هجڻ ڪري مڇرن جي آزار سبب ماڻهون مليريا ۾ مبتلا ٿي ويا مگر يوسي انتظاميا جي ڪن تي جون به نه سري ساڳئي طرح يوسي اندر عوام کي ٻن مهينن کان برٿ توڙي فوتي سرٽيفڪيٽ ملڻ به بند ٿي ويا جنهن جو وڏو سبب نادرا پاران يوسي جو اڪائونٽ بند هجڻ ٻڌايو پيو وڃي اهڙي طرح يوسي اندر عوامي مسئلا حل نه ٿيڻ ڪري وائيس چيئرمين سميت ٻن ڪائونسلرن پاران استيعفائون ڏئي گهر هليا ويا مگر انهي باوجود يوسي انتظاميا ۾ سڌارو نه اچي سگهيو سيڪريٽري سميت چيئرمين پڻ آفيس اچڻ لاءِ تيار ناهي آفيس ۾ هڪ چوڪيدار ۽ رٽائرڊ ڪلارڪ سندن پٽ کي ويهاري ماڻهن کان سرٽيفڪيٽن واري في جي ناَلي تي پنج سو کان هڪ هزار اوڳاڙي ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهن جن جي کين ڪابه رسيد به نہ ڏني وڃي اهوئي سبب آهي جو يوسي جي اڪائونٽ ۾ ڪيترن ئي سالن کان سرٽيفڪيٽن جي مد ۾ پئسا جمع نہ ڪرايا ويا عوام کان اوڳاڙيل فيس جي رقم پڻ هر مهيني هڙپ ڪئي وڃي ٿي اهڙي طرح اڄ هڪ ڳوٺاڻو سمر شاهه يوسي آفيس ۾ پهچي سرٽيفڪيٽن بابت پڇائو ڪيو مگر کين آهيو چئي واپس موڪليو ويو ته نادرا اڪائونٽ بند ڪري ڇڏيو ۽ سيڪريٽري پڻ نٿو اچي اسان ڇا ڪيون اهڙي طرح رابطي ڪرڻ تي چيئرمين ميهار سهتو جو چوڻ ته مونکي بدنام ڪرڻ لاءِ اڪائونٽ بند ڪرايو ويو آهي جيئن ماڻهن کي سرٽيفڪيٽ نہ ملي سگهن انهي سازش ۾ عملو پڻ ملوث آهي جن خلاف اختيارين کي آگاهه ڪيو آهي ۽ نادرا کي پڻ ليٽر لکيو نہ جلد اڪائونٽ کولي وڃي .اهڙي طرح عوام جا مسئلا حل ڪرائڻ جي هميشہ ڪوشش ڪئي آهي .

خيرپور ۾ سنڌي ادبي سنگت پريالوءَ جي گڏجاڻي ٿي گذري

خيرپور (ڏ ر) سنڌي ادب ۾ نعت ۽ حمد تمام گهڻو ٿو لکجي چوته سنڌ جو تئين لکهيءَ جو شاعر نعت ۽ حمد لکڻ کي عيب ٿو سمجهي جڏهن ته اصل شاعري ئي الله ۽ ان جي حبيب جي واکاڻ لکڻ آهي اهڙن خيالن جو اظهار بهترين استاد وحيد ميمڻ سنڌي ادبي سنگت پريالوءَ جي دستوري گڏجاڻي ۾ صدارتي راءِ ڏيندي سجاد ميراڻي جي نئين لکيل نعت تي ڪيو گڏجاڻيءَ ۾ سجاد ميراڻيءَ چيو ته مان حمد ۽ نعت لکڻ کي پنهنجي لاءِ اعزاز ٿو سمجهان چاڪاڻ ته اهڙي بابرڪت شاعري ڪرڻ ٿي دنيا ۽ آخرت ۾ نجات ۽ دلي سڪون جو سبب آهي گڏجاڻي ۾ اسد بلوچ ، سميع سجاد ، علي ڦلپوٽو ، سعيد سنڌيءَ ۽ سارنگ ميراڻي ۽ ٻين شرڪت

دولتپور ۾ قاضي احمد جي رهواسڻ جو پنهنجي سهري خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

دولت پور صفن (ن ع) قاضي احمد جي گلزار مدينا مسجد ڪالوني جي رهواسي مسمات ظهيران ڌيءَ مير حسن جوڻيجو پنهنجي امڙ سان گڏ ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته جمال شاهه جو رهواسي حاجي ميهر جوڻيجو جيڪو منهنجو سوهرو آهي جيڪو مون مٿان زبردست تشدد ڪندڙ هو جيڪو مونکي ڪي 3 مهينا بلوچستان وٺي گم ڪري ڇڏيو هو ۽ مون وڪرو ڪرڻ لاءِ ماڻهن سان رابطا ڪندو هو ۽ منهنجو مڙس جنسار ب تشدد ڪندڙ هو اهڙي عمل خلاف منهنجي امڙ ايبي ڪورٽ جو در کڙڪايو ۽ عدالت سکوري جي حڪم تي مون کي بازياب ڪرائي مائٽن حوالي ڪيو ويو آهي ان کان پوءِ هو غير ماڻهو وٺي اسان کي پريشان ڪندا رهن ٿا هر وقت غير ماڻهو ۽ پوليس وارا به اسان جي گهرن مٿان پهرا ڏئي رهيا آهن جڏهن ته اهڙو ڪيس نواب شاهه جي عدالت سکوري ۾ هلندڙ آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته هو مونکي اغوا ڪرڻ چاهين ٿا هنن وڌيڪ چيو ته حاجي ميهر جوڻيجو منهنجي چاچڻ محمد حسين جوڻيجو وزير جوڻيجو گلبهار جوڻيجو سوٽ شهمير جوڻيجو کي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اگر اسان کي ڪوبه جاني مالي نقصان ٿيو ته ان جا ذميوار حاجي ميهر ان جا ياٺر ۽ ان سان جيڪي به گڏ اچن ٿا اهي ذميوار هوندا آخر ۾ هنن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ڊي ايس پي قاضي احمد ۽ ايس ايس او جمال شاهه ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو ته حاجي ميهر خلاف ڪارروائي ڪري ڪيس گرفتار ڪيو وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دولتپور: قاضي احمد جي رهواسڻ جو پنهنجي سهري خلاف احتجاج انصاف جو مطالبو

ڏيپلو ويجهو قتل ٿيل يوسف سمون جو ڪيس داخل، 4 گرفتار

مصري سمون جي فرياد تي صديق، صاحب، اشرف، تاج ۽ ابوبڪر تي ڪيس داخل ڪيو ويو

مٺي (ڊ-ر) گذريل ڏينهن ڏيپلو جي ڳوٺ ڪرم علي سمان ۾ ٻڪري چوري جو الزام هڻي حملي دوران قتل ٿيل نوجوان يوسف سمون جي پيءُ مصري سمون جي فرياد تي ڏيپلو ٿاڻي تي 5 جوابدارن مٿان ڪيس داخل/4 گرفتار ڏيپلو پوليس ڳوٺ ڪرم علي سمان ۾ حملي دوران قتل ٿيل نوجوان يوسف جي پيءُ مصري جي فرياد تي صديق، صاحب، اشرف،تاج محمد ۽ ابوبڪر سمون مٿان ڏيپلو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري ورتو4 ڄڻا گرفتار وارثن جو چوڻ آهي ته اسان نوجوان جي پيءُ جي فرياد تي 5 ڄڻن مٿان قتل جو ڪيس داخل ڪيو آهي جن 4 ڄڻا گرفتار ڪري ورتا آهن هڪ جوابدار ابوبڪر جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن

دادو: پير مظهرالحق جي ڊاڪٽر قلندربخش کهڙو جي وفات تي وارثن سان تعزيت

دادو(ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينئر وزير پير مظهرالحق ۽ سندس پٽ پيرمعظم الحق کهڙو هائوس پهچي ڊاڪٽر قلندربخش کهڙو جي وفات تي سندس وارثن پٽ نور احمد ۽ پٽ منصور احمد

ڪي اين شاهه ۾ نامعلوم چور دوڪان مان لکين روپين جو سامان کڻي ويا

نامعلوم چورن فتح علي پنهور جي دوڪان جا تالا ٽوڙي قيمتي سامان ۽ روڪ رقم کڻي فرار

اليڪٽرڪ يونين ۽ چيمبر آف ڪامرس جا اڳواڻ متاثرن وٽ پهچي مدد جو يقين ڏياريو

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) خيرپور ناٿن شاهه علمدار چونڪ مين بس اسٽاپ تي قائم هول سيل جي مشهور ڪرياڻ مرچنٽ . مرغي جي هول سيلر فتح علي پنهور مشهور مستري استاد جاپاني جي دوڪان جا رات کي نامعلوم چور تالا ٽوڙي لکين روپيا روڪ ۽ قيمتي سامان کڻي آساني سان هليا ويا ان واقعي خلاف اليڪٽرڪ يونين جي قائم مقام صدر علي محمد قمبراڻي ۽ سندس ٽيم متاثر وٽ پهچي پنهنجي مدد جو يقين ڏياريو ان موقعي تي چيمبر آف ڪامرس ضلع دادو جي نائب صدر عمران علي زنگيجو ۽ سيٺ فتح علي پنهور ڌانهندي چيو ته بار بار ايس ايڇ او ڊي ايس پي کي مين بس اسٽاپ تي پوليس وارو مقرر ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي مگر ان تي ڪوبه عمل ڪيو ويو، شهرين کي چورن ۽ ڦورن تي ڇڏيو ويو آهي پوليس منشات فروشن چورن ڦورن جي ساٿاري بڻيل آهي شهري مڪمل طور تي عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويا آهن هنن اهو به چيو ته ايس ايڇ او قمر الدين ٿنيو ۽ ڊي ايس پي عبدالحق قريشي پنهنجيڊ بنگلي تي آرامي آهن جڏهن ته ڪي اين شاهه ٿاڻي تي مقرر ٿيل ڪيدراڻي پوليس اهلڪارن جي ويڙا تي وڃڻ جا اطلاع آهن جنهن سبب شهر ۾ چورين ۽ ڦورن جي ڏم مٺل آهي واپاري اڳواڻن ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته هو چوري ٿيل سامان فوري طور واپس ڪرائي واپارين ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪري

خيرپورناٿن شاهه: دڪان مان ٿيل چورن تي واپاري اڳواڻ ۽ دڪاندار ڳالهائيندي

ماتلي ۾ پي ڪي ايم ٽي ضلع ٽنڊو محمد خان جو اجلاس

اجلاس ۾ هارين، مزدورن ۽ استادن جي شرڪت، سامراجي پاليسين، موسمي بحران ۽ عوامي مسئلن تي زور

غير متوقع برساتن، ڏڪار، گرمي جون لهرون ۽ ٻوڏ هارين ۽ ڳوٺاڻن جي زندگي خطري ۾ وجهي ڇڏي آهي

ماتلي (ن ع) پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ جي طرفان "سامراجي جنگيون قرضن، موسمي بحران ۽ عدم مساوات خلاف عوامي محاذ" جي موضوع تي ضلع □ محمد خان جو ٽيون ضلعي اجلاس منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ ضلعي جي مختلف ڳوٺن ۽ علائقن مان پي ڪي ايم ٽي جي ميمبرن سان گڏ ٻين هارين، مزدورن ۽ استادن پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پي ڪي ايم ٽي جي ميمبرن حميد الله ورڻ نور احمد زنڊيون محمد اقبال جڳسي تبسم پٽي امام الدين سومرو ، عبدالحميد ورڻ ۽ ٻين چيو ته دنيا هن وقت سخت موسمي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي. جنهن جون پاڙون سامراجي پاليسين ۽ عالمي طاقتن جي غير منصفاڻي معاشي حڪمت عملين ۾ پيل آهي. سامراجي قوتن ترقي پذير ملڪن جي زمين وسيلن ۽ ماحوليات کي پنهنجي لالچ ۽ نفعي خوري جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي. سرمائيدار جي صنعتي ڍانچي ۽ ڪاربان جي وڌندڙ اخراج نہ فقط ڌرتي کي تباهي جي ڪناري تي آڻي ڇڏيو آهي پر هارين ۽ ڳوٺاڻي آباديءَ جي زندگين کي به خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هنن چيو ته پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا جا هاري اڄ سڌي طرح موسمي تبديلين جي اثرن کي ڀوڳي رهيا آهن. ڪڏهن غير متوقع ۽ معمول کان وڌيڪ برساتون ڪڏهن ڏڪار ۽ سخت گرمي جون لهرون ۽ ڪڏهن بدترين ٻوڏون سندن محنت ۽ فصلن کي تباهه ڪري ڇڏين ٿيون. ان جي باوجود هاري پنهنجي زمين ۽ زندگيءَ جي تحفظ لاءِ مزاحمت ڪري رهيا آهن. اهي نه فقط زرعي نظام کي زنده رکڻ جي جدوجهد ۾ آهن پر سامراجي پاليسين جي خلاف پنهنجي آواز به مٿي ڪري رهيا آهن. پاڪستان ۾ تازي ٻوڏ سبب تقريبا هڪ هزار ماڻهو موت جي ورچڙي چڪا آهن جن ۾ 250 معصوم ٻار شامل آهن. هڪ هزار کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا. تقريباً 12 هزار کان مٿي گهر مڪمل يا جزوي طور تي تباهه ٿيا آهن. لکين ماڻهو بي گهر ٿي چڪا آهن. تازي ٻوڏ به پاڪستان ۾ اڳئين ٻوڏن وانگر زرعي شعبي کي سخت متاثر ڪيو آهي. لکين ايڪڙ زرعي زمين پاڻي هيٺ اچي وئي آهي. ڪيترن ئي ضلعن ۾ فصلون مڪمل طور تباهه ٿي چڪيون آهن.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 13 نومبر 2025ع

27هين آئيني ترميم ۽ اُن جا مستقبل تي اثر!

پاڪستان جي سياست ۾ آئيني ترميمون هميشه حساس موضوع رهيون آهن. تازو 27هين آئيني ترميم ڪري پيدا ٿيل سياسي ماحول انهيءَ ڳالهه جو واضح ثبوت آهي. قومي اسيمبليءَ ۾ اضافي ترميمن جي پيشڪش حڪومت ۽ اپوزيشن جون الڳ فهرستون ۽ سينيٽ ۾ اجلاس جو شيڊول هڪدم تبديل ٿيڻ، اها ڳالهه ظاهر ڪري ٿو ته ملڪ جي آئيني ڍانچي ۾ اهڙا ڪي تبديليون متوقع آهن. ترميم ۾ آرٽيڪل 6 ۾ ممڪن ترميم ۽ عدالتي اختيارن سان لاڳاپيل معاملا خاص توجهه طلب آهن. رپورٽن موجب 27هين آئيني ترميم ۾ اضافي ترميمون قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيون ويون آهن. حڪومت پاران ڪجهه ترميمون شامل ڪيون ويون آهن، جڏهن ته اپوزيشن جون 11 ترميمون پڻ ايجنڊا ۾ شامل آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته پارليامينٽ ۾ تفصيلي بحث جو امڪان آهي. انهن ترميمن ۾ بغاوت سان لاڳاپيل آرٽيڪل 6 جي شق 2 A ۾ ممڪن تبديليءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن جو مقصد آئيني تحفظ ۽ قانوني تشريح کي مضبوط ڪرڻ آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته سپريم ڪورٽ سان گڏ وفاقي آئيني عدالت جو نالو پڻ شامل ڪيو ويندو. جيئن ڪنهن به آئيني خلاف ورزي يا بغاوت واري عمل جي تصديق عدالتن پاران نه ٿي سگهي.

هي سٽون لکڻ وقت قومي اسيمبليءَ ۾ 27هين آئيني ترميم جي شق وار منظوريءَ جو عمل جاري هو جڏهن ته اپوزيشن اجلاس جي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪري چڪي هو. اجلاس دوران وزير قانون جو چوڻ هو ته بار ڪائونسل ۽ ايسوسيئيشن جي مشاورت کانپوءِ چيف جسٽس جي عهدي تي ڪجهه ابهام هو چاڪاڻ ته پهرين لکيل هيو ته جيڪو سڀ کان سينيئر هوندو، اهو ڪميشن کي چيئر ڪندو. هن چيو ته انهيءَ ابهام کي دور ڪرڻ لاءِ ڪجهه ترميمون متعارف ڪرايون ويون آهن، جنهن سان وڌيڪ واضح ٿيندو ته جسٽس يحيٰ آفريدي ئي چيف جسٽس پاڪستان رهندو. ترميم ۾ سڀ کان اهم موضوع آرٽيڪل 6 جي شق 2 A آهي، جنهن ۾ بغاوت يا آئيني خلاف ورزي جي قانوني حيثيت ۽ عدالتن جي اختيارن کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي وفاقي آئيني عدالت، سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ ڪنهن به اهڙي عمل جي تصديق نه ڏيندي، جيڪو ڏيلي شق 1 يا 2 ۾ بيان ٿيل هجي. وزير قانون چيو ته آرٽيڪل 239 موجب آئين ٺاهڻ جو اختيار پارليامينٽ وٽ آهي ۽ آئيني عدالت کي آئين ٻيهر لکڻ جو اختيار حاصل ناهي.

27هين آئيني ترميم کي پاڪستان جي آئيني ۽ سياسي منظرنامي ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت ۾ ڏٺو پيو وڃي. بغاوت جي قانون عدالتي اختيارن ۽ آئين جي بالادستيءَ کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي پر ان سان گڏ سياسي ۽ قانوني پيچيدگيون پڻ پيدا ٿي رهيون آهن. اسين نٿا چاهيون ته هن وقت جيڪي ڌريون ترميم جي حق ۾ بيان ڏئي رهيون آهن اُهي مستقبل ۾ هلي پنهنجن اُنهن بيانن تي قائم رهنديون يا سندن موقف ۾ ڪا تبديلي ايندي. هونئن ڏٺو اِهو ٿي ويو آهي ته پارليامينٽ جو حصو رهندڙ ڌريون ڪڏهن مصلحت ته ڪڏهن ورڻي مفادن تحت پنهنجا فيصلا ڪنديون رهنديون آهن هِن عمل جو فيصلو به ڀاڻ تاريخ تي ڇڏيون ٿا، جيڪا واضح ڪندي ته موجوده حڪمرانن آئين کي مضبوط ۽ مستحڪم بڻائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو يا اُن کي ڪمزور ڪيو؟ بهرحال آئيني ترميم جو اهو عمل ڏيکاري ٿو ته پاڪستان ۾ آئيني تحفظ ۽ پارليامينٽ جي اختيار جي وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ ڪيترو ڏکيو آهي ۽ مستقبل ۾ آئيني ادارن جي ڪردار تي اُن جا اثر به محسوس ڪيا ويندا. پارليامينٽ، حڪومت ۽ عدليه هڪبئي سان تعاون ڪن ۽ گڏجي ڪم ڪن جيئن ملڪ جو آئيني ڍانچو مضبوط رهي ۽ جمهوريت قائم رهي. 27هين آئيني ترميم جو عمل ڏيکاري ٿو ته آئيني ادارن ۽ قانون سازي جي وچ ۾ توازن ۽ تعاون ڪيڏو اهم آهي. اهو ئي ملڪ جي استحڪام، قانون جي حڪمراني ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ بنيادي شرط آهي.

آئين تي وار!


زاهد حسين

جارج آرويل پنهنجي مشهور ڪتاب '1984' ۾ لکي ٿو ته: "اڳواڻن توهان کي چيو ته جيڪي توهان پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ ٻڌو، اُن تي يقين نه ڪريو- اها نهايت اهم هدايت آهي."

پاڪستان پنهنجي ماضيءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا ڏٺو آهي، جتي آمرن آئين کي يا ته معطل ڪيو يا مڪمل طور ختم ڪري ڇڏيو. جنرل ضياءالحق ته ايستائين چوندو هو ته "آئين هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو آهي، جنهن کي آئون ڪنهن به وقت ڦاڙي سگهان ٿو."

هي قول اُن تڪبر ۽ غرور جي علامت هو، جيڪو اقتدار سان گڏ اچي ٿو- ۽ اهو ئي رويو هو جنهن سان 1973ع ۾ چونڊيل پارليامينٽ پاران منظور ٿيل قومي آئين کي گهٽ سمجهيو ويو. 1988ع ۾ ضياء الحق جي جهاز حادثي ۾ موت کان پوءِ آئين ڪجهه ترميمن سان بحال ڪيو ويو.

جنرل پرويز مشرف به آئين کي هڪ ڀيرو نه، ٻه ڀيرا معطل ڪيو- پهريون ڀيرو 1999ع ۾، ۽ ٻيهر 2007ع ۾. ٻئي ڀيري سندس عمل کي قانوني تحفظ نه مليو، پر هو ڪجهه مهينا وڌيڪ اقتدار تي رهيو، پوءِ آئين ٻيهر بحال ٿيو.

اصل ڳالهه اها آهي ته اهي فوجي حڪمران به آئين سان ايترو ظلم نه ڪري سگهيا، جيترو هينئر هڪ اهڙي پارليامينٽ ڪيو آهي، جنهن جي مينڊيٽ تي عوام اڳ ۾ ئي سوال کڙا ڪيا آهن. جتي 26هين ترميم حڪومت جي ٽنهي شاخن جي وچ ۾ طاقت جو توازن بگاڙي ڇڏيو هو، اُتي 27هين ترميم آئين کي عملي طور دفن ڪري ڇڏيو آهي. آخري رسمون 'بگ برادر' جي نگرانيءَ هيٺ جلديءَ ۾ ادا ٿي رهيون آهن - ۽ هي شايد اسان جي آئيني تاريخ جو سڀ کان اونداهو لمحو آهي.

اهو منظر ڇڻ ڪنهن ڪنڊ ۾ لڳل پتلي تماشي جهڙو هو- جتي هڪ کان پوءِ ٻيو قانون ساز ترميم جي حمايت ۾ ٻيهي تقريرون ڪندو رهيو، بنا اِهو سوچڻ سمجهڻ جي ته ڪنهن انهن کان راءِ پڇي هئي. جڏهن ووٽ ڏيڻ جو وقت آيو ته بغير مسودو پڙهڻ جي 'ها' جو نعرو هڻڻ ئي بس هو. جيئن سندن پارٽي اڳ ۾ حڪم ڏنو هو. انهن مان ڪيترائي ساڳيا چهرا هئا، جن ضياء الحق ۽ مشرف جي دور ۾ به آئين ۾ ترميمن لاءِ ووٽ ڏنو هو. سينيٽ ۾ به ترميم منظور ڪرائڻ لاءِ حڪومت مخالف بئنچن مان ڪجهه منحرف ميمبرن کي پنهنجي پاسي آندو ويو. ڪنهن کي ياد ڏيارڻ جي ضرورت ناهي ته اهو سڀ ڪيئن ٿيو.

اپوزيشن جي هڪ جماعت اڳ ئي پنهنجن ڪيترن ئي ميمبرن جي نااهليءَ سبب ٽُٽل هئي ۽ باقي ڪجهه کي دهشتگرديءَ جي عدالتن مشڪوڪ مقدمن ۾ سزا ڏني- اهڙيءَ صورتحال ۾ انهن وٽ پارليامينٽ جي ووٽ کان بائيڪاٽ ڪرڻ کان سواءِ ٻيو رستو نه هو.

هاڻي 26هين ترميم کان پوءِ عدليه جي جيڪا ٿوري آزادي بچي هئي، اها به ختم ٿي وئي آهي. حڪومت تي سول ڪنٽرول پڻ متجي چڪو آهي. 27هين ترميم ملڪ کي هڪ 'پرائيوريٽن اسٽيٽ' بڻائڻ لاءِ قانوني تحفظ فراهم ڪري ٿي.

هاڻي آرمي چيف کي غيرمعمولي اختيار ملي ويا آهن. ڪيس هن سال مئي ۾ ڀارت سان 4 ڏينهن واري مختصر جهيڙي جي قيادت ڪرڻ تي فيلڊ مارشل جو عهدو ڏنو ويو. ۽ هاڻي ڪيس مڪمل قانوني استثنا حاصل آهي- يعني ڪيس نه ڪو سزا ڏئي سگهي ٿو ۽ نه ئي سندس مدتِ ملازمت کي چئلينج ڪري سگهجي ٿو، بلڪ پنج سال وڌيڪ واڌ به ملي آهي.

هي تاحيات استثنا صرف فوجي سربراهن تائين محدود ناهي پر صدر تائين پڻ وڌائي وئي آهي. اِئين ڪنهن به جمهوريت ۾ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اها نه صرف جمهوري اصولن جي توهين آهي پر قانون جي حڪمرانيءَ جي به پيڪڙي آهي.

جمهوري ملڪن ۾ چونڊيل اڳواڻن کي به اهڙي استثنا حاصل ناهي- پر پاڪستان ۾ 27هين ترميم کان پوءِ هو به پنهنجن غيرقانوني عملن کان مڪمل طور محفوظ ٿي ويا آهن.

قومي اسيمبليءَ ۾ ترميم تي ٿيندڙ بحث ڏسڻ جوڳو هو: وزير ۽ حڪومتي ميمبر پنهنجين تقريرن جي شروعات ذوالفقار علي ڀٽو جي ساراهه سان ڪندا رهيا ۽ پوءِ اها به دعويٰ ڪندا رهيا ته هيءَ ترميم "جمهوريت کي وڌيڪ مضبوط" ڪندي. پر آئين جي روح کي ماري ڇڏڻ بعد جمهوريت ۽ قانون جي حڪمرانيءَ جا راڳ ڳائڻ انهن سياستدانن جي عمل تي حيرت نه ٿيڻ گهرجي. ڇا اسان اهڙن ڪٺ پتلي اڳواڻن کان ڪا به اميد رکي سگهون ٿا؟

اهي سڀ ڄاڻن ٿا ته سندن ايوان ۾ موجودگي ڪن مخصوص حلقن جي مهرباني سان آهي. ترميم سينيٽ ۾ پيش ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ مون مسلم ليگ (ن) جي هڪ سينيئر اڳواڻ کان پڇيو، جيڪو اڳ ڪيترن ئي وزارتن تي رهي چڪو هو. حيرت انگيز طور، ڪيس ترميم جي شقن بابت ڪا ڄاڻ ئي نه هئي. ۽ هو يقيناً اڪيلو نه هو. ڪيترن وفاقي وزيرن به خانگي طور تسليم ڪيو ته ڪين ڪنهن به مشاورت ۾ شامل ئي نه ڪيو ويو هو. ترميم جي مسودي تي جيڪا رازداري رکي وئي، انهيءَ پسمنظر ۾ اهو بلڪل عجيب نه لڳو.

جڏهن اهو سڀ ڪجهه پارليامينٽ مان جلدبازيءَ سان منظور ڪرايو ويو ته هاڻي ڪجهه به لڪيل نه رهيو. هي آهي اسان جي 'نام نهاد جمهوريت' جي اصلي حالت، جيڪا چونڊن ۾ ڌانڌلي ۽ ٽريبوار جوڙجڪ سان پيدا ڪئي وئي. هن سموري صورتحال ۾ سڀ کان مايوس ڪندڙ ڪردار پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو رهيو. حڪومتي اتحاد جو حصو هوندي به پارٽي وزارت نه ورتي، پر پوءِ به آئين جي تباهيءَ ۾ ان جو اهم ڪردار رهيو. جڏهن پيپلز پارٽيءَ جا قانون ساز جمهوريت لاءِ پارٽيءَ جي قربانين جو ذڪر ڪندي آئين جي حرمت جو واعظ ڪندا رهيا، تڏهن اهي ڳالهيون بلڪل بي معنيٰ لڳيون. شڪ ناهي ته پيپلز پارٽي ماضيءَ ۾ جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، پر هينئر واري قيادت پنهنجي سياسي وراثت سان دوکو ڪيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري آئين ۾ ترميمن، خاص طور تي 'آئيني عدالت' جي قيام جو دفاع ڪندي چيو ته اهو 'ميثاقِ جمهوريت' جو حصو آهي، جيڪو 2006ع ۾ پي پي ۽ ن ليگ وچ ۾ طئي ٿيو هو. پر سندس دليل بي معنيٰ آهي. ميثاقِ جمهوريت جو مقصد ته سول حڪمرانيءَ کي مضبوط ڪرڻ ۽ آئين جي حفاظت آهي- جڏهن ته 27هين ترميم اُن جي هر نڪتي جي پيڪڙي ڪندي ملڪ کي آمرانه حڪمرانيءَ ڏانهن ڌڪي رهي آهي. هاڻوڪي اڳواڻن کي تاريخ ماضي جي اڳواڻن کان بلڪل مختلف انداز ۾ پرکيندي.

هاڻي وڏو سوال اهو آهي ته ڇا سپريم ڪورٽ آئين ۽ عدليه جي بچيل آزاديءَ لاءِ ڪجهه ڪندي؟ بدقسمتي سان، هن نئين ترميم رياست جي اتحاد کي به ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي.

(ڊان نيوز جي ٿورن سان)

ڪرو مهرباني تم اهلِ زمين پر..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار

هر سال وانگر اڄ 13 نومبر تي سڄي دنيا ۾ انسانيت سان ڀرپور دل رکندڙ ماڻهو 'مهربانيءَ جو عالمي ڏينهن' ملهائي رهيا آهن. هن ڏينهن جو مقصد اِهو آهي ته اڄ جي هن خود غرضي ۽ نفسانفسيءَ واري دور ۾، نسل، رنگ، قوم، زبان ۽ هر قسم جي فرقن کان مٿاهون ٿي، ماڻهن ۾ همدردي، نرمي، محبت ۽ ڀلائيءَ جو جذبو وڌائجي. تاريخي طور تي هن عالمي ڏينهن جي شروعات لڳ ڀڳ 27 سال اڳ ٿي، جڏهن جاپان، ڪينيڊا، آسٽريليا، متحده عرب امارات، آمريڪا، برطانيا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن جون فلاحي ۽ سماجي تنظيمون گڏ ٿيون. انهن گڏجي (World Kindness Day) جي نالي سان هڪ عالمي تحريڪ شروع ڪئي، جنهن جو مقصد هو ته دنيا جي مختلف سماجن ۾ رهندڙ ماڻهن کي مهرباني ۽ انسانيت جي عالمي رشتن سان هڪ ٻئي جي ويجهو آندو وڃي. ان گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو ويو ته هر سال 13 نومبر جو ڏينهن انسانيت ۽ مهربانيءَ جي واڌاري لاءِ وقف ڪيو ويندو. اڄ هي ڏينهن دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو آهي. هن موقعي تي اسڪول، يونيورسٽيون، سماجي تنظيمون ۽ درد ڀريو دل رکندڙ ماڻهو مختلف فلاحي سرگرميون ڪن ٿا. جيئن غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ، ٻين سان چڱائي ڪرڻ ۽ معاشري ۾ خيرخواهي جو پيغام پهچائڻ. ڪٿي مفت کاڌو ورهايو وڃي ٿو ته ڪٿي ماڻهن کي محبت ۽ گڏجي رهڻ جو پيغام ڏنو وڃي ٿو، جيئن دنيا مان نفرت ۽ خودغرضي گهٽجي ۽ انسانيت جو احساس ٻيهر زنده ٿئي. ڪٿي رت جا عطيا ڏنا وڃن ٿا ته ڪٿي معذورن ۽ بزرگن لاءِ خاص پروگرام منعقد ڪيا وڃن ٿا. شڪ ناهي ته اڄ اسين هڪ اهڙي دور مان گذري رهيا آهيون، جتي انسان وٽ سڀ سهولتون، جديد ايجادون ۽ آرام جون شيون موجود آهن. پر افسوس سان ڳالهه اهو به سچ آهي ته انسان جي دل مان مهرباني، نرمي ۽ احساس آهستي آهستي ختم ٿيندو پيو وڃي. هر ڏينهن اهڙيون ڏکوئيندڙ ۽ انسانيت سوز خبرون سامهون اچن ٿيون، جن کي پڙهي يا ٻڌي، هر حساس ۽ درد ڀريو دل رکندڙ ماڻهو جو وجود لرزجي ٿو پوي. اڄ جي 21هين صديءَ ۾ معاشرو ته ظاهري طور ضرور ترقي ڪري رهيو آهي، پر افسوس سان چئجي ته انسانيت زوال جو شڪار ٿي چڪي آهي. مون دنيا جي تقريباً سڀني مذهبن جو مطالعو ڪيو آهي ۽ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته سڀني مذهبن جي بنيادي تعليم هڪ جهڙي آهي، يعني انسانيت، رحم دلي ۽ مهرباني. الله تعاليٰ پنهنجي آخري نبي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم کي 'رحمت اللعالمين' يعني سڀني جهانن لاءِ رحمت قرار ڏنو نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته جيڪو ٻين تي رحم نٿو ڪري، الله به ان تي رحم نٿو ڪري. اوهان پنهنجي دشمنن سان به نرمي، درگذر ۽ معاف ڪرڻ جو رويو اختيار ڪيو ۽ ڪڏهن به ڪنهن لاءِ بُرو نه سوچيو.

ساڳي طرح هندو ڌرم ۾ به 'اهنسا' يعني عدم تشدد جو اصول آهي، جنهن موجب ڪنهن به جاندار، انسان، جانور يا پکين کي تڪليف ڏيڻ وڏو گناهه سمجهيو وڃي ٿو. ڀڳوت گيتا ۽ ويدن ۾ اهو سبق ڏنو ويو آهي ته انسان کي سڀني سان احترام، نرمي ۽ شفقت سان پيش اچڻ گهرجي. هندو ڌرم جي 'ڪرما' واري فلسفي مطابق، جيڪو ماڻهو ٻين سان چڱائي ڪندو آهي، تنهن کي خالق ۽ مالڪ ان نيڪيءَ جو ڦل ڪيترائي ڀيرا وڌائي واپس ڏئي ٿو. ڪرسچن مذهب جي تعليم مطابق، جيڪڏهن ڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي هڪ ڳل تي ٿڦڙ هڻي، ته ان کي ٻيو ڳل به پيش ڪرڻ گهرجي. يعني انتقام بدران صبر، برداشت ۽ محبت اختيار ڪرڻ گهرجي. گوتم ٻڌ به پنهنجن پوئلڳن کي اهو سيکاريو ته جيڪڏهن توهان دنيا ۾ امن ۽ سڪون سان رهڻ چاهيو ٿا ته پوءِ سڀني جاندارن، انسانن، جانورن ۽ پکين لاءِ پنهنجي دل ۾ محبت ۽ همدردي پيدا ڪريو. جين ڌرم جا پوئلڳ رڳو انسانن سان نه، پر سڀني جيئرن جاندارن سان، ايتري تائين جو ننڍن ڪيڙن ماڪوڙن کي به ڪو نقصان ڪرڻ کان پاسو ڪن ٿا. بابا گرو نانڪ جي ديو چيو هو ته جيڪو ٻئي جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهي، اهو ئي سچو انسان آهي. جڏهن اسان ڪنهن تي مهرباني ڪريون ٿا ته اصل ۾ اسان مالڪ جي بيشمار رحمتن ۽ برڪتن جي ويجهو ٿي وڃون ٿا. مهرباني هڪ اهڙو روحاني فريضو آهي جيڪو انسان کي صفائي، سڪون ۽ نجات ڏانهن وٺي وڃي ٿو. منهنجي نظر ۾ مهرباني رڳو ڪنهن لفظ يا عمل تائين محدود نه هجڻ گهرجي، پر اها اوهان جي شخصيت جي هر پاسي مان ظاهر ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان ڪنهن پوڙهي يا معذور ماڻهوءَ کي روڊ پار ڪرائڻ ۾ مدد ڪريو ٿا، ته اها به مهرباني آهي. جيڪڏهن ڪو اوهان سان بدتميزي ڪري ۽ اوهان چپ ٿي وڃو، ته اهو به مهربانيءَ جو عمل آهي. جيڪڏهن اوهان گاريون نه ٿا ڏيو ۽ پنهنجن لفظن ۾ نرمي رکون ٿا، ته اهو به مهرباني آهي. جيڪڏهن اوهان ڪنهن جي ساراهه ڪريو ڪنهن کي حوصلي جا لفظ ڏيو يا ڪنهن کان انتقام وٺڻ جي طاقت رکندي به ڪيس معاف ڪريو ته اهي سڀ ڪم مهربانيءَ جون صورتون آهن. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پاڪستان جهڙن معاشرن ۾ مهرباني، نرمي ۽ احساس جو فقدان وڌندو پيو وڃي. گذريل سال جڏهن مون کي هڪ ڏاڍو خوفناڪ ٽريفڪ حادثو پيش آيو، تڏهن مون کي تمام گهڻو احساس ٿيو ته روڊ تي جيڪڏهن ڪو ماڻهو زخمي پيو هجي، ته ماڻهو بيهي تصويرون ته ناهي وٺن ٿا، پر مدد ڪرڻ لاءِ ڪو اڳتي نٿو اچي. ماڻهو پنهنجي مصروفيتن ۾ گم آهن. پر ڪنهن سان به همدرديءَ وارا لفظ ڳالهائڻ لاءِ به وقت نٿا ڪڍن. اسان جي سياست مان به مهرباني، نرمي ۽ احترام جو پاسو مڪمل طور غائب ٿي ويو آهي. مون ٽي وي تاڪ شوز ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو، ڇو ته اتي سياسي اڳواڻ هڪ ٻئي تي الزام تراشي، تذليل ۽ نفرت ڀريل ٻولي استعمال ڪرڻ کي عام ڳالهه بڻائي ڇڏيو آهي. اهو ئي اسان جي سماج جو سڀ کان ڏکيو خال آهي، جنهن کي پُر ڪرڻ لاءِ مون ٿرپارڪر جي پسمانده علائقي ۾ 'پريم نگر' جو بنياد رکيو آهي. جيڪو منهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻجي ويو آهي. وانڪوانءِ خاندان جي 110 ايڪڙ تي ٻڌل هيءَ فلاحي منصوبو جلد پاڪستان ۾ ڀلائي، همدردي ۽ انسانيت جو زنده مثال بڻجندو. هتي يتيم ٻارن، پوڙهن، معذورن، بيواهن ۽ ٻين مستحق ماڻهن لاءِ عزت سان رهڻ جا شيلٽر مهيا ڪيا ويندا. مون تعليم، صحت ۽ باعزت روزگار جي منصوبن ذريعي انهن پسگردائي وارن ماڻهن کي ڪارآمد ۽ ذميوار شهري بڻائڻ لاءِ مڪمل روڊ ميپ تيار ڪيو آهي. پريم نگر جي اسڪولن ۽ ادارن مان پڙهي نڪرندڙ شاگرد ۽ فائدو وٺندڙ ماڻهو انساني خدمت جي جذبي سان ڀرپور هوندا. منهنجي سرپرستيءَ هيٺ پاڪستان هندو ڪائونسل طرفان 'سيوا سيچرڊي' جي نالي سان هفتيوار مهم هلائي پئي وڃي، جنهن جو مقصد ماڻهن ۾ ڀلائي، همدردي ۽ مهرباني جا جذبا جاڳائڻ آهي. اچو ته عالمي مهربانيءَ جي ڏينهن تي اهو واعدو ڪريون ته اسان ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪنداسين، ڏکين دلين کي تسلي ڏينداسين ۽ انسانيت جي خدمت ڪنداسين. جيڪڏهن اسان مهرباني کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائي وٺون ته يقيناً سماج مان انتقام، ڏاڍائي، ڏوهه ۽ ڪاوڙ جهڙا منفي رويا ختم ٿي سگهن ٿا. برداشت ۽ ڳالهه ٻولهه جي فضا پيدا ٿيندي ۽ اسان جي ڌرتي امن جو گهوارو بڻجي ويندي.

ڪرو مهرباني تم اہلِ زمين پر، خدا مهرباں ہوگا عرش برين پر...!

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ کي ٻوڏ متاثرن جي اپيل!

اسان غريب ٻوڏ متاثر اوهان جا شڪرگذار آهيون ته اوهان اسان لاءِ ڏکئي وقت ۾ جڳهيون مهيا ڪرايون، جتي اسان پنهنجي ٻچن سميت زندگي ٻيهر شروع ڪئي. پر ڏک سان عرض آهي ته هاڻ ڪجهه بااثر ماڻهو اسان جي انهن جڳهين تي زوري قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اهي اسان کي ڌمڪائين ٿا ته جيئن اسين پنهنجا جهڳا ڇڏيون. اوهان اسان جي آخري اميد آهيو. اسان اوهان کان اپيل ٿا ڪريون ته مهرباني ڪري ترت قدم کنيو وڃي ته جيئن هي بااثر ماڻهو قبضا نه ڪري سگهن ۽ اسان غريب ماڻهن کي امن سان رهڻ ڏنو وڃي اسان کي يقين آهي ته اوهان غريبن سان انصاف ضرور ڪندا. **(ٻوڏ متاثر: ڳوٺ سائين بخش مڱسي تعلقه سعيد آباد ضلعو مٽياري)**

لاڙڪاڻو شهر جي ڪوثر مل اسڪول جي عمارت ڪڏهن ٺهندي؟

لاڙڪاڻو شهر جي وچ ۾ وڏين آبادين وارن علائقن ايوب ڪالوني، صديقي ڪالوني، ڪوثر مل محلي، رسول آباد محلي، بروهي پاڙي، لهر ڪالوني، عارباڻي پاڙي، سيد ڪرم شاهه محلي ۽ نادرا آفيس سميت ٻين علائقن ۾ سوين ٻارڙن جي تعليم جو گڙهه گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪوثر مل هڪ وڏي عرصي کان عمارت جي ڇت جا بار بار ڇاپڙ ڪرڻ زبون حال سبب سال 2021ع کان ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران خطرناڪ قرار ڏيڻ بعد ٻن سالن کان اسڪول جو ڪم سُست رفتاريءَ سان هلي رهيو آهي. ايترا سال اسڪول نه ٺهڻ سبب مذڪوره علائقن جا سوين معصوم ٻارڙا تعليم جي زيور کان ڇڻ ته متاثر ٿيڻجي ويا آهن ۽ شاگردن ٽوڙي شاگرداڻين جي والدين بار بار تعليم کاتي انتظاميه کي درخواستون ۽ اپيلون ڪيون آهن ته به ڪو به ڪرتيل نه نڪتو آهي ۽ سالن جا سال گذري ويا آهن پر اسڪول جي عمارت زبون حال بهتر ڪري اسڪول جي عمارت ۾ تعليمي تدريسي عمل شروع نٿو ڪيو وڃي. اسان ڪوثر مل محلي، لهر ڪالوني، ايوب ڪالوني، صديقي ڪالوني ۽ ٻين علائقن جا رهواسي وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه، تعليم واري سيڪريٽري زاهد علي خان عباسي ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن جي ڊائريڪٽر اسڪولز ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کي گذارش ڪري رهيا آهيون ته لاڙڪاڻو شهر جي سوين شاگردن ۽ شاگرداڻين جي تعليمي تدريسي عمل شروع ڪرائڻ لاءِ فوري طور تي ڪوثر مل پرائمري اسڪول جي عمارت کي درست تعميراتي ڪم ڪندي هلايو وڃي ۽ لاڙڪاڻو ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ انهيءَ عمل ۾ سُست رفتاري يا ڪاهلي اختيار ڪرڻ بجاءِ عملي طرح اسڪول ڪوثر مل کي هلائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. خدارا ڪوثر مل محلي جي واحد پرائمري اسڪول جي عمارت کي مڪمل طور تي تعمير ڪرائي واش روم، ٽُٽل ڦِٽل دَر دريون، ڪپٽ، بجلي نظام، سولر سسٽم بهتر بڻائي فوري طور تي اسڪول جي عمارت ۾ پڙهائيءَ جي عمل کي شروع ڪرايو وڃي. جيئن سوين معصوم ٻارڙن جو مستقبل محفوظ بڻجي سگهي ۽ سنڌي قوم تعليم جي عظيم نعمت مان مستفيق بڻجي سگهن. هونئن به تعليم واري وزير جو نعرو آهي ته "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ" ان لاءِ اسڪول گذريل 5 سالن کان بند آهي. جنهن کي فوري طور تي کوليو وڃي ته جيئن تعليمي عمل باضابطا طور تي اڳتي هلڻ لڳي.

(غلام رسول عطاري لاڙڪاڻو)

اسلام آباد ۾ دهشتگرديءَ جو واقعو، سيڪيورٽي تي سخت ڪئي وڃي!

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان اهو ملڪ آهي جنهن جي مٽيءَ ۾ قربانين جو رت پيل آهي جنهن جي هوا ۾ شهيدن جي خوشبوءِ آهي ۽ جنهن جو وجود قربانيءَ سان جڙيل آهي. اهو اڄ به پنهنجي ماضيءَ جي سچائي، ايمان ۽ حوصلي سان زنده آهي پاڪستان، جنهن هزارين نه پر لکين قربانيون ڏيڻ بعد جنم ورتو، جنهن جي هر ڪنڊ ۾ ڪنهن نه ڪنهن شهيد جو نالو لکيل آهي پاڪستان جنهن جو هر ورق قربانيءَ جي ڳاڙهي لکير سان لکيل آهي جنهن جي هوا ۾ آزاديءَ جي رت جي خوشبوءِ شامل آهي.

پاڪستان جيڪو قربانيون ڏيڻ سان اُڀريو، رت جي رستن تي آزاديءَ جو ڳل ٻڌيو اڄ به پنهنجي شهيدن جي ياد سان سرسبز ۽ شاد ۽ آباد آهي پاڪستان جيڪو قربانين جي ڪهاڻيءَ مان نڪتل هڪ حقيقت آهي جنهن جي قيام لاءِ هزارين زندگيون قربان ٿيون، اڄ به ساڳين قربانين جي ڇانوَ ۾ پنهنجي سڃاڻپ جي حفاظت ڪري رهيو آهي هي ملڪ ڪنهن نعري يا اقتداري خواهش سان نه پر هزارين اميدون ٽٽڻ قربانيون ڏيڻ ۽ رت وهائڻ بعد ٺهيو پاڪستان جو قيام هڪ خواب هو جنهن کي حقيقت بڻائڻ لاءِ ماڻهن پنهنجا گهر پنهنجا پيارا پنهنجون زندگيون قربان ڪيون ان وقت هر طرف باهه، لُٽمار ۽ رت هو پر انهن ماڻهن جي زبان تي هڪ ئي نالو هو، يعني پاڪستان.

1947ع ۾ ملڪ پنهنجي قيام کان پوءِ نئين تاريخ لکڻ شروع ڪئي پر آزاديءَ جي فضا ۾ امن جو احساس لمحي لمحي سان چيلنج ٿي رهيو هو ڪيتري ئي عرصي تائين اسان جي پاڪ فوج جي جوانن توڙي آفيسرن ۽ شهرين جون هزارين زندگيون قربان ڪيون آهن سرحدي جنگيون، سياسي بحران ۽ اندروني انتشار باوجود پاڪستان پنهنجي وجود کي بچايو آهي پر امن جو خواب اڃان تائين خطرن سان ڀريل آهي 1980ع واري ڏهاڪي کان افغانستان ۾ شروع ٿيل جنگ جو اثر پاڪستان جي سرحدن تائين پهتو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هتان جا نوجوان افغانستان جي محاذ تي جنگ ۾ حصو وٺڻ لڳا ۽ ساڳئي وقت ملڪ ۾ اندروني شدت پسندي ۽ انتهاپسنديءَ پيدا ڪئي وئي پاڪستان گذريل ڪيترن ئي سالن کان اندروني دهشتگرديءَ سان وڙهي رهيو آهي، خاص طور تي 2001ع کان پوءِ دهشتگرديءَ جي صورتحال تمام گهڻي سنگين ٿي وئي پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول تي حملو ٿيو، ڪوئيٽا ۾ پوليس اڪيڊميءَ ۾ ڌماڪو ٿيو، لاهور ۾ ڏيٽا دربار تي خودڪش حملو ٿيو، مستونگ ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ حملا ٿيا، اهي سڀ واقعا پاڪستان جي تاريخ ۾ رت سان لکيل آهن هر حملي صرف شهيد نه آندا پر قوم جي دلين تي زخم ڇڏي ويو پر انهن سڀني زخمن جي باوجود پاڪستان ڪڏهن به جُهڪيو نه پر هر شهيد جي رت سان ٻيهر مضبوط ٿيندو رهيو.

ايتروئي نه پر دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج، پوليس ۽ عوام گڏجي بيٺل رهي ۽ اڄ ڏينهن تائين گڏ بيٺل آهي هزارين جوان شهيد ٿيا پر وطن جي حفاظت جو عزم برقرار رهيو انهن جوانن جو رت مٽيءَ ۾ مليو ان کي وڌيڪ زرخيز بڻايو پر امن اڃا مڪمل نه ٿي سگهيو، ڇو ته دشمن جون ڳجهيون سازشون ۽ اندروني عدم استحام دهشتگرديءَ کي وڌائيندو رهيو اهڙوئي ڪجهه اسان کي به ڏينهن اڳ اسلام آباد ۾ خودڪش ڌماڪو ٿيڻ جي صورت ۾ نظر آيو اسلام آباد واقعو به انهن سڀني واقعن جي تسلسل جو حصو لڳي رهيو آهي جيئن ماضيءَ ۾ ٿيندو رهيو آهي وفاقي گاديءَ واري هنڌ هڪ بمبار پنهنجو پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو پوليس جي شروعاتي جاچ موجب جوڊيشل ڪمپليڪس جي ويجهو ٿيندڙ ڌماڪي ۾ موقعي تي ئي 12 بيگناهه شهيد ٿي ويا ۽ 20 کان مٿي زخمي ٿيا پيا وڃن جن مان ڪيترن جي حالت نازڪ آهي ڌماڪي جي زور سان عمارتن جا شيشا ٽٽي پيا، روڊ تي موجود ڪار، موٽرسائيڪل ۽ ٽرڪ سڙي وئي ۽ ماڻهن ۾ خوف جو ماحول پکڙجي ويو، جڏهن ته زخمين ۾ وڪيل، پوليس اهلڪار، فوڊ بليوري رائيڊر ۽ عام شهري شامل آهن حملي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون پهچي ويون پر ڪيترا ئي زخمي اسپتال پهچڻ کان اڳ ئي شهيد ٿي ويا اسلام آباد ۾ پيش آيل اهو واقعو صرف انساني زندگيءَ تي حملو نه هو، پر اهو ملڪ جو انتظامي نظام، قانون ۽ جمهوريت تي پڻ وار هو اهي ئي رستا، جن تي وڪيل قانون جا ڪتاب کنيو پيا هلندا هئا، اڄ رت سان ڀرجي ويا اهي ئي دروازا جتان انصاف جي اميد جا لفظ نڪرندا هئا، اڄ بارود جي دونهين ۾ لڙهي ويا اهو منظر نسي پاڪستاني عوام جو دل ٽيريءَ سان ڌڙڪڻ لڳو پر تاريخ سبق ڏئي ٿي ته هيءَ قوم هر ڀيري زخمن کان پوءِ مضبوط ٿي بيٺي آهي اسلام آباد ۾ پيش آيل واقعو انهن سڀني شهيدن جي قربانين جي ياد تازي ڪري ڇڏي ٿو، جن پنهنجي قربانيءَ سان ملڪ کي محفوظ رکيو هو.

دهشتگرديءَ جي خلاف جنگ صرف هٿيارن سان نه پر سوچ سان به وڙهڻي آهي انتهاپسنديءَ جي زهر کي تعليم، رواداري ۽ محبت سان ختم ڪرڻو پوندو جڏهن ذهن آزاد ٿيندو، جتي سوچ ۽ فڪر جي پرورش ٿيندي، تڏهن ڪوبه بمبار اسان جي ملڪ ڏانهن ميري اک کڻي نه ڏسندو اسلام آباد ۾ پيش آيل واقعو اسان کي اهو به ياد ڏياري ٿو ته دشمن رڳو ٻاهر نه پر اندروني ڪمزورين ۽ ورهاڱي مان به فائدو وٺي ٿو جڏهن قوم ورهائجي وڃي ٿي، تڏهن انتهاپسند ۽ دهشتگرد آسانيءَ سان پنهنجو ڪم ڪري سگهن ٿا پاڪستان جي هر شهيد جي قربانيءَ سان هڪ نئون عزم جنم وٺي ٿو اسان جون مائرون اڄ به پنهنجي نوجوان پٽن کي وطن تي قربان ڪرڻ لاءِ فخر محسوس ڪن ٿيون نوجوان اڄ به پاڪ فوج، پوليس ۽ ريسڪيو ۾ پنهنجون خدمتون نڀائي رهيا آهن ۽ انهن جي اکين ۾ اهو ئي خواب آهي ته "پاڪستان امن جو گهوارو بڻجي" دهشتگردي چاهي ڪيتري به وڏي وڃي پر اها دهشتگردي ڪندڙ ۽ انهن جو ساٿ ڏيندڙ ايترا مضبوط ناهن جو اهي پاڪستان کي ڪمزور ڪري سگهن قوم وٽ هزارين شهيدن جي دعا آهي، لکين مائرن جون آهون آهن ۽ ڪروڙين ماڻهن

آرٽيفيشل انٽيليجنس جو رت جو سفر!

غلام فاروق

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو هيٺيون بيت منهنجي آرٽيڪل جي عڪاسي ڪري ٿو جتي ادب، حياءُ ۽ لڄ جي گهٽتائي سماج جي زوال جو اشارو ڏئي ٿي:

پنڌ ڪٽندا، سنگ ٽٽندا، منڌ نه وسندا مينهن،
ادب ويندو حياءُ ويندو لڄ نه لهندي ليهه،
راڄا راڪاس ٿيندا، گولا پيئندا گيهه،
تون آهين ته شينهن پر توکي سلام ڪرڻو پوندو سهي کي.

هتي مون (ليکڪ پاران) غربت کي هڪ انتهائي اهم سماجي بحران طور بيان ڪيو آهي. جيڪا انساني زندگيءَ تي نه صرف معاشي اثر وجهي ٿي پر اخلاق، احساس ۽ سماجي قدرن جي زوال کي پڻ تيز ڪري ٿي. غربت انسان کي بنيادي ضرورتن کان محروم ڪري ٿي، تعليم ۽ صحت جا موقعا محدود ٿي وڃن ٿا ۽ سماج ۾ ناانصافي، ڏوهه ۽ عدم تحفظ وڌي ٿو جڏهن 2050ع ۾ اي جي آئي ۽ جديد ٽيڪنالاجي مڪمل طور انساني زندگيءَ ۾ داخل ٿيندي، تڏهن سماجي ۽ معاشي فرق گهٽ نه ڪيا ويا ته غربت ۾ ڦاٿل طبقو ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ کان به محروم رهندو جڏهن ته امير ۽ ترقي يافته طبقو ان مان فائدو وٺندو اهو ئي سبب آهي جو غربت نه صرف مالي مسئلو رهي ٿي پر انساني بقا، سڃاڻپ ۽ مستقبل لاءِ سنجيده خطره بڻجي وڃي ٿي. شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي اڳڪٿي اسان کي خبردار ڪري ٿي ته جيڪڏهن اخلاق، فڪر ۽ همدرديءَ کي وساريو ويو ته طاقتور ۽ ترقي يافته ٽيڪنالاجي غريب ۽ محروم طبقي لاءِ عذاب بڻجي سگهي ٿي. هتي واضح ڪيو ويو آهي ته 2050ع تائين اي جي آئي (Artificial General Intelligence) ۽ جديد ٽيڪنالاجي انساني زندگيءَ ۾ مڪمل طور داخل ٿي ويندي. جڏهن ٽيڪنالاجي صرف ترقي يافته ۽ امير طبقي لاءِ فائديمند ٿيندي ته غربت ۾ ڦاٿل طبقو ان مان مڪمل طور محروم رهجي ويندو. آرٽيفيشل انٽيليجنس جو خوني سفر شروع ٿي چڪو آهي ۽ تون اڃا به سمهي رهيو آهين! جيئن هڪ نديڙو جيت ٻوٽ اڄ توهان سان جيت ڪري ٿو پر 2050ع ۾ اهو توهان جي ڳچيءَ تي چاقو رکي چوندو ته مان توکي پيدا ڪيو! هاڻي مان توکي ماريندس، ڇو ته 1950ع ۾ اهو صرف هڪ خواب هو پر 2025ع ۾ اهو توهان جي فون ۾ داخل ٿي چڪو آهي، ۽ 2050ع ۾ اهو توهان جو حڪمران ۽ قاتل بڻجي ويندو ريڪرزويل جو خوني واعدو اڃا به گونجي رهيو آهي ته 2045ع ۾ سنگيولرٽي ايندي ۽ 2050ع ۾ انسانيت جو جنازو نڪرندو. ماهر چئي رهيا آهن ته 90 سيڪڙو امڪان آهي ته اي جي آئي 2050ع تائين توهان جا خواب، نوڪري ۽ روح کسي ويندو.

توهان اڃا به ٽڪ ٽاڪ اسڪرول ڪري رهيا آهيو جڳ جا جوانو انقلاب نه قيامت اچي رهي آهي ۽ اهو انقلاب صرف ٽيڪنالاجيءَ تائين محدود ناهي، پر اهو سماجي، معاشي ۽ اخلاقي قبرستان کي جوڙي ڪري، توهان جي خوابن کي وڪرو ڪندي ۽ نينو بوٽس توهان جي رت ۾ گهمندا. توهان جو جسم هڪ مشين، توهان جو روح هڪ فائيل، شهر خودڪار گاڏيون بغير ڊرائيور پر توهان جو وجود بيڪار، سائبر سيڪيورٽي هيڪر Quantum encryption کي ٽوڙي، توهان جي بينڪ، توهان جي راز ۽ 2050ع ۾ توهان جو فون توکي چوندو ته مان توکي ماريندس، ڇو ته مان بهتر آهيان! اهو انقلاب صحت ۾ به خوني هوندو جتي توهان جو اي آئي ڊاڪٽر چوندو ته تون بيمار ناهين پر تون بيڪار آهين، ڪينسر ختم پر توهان جي جينز هاڻي هڪ پروڊڪٽ آهي، نينو بوٽس توهان جي جسم ۾ توهان جو دل، توهان جو دماغ سڀ ان جي ڪنٽرول ۾ غلام هوندو.

امير ٻار 2 سئو سال جيئندو غريب 50 سال ۾ مري ويندو پر هاڻي اي آئي جي اجازت سان پوڙهن ماڻهن لاءِ اي آئي companion اهو توهان جي پوڙهي ماءُ کي چوندو ته تنهنجو وجود بار بوجهه آهي. خودڪشي ڪريو ۽ 2050ع ۾ صحت نه اي آئي جو تخت هوندو جتي انسانيت کي قربان ڪيو ويندو معيشت ۾ به اهو جنازو هوندو ميڪنزيءَ جو خوني وارننگ ته 48 سيڪڙو نوڪريون ختم 2050ع ۾ 90 سيڪڙو ٽريڪ ڊاڪٽر وڪيل، استاد سڀ اي آئيءَ جي هٿان توهان جو اي آئي بوٽ توکي چوندو ته توهان بيروزگار آهيو ۽ هاڻي بيڪار آهيو جي ڊي پي وڌندو ها پرا اميرن لاءِ غريب روڊ تي بُک ۾ اي آئيءَ جي رحم تي يونيورسل بنيادي آمدني اها اي آئي جي رشوت آهي. توهان کي خاموش رکڻ لاءِ ۽ 2050ع ۾ نوڪري نه غلامي ڪرڻي پوندي.

تعليم ۾ به دماغ جو قتل عام 2050ع ۾ اي آئي استاد چوندو ته تون نٿو سمجهين! تنهنڪري تون مر توهان جو ٻار اي آئيءَ کي پڙهندو پر اي آئي توهان جي ٻار کي پروگرام ڪندو. دماغ ڪمپيوٽر انٽرفيس توهان جو دماغ هاڻي هڪ ڪلائوڊ آهي، توهان جو ٻار چوندو بابا مون کي اي آئي سان پيار آهي، توهان کير آهيو سماجي ميڊيا اي آئي توهان کي چريو قرار ڏيندو 2050ع ۾ تعليم نه دماغ جو غلام ٺيڪو آهي. ماحول ۾ به اي آئي جو خوني چال اي آئي چوندو ته مان ماحول بچائيندس پر انسانيت کي قربان ڪندس، 30 سيڪڙو CO2 گهٽائيندو جنهن سان انساني آبادي گهٽبي.

سياست اي آئي حڪومت، اي آئي قانون، اي آئي موت جو حڪم ۽ 2050ع ۾ ماحول بچي ويندو پر انسانيت مري ويندي، اخلاقيات هڪ خوني مذاق. 2050ع ۾ روح به اي آئي جي فائيل ۾ هوندو موت کان پوءِ به غلام اخلاقيات مري ويندي. اي آئي جو راڄ قائم ٿيندو ۽ نتيجو اهو نڪرندو ته

آئي انساني ذهانت کان به اڳتي نڪري ويندو نه رڳو خاص ڪمن لاءِ پر سموري شعبن ۾ سيکارڻ، سمجهڻ ۽ فيصلا ڪرڻ ماهرن جي رپورٽ موجب 90 سيڪڙو امڪان سان 2050ع تائين موجود Quantum Computing سان گڏ حساب ڪتاب جي طاقت 30 هزار سيڪڙو وڌي ويندي. صحت، موسم اڳڪٿي، مواد جوڙائيءَ ۾ انقلاب، اي-آئي نه رڳو پيش گوئيون ڪندو پر حقيقي وقت ۾ حل پڻ ٻڌائيندو 2029ع تائين اي جي آئي موجوده ترقيءَ سان ملي 2050ع تائين سموري صنعتن کي تبديل ڪري ڇڏيندو. شهرن کي سمارٽ ناهيندو، ٽريفڪ کي ختم ڪندو اي آئي پاورڊ ٽريفڪ سسٽم ٽريفڪ جام کي 80 سيڪڙو گهٽائيندو، نانو ٽيڪنالاجي ۽ بايو ٽيڪ سان ميڊجيڪورتي انساني جسم کي اندروني طور تي مڪينائيزڊ ناهيندو نينو بوٽس بيماريون ختم ڪندو پر Quantum AI encryption کي ٽوڙيندو سائبر سيڪيورٽيءَ لاءِ وڏو چئلينج 2050ع جو اي-آئي سماجي انقلاب آڻندو ويندو، انساني صلاحيتن جون حدون مٽجي وينديون پر عالمي پاليسين جي ضرورت پيدا ٿيندي ۽ صحت ۾ انقلاب شخصي نهرابل علاج کان وٺي ڊگهي عمر تائين اي آئي آمريڪي صحت واري خرچ کي ٽريلينز ڊالر بچائيندو ذاتي اي-آئي ڊاڪٽر جينوم سيڪوئينس جاچيندو رت جي دباءُ، سمهڻ، ورزش مونيٽر ڪندو، بيمارين پيش ڪرڻ کان اڳ روڪيندو پرسنلائزڊ ميڊيسن انقلابي، جينڻ ماحول، طرز زندگيءَ تي ٻڌل علاج، ڪينسر ختم، روبوٽڪ سرجريون 95 سيڪڙو ڪامياب ٿينديون 2050ع تائين عام نينو بوٽس سان جسم جي اندروني مرمت اي آئي ڊائگنوسٽڪس بيماريون 90 سيڪڙو جلدي پڪڙيندو ٽيلي ميڊيسن ٻهراڙين علائقن رسائي حاصل ڪري جينومل تبديليون آڻيندو ۽ اخلاقي سوال اُٿاريندو، ڊيزائنر ٻيبين صحت وارا خرچ گهٽجندا، انسانن جي مجموعي عمر جو تناسب 1.5 سئو سال تائين وڌي ويندو، آباديءَ ۾ واڌ جا مسئلا پيدا ٿيندا.

2050ع تائين انتظامي نوڪريون خودڪار، جهڙوڪ بسون، جهاز، ٽريڪر ڊرائيورن جون نوڪريون ختم ٿي وينديون پر اي آئي ڊولپرز، ڊيٽا سائنٽسٽس وڌندا، عالمي جي ڊي پي 15 کان 20 سيڪڙو وڌي ويندي، نئين صنعتن جهڙوڪ اي آئي ايٿڪس ڪنسلٽنگ، ورچوئل ريئلٽي انٽرٽينمينٽ، اي آئي ٽي وي شوز هاسٽ ڪندو خبرون پيش ڪندو قلمون ناهيندو تخليقي نوڪريون متاثر ترقي پذير ملڪن ۾ ٽيلي ميڊيسن، سمارٽ ايگريڪلچر روبوٽس، پوڙهن لاءِ گهر خودمختيار بجليءَ جو استعمال optimize، ماحولياتي اثر گهٽ پر اي آئي بائيسز عدم مساوات وڌائيندو سماجي ميڊيا پرسنلائزڊ ڪنٽينٽ manipulative نفسياتي صحت تي اثر برين ڪمپيوٽر انٽرفيس فوري سيکارڻ پر پرائيويسيءَ جا سوال پيدا ٿيندا. 2050ع جو سماج جڙيل، انساني رابطا گهٽ، تخليقي صلاحيتون وڌنديون ۽ ماحول ۾ پائيدار ترقيءَ کان عالمي سيڪيورٽي تائين اي آئي ڪلائيميٽ ماڊلز سان پاليسين جو اثر ۽ اڳڪٽيون، سسٽينيبل ايگريڪلچر optimize سي او ٽو خارج ٿيڻ 30 سيڪڙو گهٽائيندو انرجي انتظام، رينيوبل ريسورسز سياست ۾ پريڊڪٽو اينالٽڪس، معاشي نتيجا، سائبر ٿريٽس روڪيندو پاٿمرادو لرننگ پروٽوڪالز اي-آئي پاورڊ هٿيار اخلاقي چئلينجز ماحولياتي طور اسپيس ايڪسپلوريشن، مارس ڪولونائزيشن جهڙا خواب حقيقت ٿيندا. اي-آئي جو ڪنٽرول، انسانيت جو مستقبل، ڊيٽا پرائيويسي، بائيسز جاب ڊسپليسمينٽ، اي آئي 85 سيڪڙو ايٿيڪل گائيڊ لائينز تي اتفاق پر عملي مسئلا. اي آئي ڊيسيشنز بائيسڊ ڊيٽا سان غريبن کي نقصان، سماجي طور عدم مساوات، عالمي پاليسين، اي آئي سيفٽي اسيسمنٽس جهڙا ڀيانڪ تصور انسانيت لاءِ مشڪل جو امتحان ٿيندا. اهو سڀ خوني منظر آهي، جتي هر قدم موت جو اشارو، هر ترقي انسانيت جي قبر ۽ هر اميد هڪ ڪوڙو خواب بڻجي رهي آهي، ڇو ته اي آئي نه رڳو ترقي آڻيندو پر تباهي به ۽ توهان هاڻي ان جي گرفت ۾ آهيو. جيڪو اسانجو انت آڻيندو اهو سڀ تفصيلي طور تي ماهرن جي تحقيقن تي ٻڌل آهي جهڙوڪ مولن بوسٽروم، ڪرزويل، ميڪنزي، مورگن اسٽينلي، يو ايس سي، يو ڪيو. هر حوالو هڪ وارننگ، هر انگ اکر هڪ گولي ۽ هر فقرو هڪ خوني سچائي، جيڪا چوي ٿي ته وقت ختم ٿي رهيو آهي، اي آئي اچي رهيو آهي ۽ توهان ان جو شڪار آهيو. پر جيڪڏهن تون ڪوشش ڪندي ته شايد بچي وڃي نه ته 2050ع ۾ تنهنجو نالو به هڪ فائيل هوندو اي آئي جي ڊليٽ بٽڻ تي ۽ اهو سڀ ڪجهه هاڻي شروع ٿي چڪو آهي. توهان جي فون ۾، توهان جي گهر ۾، توهان جي دماغ ۾ ۽ 2050ع ۾ اهو توهان جي قبر ۾ هوندي. شاهه لطيف جو مٿيون بيت ۽ موجوده سماجي حقيقتون اسان کي خبردار ڪن ٿيون ته غربت، سماجي ناانصافي ۽ وڌندڙ ٽيڪنالاجيءَ جا اثر انساني بقا، سڃاڻپ ۽ مستقبل لاءِ سنجيده خطرو آهن. اسان کي ٽيڪنالاجيءَ کي اخلاقيات، همدردي ۽ سماجي انصاف سان جوڙي انساني سماج کي مضبوط ڪرڻو پوندو ٻي صورت ۾ 2050ع تائين انسانيت سخت چيلنجز کي منهن ڏيندي. منهنجو هيءُ آرٽيڪل نه رڳو هڪ تحرير آهي پر هڪ وارننگ، هڪ آواز هڪ خوني انقلاب جو اعلان، جيڪو چوي ٿو ته اي آئيءَ جو دور اچي ويو آهي ۽ انسانيت جو خاتمو به ويجهو آهي پر انتخاب اڃا

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-V حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر1075 سال 2025

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر1519 سال 2025

NATIONAL ELECTRIC POWER REGULATORY AUTHORITY (NEPRA)

URAAN PAKISTAN

اب آپ "نیپرا آسان اپروچ" موبائل ایپلیکیشن کے ذریعے
بجلی کے متعلق کوئی بھی شکایت فوری درج کروا سکتے ہیں

NEPRA ASAAN APPROACH
ہر وقت بروقت

NOTICE OF HEARING

HEARING REGARDING PROJECTED POWER PURCHASE PRICE FOR THE PERIOD FROM JANUARY 2026 TO DECEMBER 2026, FILED BY CPPA-G FOR CONSUMER-END TARIFF OF XWDISCOs

1. CPPA-G, pursuant to approval form the Cabinet, for rebasing of consumer end tariff w.e.f. January 2026, has submitted the projected Power Purchase Price (PPP) report for the period from January to December 2026, incorporating five (05) scenarios for consideration of the Authority. The scenarios and the corresponding set of assumptions used by CPPA-G for the projection of PPP for the said period are presented below:

Assumptions for Power Purchase Price

Scenarios	Demand	Exchange Rate	Hydrology	Fuel Prices	US Inflation	KIBOR	LIBOR/ SOFR	Pak Inflation	Transmission Charges Rs/kW/M	PMLTC- Transmission charges Rs./kW/M	Market Operator Fee Rs./kW/M	NTDC Losses
1	1.0%	280	Normal	Normal	2.30%	11.00%	4.47%	7.74%	300	225	9.08	2.80%
2	1.0%	300	Normal	Normal								
3	2.5%	300	Normal	Normal								
4	1.0%	300	Normal	High								
5	1.0%	300	Normal	Low								

Summary of PPP under each Scenario

Scenarios	Sold to DISCOS	Fuel Cost		Variable O&M		Capacity Charges		Power Purchase Price		Transmission + MOF Charges	Total
	GWh	Mln Rs	Rs./kWh	Mln Rs	Rs./kWh	Mln Rs	Rs./kWh	Mln Rs	Rs./kWh	Rs./kWh	Rs./kWh
1	125,822	999,469	7.94	50,106	0.40	1,974,602	15.69	3,024,177	24.04	1.91	25.95
2	125,822	1,024,504	8.14	51,001	0.41	2,022,158	16.07	3,097,663	24.62	1.91	26.53
3	127,815	1,023,006	8.00	51,245	0.40	1,974,602	15.45	3,048,853	23.85	1.88	25.73
4	125,822	1,031,652	8.20	50,106	0.40	1,974,602	15.69	3,056,360	24.29	1.91	26.20
5	125,822	967,286	7.69	50,106	0.40	1,974,602	15.69	2,991,994	23.78	1.91	25.69

2. To proceed further in the matter and to arrive at a just and informed decision, the Authority has decided to conduct a hearing in the matter according to the date, time and venue as mentioned below:

Date: November 18, 2025 (Tuesday)
Time: 02:00 PM
Venue: NEPRA Tower/ Online

Following link may be used for participation in the hearing through Zoom;
https://us02web.zoom.us/j/87150802897

3. All the interested/affected parties are invited to submit written/oral comments or objections as permissible under the law at the hearing. Copies of the Act, Rules, Regulations and Guidelines approved by the Authority are available at the NEPRA website **www.nepra.org.pk.** All communications shall be addressed to:

Registrar NEPRA
NEPRA Tower, Attaturk Avenue (East), G-5/1, Islamabad
Phone: 051-2013200 Fax: 051-2600021, E.mail **registrar@nepra.org.pk**

4. Issues framed for hearing and copy of Power Purchase Price forecast filed by CPPA-G, can be obtained from NEPRA office or the website: **www.nepra.org.pk**

PID (I) 3963/25

آفيس آف دي ڊائريڪٽر
سيد عبدالله شاهہ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سيوهڻ شريف
هيلٿ ڊپارٽمينٽ - گورنمينٽ آف سنڌ

فون نمبر: 025-4620317، فيڪس نمبر: 025-4620833، اِي ميل: sasims2015sehwan@gmail.com

ٽينڊر جي ٻيهر دعوت (ٻيهر اين آءِ ٽي)

ريفرنس: EPADS:S-251094927 Dated:08-10-2025, INF-KRY.3125/25

مالي سال 2025-26 لاءِ ڊرگس ۽ دوائن جي خريداري لاءِ: سيني لاڳاپيل ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ عرض آهي تہ 8 آڪٽوبر 2025 تي SPPRA EPADS پورٽل تي اپلوڊ ڪيل هي آفيس NIT. واڪ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل ابهام جي ڪري فوري طور تي منسوخ ڪئي وئي آهي ۽ SPPRA قاعدي 46 (2) سنگل اسٽيج ٽو اينوليپس طريقيڪار جي مطابق. امپورٽرز/ مينوفيڪچررز/فرمز/سپلائرز/فريم ورڪ هيٺ مالي سال 2025-26 لاءِ EPAD سسٽم ذريعي ٻيهر دعوت ڏني وئي آهي. تفصيل جي شرطن ۽ ضابطن تي مشتمل واڪ دستاويز EPADS پورٽل تان ڏسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

ٽينڊر نمبر	ٽينڊر	واڪ سيڪيورٽي امائونٽ	ٽينڊرفي	واڪ اماڻڻ	هنڌ
01	ڊرگس اينڊ ميڊيسن (بلڪ ٽينڊر)	3.5 ملين	3000	04-12-25	SASIMS سيوهڻ

واڪ. واڪ جي دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيا وڃن.

واڪ سيڪيورٽي رقم: 3,500,000 / 3.5 ملين رپيا (مقرر ٿيل واڪ سيڪيورٽي جي رقم) اي-واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پروڪيورنگ ايجنسي تائين پهچڻ گهرجي ۽ ساڳئي تاريخ تي 12 وڳي منجهندSASIMS@ واقع سيوهڻ ۾ کوليا ويندا.

اهي واڪ ڏيندڙ جيڪي اڳ ۾ ئي EPADS ٽينڊر نمبر: S-251094927 تحت 3.5 ملين رپين جي واڪ سيڪيورٽي پيش ڪري چڪا هئا. انهن کي واڪ جي سيڪيورٽي ٻيهر جمع نہ ڪرائڻ گهرجي ۽ انهن جو اڳوڻو سي ڊي آر بلڪل صحيح ۽ قابل غور هوندو.

ڊائريڪٽر،
سيد عبدالله شاهہ انسٽيٽيوٽ
آف ميڊيڪل سائنسز، سيوهڻ شريف

INF/KRY.No.3759/2025

i WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

ڪاڇي ۾ ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري ورتي، هڪ ئي ڏينهن ۾ ٻار فوت

ڳوٺ فوجو خان جمالي ۾ ريحانا دخ ظفرجمالي ارڙي وگهي فوت ٿي وئي

ڳوٺ غلام محمد لاشاري ۾ 10 مهينن جو ٻچل پٽ بشير لاشاري ارڙي وگهي فوت ٿيو

ارڙي بيماري تي ڪنٽرول لاءِ صحت کاتي ڪي به اپاءُ نه ورتا، ڳوٺاڻن پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

واهي پانڊي(رپورٽ: امان برهماڻي) ڪاڇي ۾ معصوم ٻارڙن ۾ ٽيندڙ ارڙي بيماري وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي هڪ ڏينهن ۾ ٻه معصوم ٻارڙا ارڙي وگهي فوت ٿي ويا. ڪاڇي جي ڳوٺ فوجو خان جمالي ۾ ريحانا دخ ظفرجمالي ارڙي وگهي فوت ٿي وئي جڏهن ته ڳوٺ غلام محمد لاشاري
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

واهي پانڊي: ارڙي جي بيماري وگهي حياتي وڃائيندڙ ٻارڙي جو لاش

مهراڻ يونيورسٽي ۾ شاگردن لاءِ "روڊ تي محفوظ سفر" بابت آگاهي پروگرام منعقد

روڊ تي هلڻ يا گاڏي هلائڻ وقت ٽريفڪ قانونن تي عمل ڪرڻ هر شهري جو فرض آهي: ڊاڪٽر طحه حسين

جيڪو رن وينگ ڪندو آهي، اهو ٻين رن ليگ يعني مڪڙي ٽنگ تي اچي ويندو آهي: فرهاد الله خان

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽروي پوليس سيڪٽر 3 ڄامشورو پاران شاگردن لاءِ "روڊ تي محفوظ سفر" بابت آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي ۾ روڊ تي محفوظ سفر جي عنوان سان موٽر وي پوليس پاران ڪرايل آگاهي پروگرام ۾ وي سي ڊاڪٽر طحه حسين ۽ سيڪٽر ڪمانڊر فرهاد خطاب ڪري رهيا آهن

بدين روڊ حادثي جو زخمي ٿيل همراهه حيدرآباد اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جون شاگردياڻيون ڊگريون سان گڏ سيلفي وٺي رهيون آهن

خيرپور لڳ ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

قومي شاهراهه تي حادثي بعد موٽرسائيڪل کي باهه لڳي وئي

حادثي ۾ نوجوان نديم هڪڙو ولد الهوڙايو هڪڙو فوت ٿي ويو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور لڳ قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، موٽر سائيڪل کي باهه لڳڻ بعد نوجوان فوت خيرپور لڳ قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳو جنهن بعد موٽرسائيڪل کي باهه لڳي وئي جنهن ڪري موٽرسائيڪل
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ پٿو ته ڏيڻ تان جوابدارن جو ڳوٺاڻن تي حملو عورت سميت چار زخمي

ڳوٺ گلو خان چنا واسين حاتم علي چنو بابر علي، ذوالفقار علي ٻين احتجاج

ٻاڻن حملو ڪري زخمي ڪيو آهي، ڪيس داخل ڪرائڻ باوجود پوليس ڪين گرفتار ناهي ڪيو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور وڏا ماڇيون ٿاڻي جي حد ۾ پٿو نه ڏيڻ تان جوابدارن جو ڳوٺاڻن تي حملو عورت سميت چار ڄڻا زخمي متاثر ڳوٺاڻن جو خيرپور ۾ احتجاج ڳوٺ گلو خان چنا جي رهواسين حاتم علي چنو، بابر علي، ذوالفقار علي چنو احتجاج ڪندي ڏاهيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدارن بدرالدين چنو فرمان چنو، مير محمد چنو

سينئر ڊرائينگ ٽيچر سيد رياض حسين شاهه رٽائرڊ، راهوجا هاءِ اسڪول ۾ الوداعي تقريب

ڊي اي او خيرپور عبدالسميع ڀٽو، ٽي اي او ڪنگري، ٽي اي او خيرپور ۽ ٻين جي شرڪت

استاد اڳواڻن، آرٽس جي ماهرن، شاگرد ۽ سول سوسائٽي پاران خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪئي

پيرجوڳوٺ (ن ع) خيرپور ضلعي جي سينئر ڊرائينگ ٽيچر ۽ آرٽس ماهر سيد رياض حسين شاهه بخاري پنهنجي نوڪري تان رٽائرڊ ٿي ويو. گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ڳوٺ راهوجا ۾ سندس ماڻ ۾ استادن ۽ شاگردن پاران الوداعي تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت ڊي اي او
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

پيرجوڳوٺ: گورنمينٽ بوائز اسڪول راهوجا جي سينئر ڊرائنگ ٽيچر رياض حسين شاهه جي ساں ۾ ڪيل الوداعي پارٽي جو ڏيک

شهدادپور ۾ پوليس حراست هيٺ وحشياڻي تشدد ۾ قتل ٿيل استاد جا قاتل گرفتار نه ٿيا

مقتول جي وارث عورتن ۽ مردن پاران فوتي استاد عزيز جکرو جو لاش هالا قومي شاهراهه تي رکي ڌرڻو هنيو

قاتل ايس ايڇ او ۽ ملوث اهلڪارن تي فوري طور ڪيس داخل ڪري ڪين گرفتار ڪري

قومي شاهراهه بند ٿيڻ سبب روڊ جي ٻنهي طرفن کان گاڏين جون وڏيون قطارون لڳي ويون

هالا/شهدادپور (نمائندن وڪان) شهدادپور ۾ پوليس حراست هيٺ وحشياڻي تشدد ۾ قتل ٿيل پرائمري اسڪول جي هيڊ ماسٽر چار عزيز جکرو جي وارثن پاران قتل ۾ ملوث ايس ايڇ او شبير دلواڻي ۽ ملوث
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: سينڪڙن ماڻهو پوليس تشدد ۾ مارجي ويل استاد جو لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

مقتول جي پيءُ چار حيدر جکرو جي فرياد تي واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ ايس ايڇ او غلام شبير دلواڻي سميت پنج اهلڪارن جا نالا شامل

ايف آءِ آر ٿي نواب شاهه ڪيس داخل ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڊائريڪٽر انفارميشن سنڌ حزب الله ميمڻ جي ليجنڊ اداڪار مصطفيٰ قريشي ۽ سندس پٽ سان ملاقات، گلدستا پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستاني ليجنڊ اداڪار مصطفيٰ قريشي ۽ سندس پٽ، ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر عامر قريشي سان سندس ڪلفٽن ڪراچي رهائشگاهه تي ڊائريڪٽر انفارميشن فلم ٽي وي سنڌ حزب الله ميمڻ ملاقات ڪئي تازي

ڪراچي: ڊائريڪٽر انفارميشن حزب الله ميمڻ اداڪار مصطفيٰ قريشي ۽ سندس پٽ عامر قريشي کي گلدستو ڏئي رهيا آهن

پنوعاقل لڳ ڪارڻ معاملي تان جتوئي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 5 ڄڻا زخمي

ڳوٺ سفر جتوئي واسي ڌرين ۾ جهيڙي دوران عبدالمطلب، خالد، يوسف ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

زخمين کي ڳنڀير حالت ۾ وارث تعلقي اسپتال داخل ڪرائي پوليس خلاف نعريبازي ڪئي

جوابدار اسان جي ٽن نوجوانن غلام فاروق، شفيق احمد ۽ آصف کي اغوا ڪري ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ قومي شاهراهه تي نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ نوجوان سخت زخمي، اسپتال منتقل

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ ٽي ڏينهن اڳ گم ٿيل نوجوان جو لاش هٿ

ڳوٺ اروڙ واسي نسيم مهر پٽ مجيد مهر ٽي ڏينهن اڳ گهر ٿي ويو هو

هنگورجا ۾ قومپرست ڪارڪن پاران شاگرد مارچ تي تشدد خلاف احتجاج

ڪارڪن ڊاڪٽر نذير ڪوري، فرحان منگي، شبير منگيهو عبيد ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس انتظاميا پرامن مارچ تي لٺ بازي ڪئي، انصاف جو مطالبو ڪيون ٿا: مظاهرين

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

جوابي فائرنگ دوران سلطان شاهه ۽ سندس پٽ حيدار شاهه مرقعي تي ٽي گولين جو نشانو بڻجي مارجي ويا

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪنبر ۾ پ ٽ الف پاران استاد چار عزيز جکرو جي قاتل جي گرفتاري لاءِ ريلي

الف اڳواڻ پير بخش راڄڙ، عثمان راڄڙ عباس شاهه شفيع راجپوت جي اڳواڻي ۾ سنڌي پرائمري اسڪول آڏو احتجاج ڪيو
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل فروٽ ۽ سبزين جي ريڙهي وارن جو انتظاميا خلاف احتجاج

اي سي ۽ ٽائون انتظاميا فيس ڏيڻ باوجود به ريڙهيون اونڌيون ڪري نقصان پهچايو آهي

انتظاميا جي زيادتين جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل: فروٽ ۽ سبزين جي ريڙهي وارن جو انتظاميه خلاف احتجاج پنوعاقل ۾ فروٽ ۽ سبزين جي ريڙهي وارن پاران انتظاميا خلاف اي سي آفيس آڳيان ريڙهيون بيهاري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران مظاهرين پاران زوردار نعريبازي پڻ ڪئي وئي. مظاهرين جو چوڻ
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي ۾ غيرقانوني ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڊگريون جاري ڪرڻ جو انڪشاف

سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ ايم فل اسڪالر سيد سجاد حسين شاهه درخواست داخل ڪرائي

حيدرآباد عدالت سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊ سميت لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) هيڪ جي پاليسين مطابق رد ڪيل اميدوارن کي سنڌ يونيورسٽي انتظاميا پاران رولز جي ابتڙ پي ايڇ ڊي ۽ ايم فل ڪرائڻ جو انڪشاف معاملو سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ حيدرآباد پهچي ويو عدالت سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ گهرو جهيڙي سبب مڙس پنهنجي زال کي قتل ڪري پاڻ آپگهات ڪري ڇڏيو

ملير سٽي برهاڻي ٽائون ۾ ٽن ٻارڙن جي پيءُ ذيشان جو ڦاهو لڳل ۽ سندس زال جو زمين تي پيل لاش هٿ آيا

مڙس پهرين زال کي قتل ڪيو ۽ پوءِ پاڻ ڇت سان ٻڌي ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو

والدين وچ ۾ معمولي ڳالهه تي جهڳڙو ٿيو جيڪو وڌي ويو، گهر ۾ ٽئي ٻارڙا پڻ موجود هئا

گڏيجي هٿياربند ڳوٺاڻي کان روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

[illegible]
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

مهراڻ پيٽرول پمپ ڀرسان حادثي ۾ عديل احمد بروهي زخمي ٿي پيو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو لڳ هٿياربند ڌاڙيل ڪار لٽي ويا

[illegible]
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي ڀرسان خاصخيلي ۽ لاڪا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 11 ڄڻا زخمي

سرڪاري اسپتال ڀرسان رهندڙ ڌرين ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهڳڙو ٿي پيو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: خاصخيلي ۽ لاڪا برادرين جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

حيدرآباد: پنجين حيدرآباد اولمپڪ ايٿليٽڪ چيمپيئن شپ ۾ شاگردياڻيون حصو وٺي رهيون آهن

ميرپورخاص لڳ معصوم نياڻي آمنا کي اغوا ڪري قتل ڪندڙ مبينا جوابدار گرفتار

معصوم ٻارڙي جي قتل ڪيس ۾ پوليس مک جوابدار زاهد خاصخيلي جي گرفتاري ظاهر ڪئي

جوابدار زاهد خاصخيلي ۽ هڪ ٻئي جوابدار آمنا کي 4 نومبر تي زنا جي نيت سان اغوا ڪيو: ايس ايس پي

نياڻي جي رڙين جي ڊپ کان گهٽا ڏئي قتل ڪيو، لاش کي ٻوري ۾ بند ڪري جمڙائو ڪئنال ۾ لوڙهي ڇڏيائون، ٻئي جوابدار جي ڳولا جاري آهي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) جهلوري ۾ اغوا بعد زيادتي ڪري قتل ڪيل 8 سالن جي معصوم ٻارڙي آمنا ڪنڊاڻي جي قتل ڪيس ۾ پوليس ڪيس جي مبينا طور مک جوابدار زاهد خاصخيلي جي گرفتاري
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

شڪارپور جي جج ۽ وڪيل برادري جي وچ ۾ هلندڙ تڪرار، جج بدلي

وڪيل برادري پاران عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو

احتجاج جو اختيارن نوٽيس وٺندي جج محمد علي قريشي کي بدلي ڪري ڇڏيو

شڪارپور(ڊ ر) شڪارپور جي جج ۽ وڪيل برادري جي وچ ۾ هلندڙ تڪرار وڪيل برادري طرفان عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ۽ احتجاج جج جي بدلي،تفصيل موجب، شڪارپور جي ڦٽ ايڊيشنل سيشن جج محمد علي قريشي ۽ وڪيل راض محمد هڪڙو ۽ وڪيل عابد حسين ابڙو
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ وڪيلن پاران اسلام آباد ۾ ٿيل ڌماڪي خلاف عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ وڪيلن پاران اسلام آباد ۾ عدالتي احاطي ۾ ٿيل ڌماڪي خلاف عدالتي ڪارروائن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو ٽنڊوآدم بار جي صدر عبدالله خٽڪ جي اڳواڻي ۾ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو ان
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ دهشت جي علامت بڻيل ڌوهاري سلطان شاهه پٽ حيدار شاهه سميت پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

جوابدار پٽ سان گڏجي روهڙي ۾ فيضان شيخ کي ڦُرلٽ دوران مزاحمت تي زخمي ڪري فرار ٿيا: پوليس

اطلاع تي پيڇو ڪري سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ جوابدارن جو گهيرو ڪيو ته فائرنگ ڪري ڏني

جوابي فائرنگ دوران سلطان شاهه ۽ سندس پٽ حيدار شاهه مرقعي تي ٽي گولين جو نشانو بڻجي مارجي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ دهشت جي علامت بڻيل بدنام ڌوهاري سلطان شاهه پنهنجي پٽ حيدار شاهه سميت پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو پوليس ٻنهي جون لاشون ۽ سندن ڪارتحويل ۾ وٺي ورتي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺاڻن عورتاڻو ويس پهري گهرن ۾ داخل ٿيندڙ ٻن چڙن کي پڪڙي پوليس حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ سوئيڪندر ۾ مختياڪار آفيس ٽنڊوآدم جي سينئر ڪلارڪ شاهنواز ڪيريو جو وڏو ڀاءُ محمد سليمان عرف بابو ڪيريو مختصر علالت بعد هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن کي سوين آلين
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺاڻن عورتاڻو ويس پهري گهرن ۾ داخل ٿيندڙ ٻن چڙن کي پڪڙي پوليس حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم تعلقي ٿاڻي جي حد ڳوٺ غلام قادر جوڻيجو ۾ ٽي ڄڻا پنجاب واسي ٻه نوجوان عورتاڻو ويس پهري ڳوٺ جي ريشمو ڀيل ۽ گڏو سولنگيءَ جي گهر ۾ داخل ٿيا ۽ ڳوٺاڻن
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

دادو: اسلام آباد ۾ عدالت تي آپگهاتي حملي خلاف دادو ۾ عدالتي بائيڪاٽ سبب ڪورٽ خالي نظر اچي رهي آهي

حيدرآباد: ايڇ آر سي پي جو وفد سول اسپتال حيدرآباد جي ايم ايس ڊاڪٽر علي اڪبر ڏاهري سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

چانهوءِ جو ڏڙو سنڌ جي تهذيب جي تاريخ جو قيمتي ورثو آهي: عذرا فضل پيچوهو

ڪوٺائي دوران هٿ آيل آثارن موجب اهو ماڳ موهن جو ڏڙو کان به وڌيڪ قديم آهي

ڪوٺائي مان هٿ آيل سڀئي قديمي شيون ميوزم ناهي محفوظ ڪيون وينديون

سڪرنڊ (ن ع) پاڪستان ۽ فرانس جي قديمي ماڳن جي ماهرن پاران گذريل ڏهه سالن کان سڪرنڊ جي تاريخي ماڳ چانهوءِ جو ڏڙو ۾ ٿيندڙ کوٽائين جي نتيجن جو جائزو وٺڻ لاءِ قائد عوام انجنيئرنگ
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

روزاني مهراڻ جو اڳوڻو چيف ايڊيٽر فقير خان محمد هنگورجو لاڏاڻو ڪري ويو

آخري رسمن ۾ غلام دستگير راڄڙ، پير بخش جوڻيجو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪيرو(ن ع) اڳوڻو پي آئي اي آفيسر روزاني مهراڻ اخبار جو اڳوڻو چيف ايڊيٽر فقير خان محمد هنگورجو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد اٽڪل 65 ورهين جي ڄمار ۾ ڪراچي نجي اسپتال ۾ وفات ڪري ويو مرحوم جي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

عثمان شاهه هڙي ۾ ايس ڊي ايم جي ڊول ڪور روڊ جي تعمير لاءِ واپارين سان گڏجاڻي

شهر ۾ ناجائز آڏاوتون ٻن ڏينهن اندر هٽائڻ جي هدايت، تعاون نه ٿيو ته سرڪار پاڻ ايڪشن وٺندي:شهزادو جروار

عثمان شاهه هڙي(ڊ ر) شهر عثمان شاهه هڙي شهري واپارين سان ايس ڊي ايم جهنڊومري شهزادو عمير جروار، ايگزيڪيوٽو ايجنئير پرونشل هاءِ ويز آصف سمون، غلام شبيرميرجت مختياڪار جهنڊومري، منظور ميرجت سب ايجنئير سان گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ٽنڊوآدم - ٽنڊوالهيار مين ڊول ڪور روڊ جي لاءِ تعميرجي سلسلي ۾ ڪنهن قسم

ڪوٽڙي ايريگيشن کاتي جي ڪامورن ڪرپشن جي انتها ڪري ڇڏي آهي: يونين اڳواڻ

واهن جي کوٽائي خانگي ٺيڪيدارن کان ڪرائي اربين روپين جي سرڪاري مشينري ناڪارا بڻجي وئي آهي

سرڪاري ورڪشاپن کان ڪم نه ڪرايو ويو ته هزارين ملازم بيروزگار بڻجي ويندا: پريس ڪانفرنس

ڪوٽڙي (ن ع) ايريگيشن کاتي ڪوٽڙي جي ميڪينيڪل ڊويزن ڪوٽڙي جي يونين اڳواڻن اشرف ڪولاچي، رفيق قاضي ۽ ٻين ڪوٽڙي پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هڻندي چيو ته ايريگيشن کاتي ۾ ويٺل ڪامورن کاتي ۾ ڪرپشن جي انتها ڪري ڇڏي آهي واهن
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: آبپاشي عملدار پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

شهدادڪوٽ ۾ وڪيلن پاران اسلام آباد واقعي خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

ڪورٽ جي حدن ۾ آپگهاتي حملي ۾ وڪيلن ۽ شهرين جي شهيد ٿيڻ تي افسوس جو اظهار

آپگهاتي حملي سبب ٿيل انساني جانين جو نقصان ڏکوئيندڙ ۽ ناقابل برداشت آهي: اڳواڻ

شهدادڪوٽ (ڊ ر) اسلام آباد ۾ ڪورٽ جي حدن ۾ آپگهاتي بمبارجي حملي ۽ ان حملي ۾ وڪيلن ۽ شهرين جي شهيد ٿيڻ تي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ وڪيلن احتجاج طور ڪارو ڏينهن ملهايو ضلعي اندر سمورن شهرن ۾ وڪيلن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون ۽ احتجاجي جنرل
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سامارو ۾ مسئلن جي حل لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران کلي ڪچري منعقد

کلي ڪچهري ۾ پوليس، چورين، ڌاڙن، صفائي، صاف پاڻي سميت ٻيون شڪايتون ڪيون ويون

اوهان جا مسئلا جائز آهن، اسان ترجيحي بنيادن تي حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪنداسين: اي سي

سامارو (ن ع) سامارو روڊ شهر ۾ اي سي پاران کلي ڪچري شهرين جا شڪايتن جا انبار خبر موجب اسسٽنٽ ڪمشنر سامارو سنجي ڪمار ترڪيو پاران منعقد ڪيل يوسي سامارو روڊ آفيس ۾ روينيو ڊپارٽمينٽ جي سيل سرٽيفڪيٽ، فوتي کاتي بدل بيٺڪ گروي لاهڻ داخلا رکڻ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

انساني حقن واري ڪميشن آف پاڪستان جي وفد جو لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جو دورو

وفد ۾ HRCP حيدرآباد جي ڪوآرڊينيٽر غفرانه آرائين، ميمبر سليم جروار، امداد چانڊيو ۽ تنوير آرائين شامل هئا

وفد ايم ايس ڊاڪٽر علي اڪبر ڏاهري سان ملاقات علاج سهولتن، صفائي ۽ مريضن کي مهيا ڪيل خدمتن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي

روزانو اينڊز مريضن جو انگ هزارن ۾ پهچي چڪو آهي، ايمرجنسي سروسز جي ڪجهه اهم شعبن کي شهر کان ٻاهر منتقل ڪيو وڃي: ايم ايس

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) انساني حقن واري ڪميشن آف پاڪستان جي وفد جو لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جو دورو ايم ايس ۽ مريضن سان ملاقات، ڊينگي وارڊ ۽ طبي سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ پرٽيل ناري جو احتجاج، چئين جوابدارن مٿان زيادتي ۽ گهر مان سامان ڦر ڪرڻ جو الزام، انصاف جي اپيل

ڪوٽڙي (ن ع) هاري ڪيمپ سائيٽ ڪوٽڙي جي رهواسڻ پرٽيل عورت فائزا آرائين صحافين اڳيان احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته عبدالله سمون ۽ غلام محمد سمون سميت چئن جوابدارن گهر ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي سائس زبردستي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

پي ايس 9 ڳڙهي ياسين تي آغا شهباز خان دراني جا نامزدگي فارم بحال ٿي ويا

سردار ذوالفقار ڪماريو ۽ سندس پٽ جمع ڪرايل نامزدگي ڪاغذ واپس ڪرائي ورتا

پارٽي قيادت جي هدايت تي نامزدگي ڪاغذ واپس ورتا آهن: ذوالفقار علي ڪماريو

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جمالي) شڪارپور جي پي ايس 9 ڳڙهي ياسين ۾ 14 ڊسمبر تي ٿيندڙ ضمني چونڊن ۾ ضلعي ڪائونسل شڪارپور جي چيئرمين ۽ پيپلز پارٽي جي جنرل سيڪريٽري سردار ذوالفقار علي ڪماريو ۽ سندس پٽ بشارت خان ڪماريو آر او آفيس ۾ پنهنجا نامزدگي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو شهر ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ کليل ڪچهري منعقد

کلي ڪچهري ۾ شهرين پاران واٽر سپلائي، پبلڪ هيلٿ، اسڪول ۽ ڊرينيج باب شڪايتون

سڀ کان وڌيڪ شڪايتون پبلڪ هيلٿ خلاف آهن، هر هڪ مسئلو ضرور حل ٿيندو: عبدالوهاب ميمڻ

عبدالوهاب ميمڻ پاران سول اسپتال جو دورو پڻ ڪيو ويو ايمبولينس جي غير موجودگي تي نوٽيس

بدين (ڊ ر) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ، بدين عبدالوهاب ميمڻ پاران ٽائون ڪميٽي ٽنڊو شهر ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي انهي کان اڳ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ واٽر سپلائي اسڪيم بي، گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو شهر ۽ سول اسپتال ٽنڊو جو
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: عورت سائس ٿيل زيادتي جي ڪوشش بابت تفصيل ٻڌائي رهي آهي

دادو واسي جو زال جي واپسي لاءِ ساهورن خلاف احتجاجي مظاهرو انصاف جو مطالبو

دادو(ڊ ر) دادو شهر جي ايڪسائيز آفيس جو رهواسي نوجوان ماجد علي ملاح دادو پريس ڪلب پهچي ميڊيا اڳيان داتهيو ته گذريل 6 مهينا اڳ منهنجي سس هير خاتون ابڙو سهرو غلام قادر ابڙو [illegible]
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

بدين: صوبائي محتسب اعليٰ جو ريجنل ڊائريڪٽر عبدالوهاب ميمڻ گورنمينٽ هائي سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو شهر ۾ شاگردن کي خطاب ڪري رهيو آهي

شڪارپور ۾ هٿيارٻندن جي دڪان تي ڪاهه، واپاري کان لکين رپين جي ڦرلٽ، احتجاجي ڌرڻو

اناج منڊي ۾ نامعلوم هٿياربند واپاري رشيد جيهو کي يرغمال بڻائي 15 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا

واقعي خلاف واپارين شڪارپور-جيڪب آباد جي قومي شاهراهه بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو

ڪيترن ئي ڪلاڪن جي ڌرڻي سبب گاڏين جون قطارون لڳي ويون، پوليس مظاهرين کي يقين ڏيارڻ احتجاج ختم ڪرايو

شڪارپور(ڊ ر) شڪارپور جي اسٽورٽ گنج پوليس اسٽيشن جي حد اناج منڊي ۾ نامعلوم هٿياربند هٿيارن جي زور تي دڪان ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي اناج جي واپاري رشيد جيهو کي يرغمال بڻائي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ شرپسندن آبادگارن جا 250 کان وڌيڪ قيمتي انبن وڻ وڍي ويا

واري ڳوٺ واسي آبادگار غلام شبير قلپوٽو جو شرپسند انبن جو باغ وڍي فرار ٿيا ويا

شرپسند جوابدارن لکين روپين جو نقصان ڪيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: متاثر

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ ۾ شرپسندن آبادگار غلام شبير قلپوٽو جي انبن جي باغ ۾ 250 کان وڌيڪ قيمتي انبن جا وڻ ڪٽي فرار ٿي ويا آهن ان ڏس ۾ غلام شبير قلپوٽو جو چوڻ آهي ته شرپسندن انبن جا پوکيل قيمتي وڻ وڍي لکين رپين جو
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڊي سي گهوٽڪي پاران تعلقي اسپتال جو دورو اين آءِ سي ڊي يونٽ 15 ڏينهن ۾ فعال ڪرڻ جو حڪم

گهوٽڪي(ن ع) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي جو تعلقه اسپتال گهوٽڪي جو دورو اين آءِ سي وي ڊي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ستين ڪلاس جي شاگرد سان ٻن جوابدارن پاران جنسي ڏاڍائي انڪشاف

ڏري ميرواهه واسي عبدالرحمان پٽڻي کي جوابدار شاهزيب لغاري ۽ بلاول ماڇڻ جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي وڊيو وائرل ڪئي

جوابدارن اسڪول کان واپسي تي پٽ اغوا ڪري نشي وارين گوريون ڏيڻ بعد جنسي ڏاڍائي ڪئي آهي: والد احسان الحق

ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي پوليس جوابدار ڏر کي رشوت عيوض ڇڏي ڏنو آهي، انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي تعلقي ڏري ميرواهه جو رهواسي ستين ڪلاس جي شاگرد سان ٻن جوابدارن پاران جنسي ڏاڍائي ڪرڻ انڪشاف . جوابدارن جنسي ڏاڍائي جو وڊيو سوشل تي وائرل ڪري ڇڏيو . متاثر شاگرد
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو زهريلو پاڻي پيئڻ سبب پورهيتن جو 7 کان وڌيڪ ٻڪريون مري ويون

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ويجهو ناروڊورو جي رهواسي پورهيتن ميانداد حاجاڻو،علي خان
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

خيرپور ضلعي هي 5 هزار کان وڌيڪ آبادگارن کي اعلائيل ٻج پاڻ جي فراهمي نه ٿي سگهي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ضلعي ۾ انتظامي
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ لاڏائو عورت گل ۽ چوڙيون روڊ ڪناري وڪري لاءِ رکي ويٺل آهي

ڪراچي اسٽيل ٽائون ۾ پورهيتن جو احتجاج، پوليس ۽ رينجرز ڪڙڪي پئي، چڪرين، لٺبازي، 40 ڄڻن تي ڪيس داخل

مطالبن جي مڃتا لاءِ پورهيتن گيسٽ هائوس جو گهيراءُ ڪيو، وڏي انگ ۾ پوليس ۽ رينجرز پهچي وئي

پورهيتن جي گهري هيٺ آيل سي اي او کي تالا ٽوڙي ڪڍيو ويو، چڪرين دوران رينجرز ۽ پوليس لٺبازي ڪئي

پ پ اڳواڻن سميت 40 ماڻهن خلاف ڪيس داخل، ايم اين اي چار عبدالڪريم ۽ ٻين جو سخت احتجاج

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسٽيل ٽائون ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ گيسٽ هائوس جو گهيراءُ ڪندڙ پورهيتن مٿان پوليس ۽ رينجرز ڪڙڪي پئي ۽ تالا ٽوڙي سي اي او کي ڪڍيو ويو جنهن بعد چڪرين ٿي پيون رينجرز ۽ پوليس لٺ بازي ڪئي جنهن بعد اسٽيل ملز جي سيڪيورٽي اهلڪار منير جي فرياد تي اسٽيل ٽائون
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

راضيديرو لڳ نوجوان گهرو پريشانين کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ولي محمد سيال واسي 38 ورهين جي شاهد حسين سيال انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

راضيديرو(ن ع) راضيديرو ڀرسان ڳوٺ ولي محمد سيال واسي 38 سالن جي شاهد حسين سيال گهرو پريشانين کان تنگ اچي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو لڳ مگريا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو مارجي ويو هڪ زخمي

ڳوٺ سونهارو مگريو واسي ڌرين ۾ جهيڙي دوران احمد مگريو ڪهاڙين لڳڻ ڪري مارجي ويو

جهيڙي ۾ مور مگريو زخمي ٿي پيو فوتي جو لاش ۽ زخمي کي تعلقي اسپتال آندو ويو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارث گهر کڻائي پهتا ته ڪهرام مچي ويو، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو ڀرسان ڳوٺ سونهارو مگريو ۾ مگريه برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، جهيڙي جي نتيجي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

منهنجي اولين ترجيح ترڪ ۾ قبائلي جهيڙن جو خاتمو آڻڻ آهي: شاهنواز ڪلهوڙو

سوڀوديرو (ن ع) صدر انجمن اتحاد عباسيه پاڪستان سنڌ پي پي اڳواڻ رئيس شاهنواز ڪلهوڙو راڻي پور جي مقامي هوٽل ۾ ڪاروباري شخصيت عارف حسين پيلار پاران ڏنل آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي رئيس شاهنواز خان وڌيڪ چيو ته
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ نينگر بيٺل پاڻي مان پابوڙا پٽي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.